# ساس سٽي سکر ڊاٽ ڪام

# وايون وٽجارن جون

سفرنامو

## الطاف شيخ

## ڊجيٽل پبلشر

# سنڌي ادبي سنگت

# شاخ سٽي سکر سنڌ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com






هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ٻه لفظ

## محترم دوستو......!

السلام عليڪم

اداري، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽيءَ طرفان اوهان جي لاءِ جڳ مشهور شخصيت، (جنهن ڪي سنڌ جو سندباد جهازي چئجي ته نهايت بهتر ٿيندو) محترم الطاف شيخ جا سفرناما ۽ ٻيا ليک پيش ڪجن ٿا.

اسان محترم الطاف شيخ صاحب جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون جن جي اجازت ۽ تعاون سان اهي ڪتاب ٿوري آئوٽ لوڪ جي ايڊيٽنگ سان (ڪتاب جي متن ۾ ڪابه تبديلي نه ڪئي وئي آهي، صرف ويب سائيٽ تي آڻن لاءِ ان جي آئوٽ لوڪ کي خوبصورت بڻايو ويو آهي) اوهان تائين پهچائي سگهيا آهيون. ان کان علاوه ڪتاب جي پبلشر وغيره جا نالا، سندن مالڪي حقن سبب نه ڏنا ويا آهن. صرف ليکڪ جي اجازت سان سندس ليک ڏنو ويو آهي.

محترم دوستو!.. اسان اُميد ٿا ڪريون ته اوهان پنهنجي راءِ کي پاڻ تائين محدود نه ڪندا، چا ڪاڻ ته اوهان جي اها راءِ ئي اسان جي جياپي جو ڪارڻ آ. وڌيڪ بهتري آڻن لاءِ ضرور راءِ ڏيندا .

ساٿ سلامت

مهرباني



اوهان جي مشوري جو منتظر

**عبداللطيف انصاري**

**شمس آباد سکر سنڌ**

فون 0333-7146119

اي ميل:

abdullateefansari@yahoo.com

editor@sascitysukkur.com



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# انتساب

## غلام محمد سومري نالي

هي ڪتاب، وايون وڻجارن جون، پنهنجي پياري دوست شاهه پنجو جي غلام محمد سومري جي نالي منسوب ڪريان ٿو جيڪو اڄا حيات آهي ۽ شل وڏي ڄمار ماڻي.

شاهه پنجو سلطان جي مرحوم عبدالرحمان سومري صاحب جي وڏي فرزند غلام محمد سومري ۽ سندس فئملي سان منهنجي واقفيت تڏهن کان رهي آهي، جڏهن هو 1960ع ڌاري ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهڻ لاءِ آيو هو. اڄ ٽي وي، ٽيليفون، ريڊيو ۽ ڊش (Channels Satellite) ڳوٺن جي ماڻهن کي به شهر جي رهاڪن جهڙو تيز ۽ چالاڪ ڪري ڇڏيو آهي نه ته انهن ڏينهن ۾ ڪراچي، پنڊي، لاهور ويندي حيدرآباد کان آيل شاگردن جي مقابلي ۾ اسين ڳوٺن جا شاگرد جهڙا گونگا ٻوڙا ۽ عجيب درويش هوندا هئاسين.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

شهري ۽ ڪانوينٽ اسڪولن جي انگريزي ڳالهائيندڙ ڇوڪرن اڳيان اسين پيا شرمائيندا هئاسين. ’اڙدو‘ ڳالهائڻ ته سٺي نه ايندي هئيسين پر سمجهه ۾ به چڱي طرح نه ايندي هئي. خبر ناهي مرحوم نظاماڻي صاحب (ماتلي جو الله بخش نظاماڻي صاحب جيڪو تن ڏينهن ۾ ڊائريڪٽر ايڊيوڪيشن هو ۽ جنهن جي ڪوشش سان هي ڪئڊٽ ڪاليج سنڌ ۾ کليو هو) ۽ بي جنگ عظيم جي جپاني قيدي (*POW*) انگريز پرنسپال ڪرنل ڪولمبس اسان ڳوناڻن کي ڪيئن چونڊيو. بعد ۾ ڪاليج ڇڏڻ کان گهڻو گهڻو پوءِ خبر پئي ته هن فقط انگريزيءَ کي اهميت نٿي ڏني پر مٿاهين *I.Q* ۽ حسابن جهڙي سبجيڪٽ ۾ اسان کي هوشيار سمجهِي اسان جهڙن ڳوناڻن درويشن جي چونڊ ڪئي هئي. ڪاليج جي پرنسپال جي اها راءِ هئي ته جيڪي *Maths* جهڙي سبجيڪٽ ۾ هوشيار آهن سي سٺي ماستر ملڻ سان انگريزيءَ ۾ به هوشيار ٿي ويندا ۽ ان ڪم لاءِ هن ڪئپٽن هارلي، هاورڊ ۽ ٻين انگريزي ماسترن کي انگلنڊ مان گهرائي اسان جي پڙهائيءَ لاءِ رکيو هو. ڪاليج ڇڏڻ بعد به اسان جو پراڻو انگريز پرنسپال ڪرنل ڪومبس ڪاليج جي بهتريءَ لاءِ صلاحون ڏيندو رهيو ۽ جڏهن به ڪاليج جي لاءِ نون ڇوڪرن جي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چوندا جي سلسلي ۾ اهو سوال اٿاريو ويو ٿي تہ انگريزيءَ جي ڄاڻ ڪي اهميت ڏني وڃي تہ هن کي ان هر وقت رد ڪري هميشہ پنهنجي شاگردن جو مثال ڏنو ٿي، جيڪي ڳوٺ جا هئا. انهن ڪاليج ۾ داخلا وقت سنڌي لهجي ۾ انگريزي نہ ٿي ڳالهائي. ان خيال کان ڪين ذهين شاگرد نہ سمجهي ڪين ڪاليج لاءِ چونڊڻ نہ ڪپندو هو پر مئٽس ۾ هوشيار هجڻ ڪري ڪين ڪاليج لاءِ ڪنيو ويو ۽ پوءِ ڪاليج ۾ سنڌي پڙهائيءَ ۽ سٺن استادن ڪري هنن مئٽس سان گڏ انگريزيءَ ۾ بہ مٿاهون نمبر ڪنيو. اهي بہ شاگرد جن جا نالا ڪرنل ڪومبس جي زبان تي مرڻ گهڙيءَ تائين رهيا هئا: هڪ جانگارا باجارا جو اقبال ترڪ ۽ ٻيو شاهہ پنجوءَ جو غلام محمد سومرو.

اقبال ترڪ تہ وري بہ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪجهہ تيز هو غلام محمد سومرو تہ آخر تائين جهڙو ٻالو ٻولو. ويتر پنهنجي ڪلاس جي ٻين شاگردن کان عمر ۽ قدبت ۾ بہ ننڍو هو ۽ نہ ڪنهن سان جهيڙو جهٽو ڪندو هو جو گهٽو نمايان ٿئي. ان ڪري وڏي عرصي تائين گهٽن کي خبر ئي نہ پئي تہ هي ڪيڏو هوشيار آهي. ڇو جو انهن ڏينهن ۾ اسان ۾ هوشيار اهو سمجهيو ويندو هو جيڪو انگريزيءَ ۾ زور شور سان گٽ مٽ ڪري ڳالهائي. ان کان علاوه



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٺورو داداگير ٽائپ به هجي. ڪپڙي گندي ۾ فئشن وارو هجي ۽ جنهن تنهن سان ـ خاص ڪري استادن سان به سوال جواب ڪري.
اهي مڙيئي ڳالهيون غلام محمد سومري ۾ نه هيون. پنهنجو منهن وٽي ماٺ ميٺ ۾ ائين پيو هلندو هو ڄڻ ڪنهن مدرسي جو يتيم خٿابي هجي. هرهڪ جي ڪم ايندو هو. مانيءَ ٽڪيءَ تي به پهريون پيا ڪٽي پوءِ هن اڳيان ڪٽي ڏش ڦٽو ڪندا هئا ته ٿلهي رس سان به ماني کائي اٿندو هو. پر جي ڪڏهن ڪيس سيپ ڪان اڳ ڏش ملي ويندو هو ته به لالچ ڪري گهڻو ته نه ڪڻندو هو پر پنهنجي حصي جون ٻوٽيون به نه ڪڻندو هو. وري ساڳيو رس ڪٽي کائڻ شروع ڪندو هو. ڪپڙي گنديءَ ۾ آخر تائين نه فئشن ڪيائين نه شوبازي. اڄ به ڪيس ڏسبو آهي ته اهي ڏينهن ياد ايندا آهن. منهنجي خيال ۾ ته پهريون سال اڌ ته ڪيس ڪنهن ماستر صاحب به اهميت نه ڏني پر پوءِ آهستي آهستي سندس تعريف شروع ٿيڻ لڳي. مونکان هڪ سال جونئر هو ان ڪري سندس ڪلاس روم جي ڪارڪرديگيءَ جي خبر نٿي پيئي ته ڪلاس روم ۾ هو ڪهڙا ڪارناما ڪري ٿو. آخري سال ۾ اسان *Self Studies* ڪري رهيا هئاسين ته منهنجي ڪلاس ميٽ دربيلي جي خالد مخدوم کي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مئٿس جو ڪو سوال سمجهه ۾ نه آيو. ڪنهن ڪان پڇڻ لاءِ ٻاهر ويو. واپس اچي ٻڌايائين ته غلام محمد سومري اهو سوال Solve ڪري ڏنو آهي.

”غلام محمد!“ اسان تعجب مان ڪائنس پڪ ڪئي، ”هو ته فرسٽ ايئر ۾ آهي. اسان جي انٽر جي مئٿس جو حساب هن ڪيئن ڪيو؟“

جواب ۾ ان وقت خالد مخدوم فقط ڪلندو رهيو پر پوءِ مون کي آهستي چيائين: ”يار هي پاڻ وار گلو (غلام محمد سومرو) جيڪو اٿئي واقعي ٻيو نيوٽن آهي.“

”ڪيئن؟“ مون پڇيومانس.

”بس مئٿس ۾ هن سان ڪو نه پڄي،“ خالد وراڻيو. ”حساب ائين ڪري ٿو جڻ کير پيٽ ڪائجي.“

ان بعد آئون به مئٿس جا ڏکيا سوال، خاص ڪري ڪئلڪيولس جا غلام محمد سومري کان پڇڻ لڳس. تن ڏينهن ۾ اڃان Calculator نه نڪتا هئا. لاگ ٽيبل ذريعي وڏيون وڏيون ضربون ۽ ونڊون ڪبيون هيون. هڪ ڏينهن غلام محمد کي چيم: ”جنهن به هي لاگ ٽيبل ايجاد ڪيو آهي ان ڪمال ڪيو آهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خبر ناهي ڪيئن لکيا اٿس.“

”بلڪل آسان ته آهن“غلام محمد وراڻيو.

”ڪيئن ڀلا“ مون پڇيومانس.

ان بعد غلام محمد لاڳ، ائنتي لاڳ ۾ ٻيون شيون حساب ڪتاب ذريعي مون کي ٻڌايون ته هيئن ايجاد ٿيل آهن. جيڪي مون کي ان وقت ته سمجهه ۾ نه آيون پر پوءِ به ڪيترن سالن تائين اهي ترڪيبون نه آيون ته ايجاد ڪندڙ ڪهڙي طرح اهي ٺيبل ٺاهيا آهن. اڄ جو فرسٽ ايئر يا انٽر جو شاگرد يا $B.E$ جي ڊگري حاصل ڪندڙ انجنيئر ان هڪ ڳالهه مان اندازو لڳائي سگهي ٿو ته غلام محمد سومرو ڪيترو هوشيار ۽ محنتي شاگرد هو. مزي جي ڳالهه اها ته هو هيڏي وڏي ڳالهه هجڻ جي باوجود به هميشه نياز ۽ نئڙت سان هليو ٿي. انٽر ڪرڻ بعد غلام محمد $NED$ ڪاليج ۾ آيو. مونکي ياد آهي ته $B.E$ جي فائنل ايئر ۾ رزلٽ ڏسڻ لاءِ غلام محمد اخبار ورتي ان ۾ پنهنجو نمبر ڳوليو. فرسٽ ڪلاس ڪان وٺي شروع ٿياسين. ظاهر آهي غلام محمد جهڙو ذهين شاگرد ئي فرسٽ ڪلاس ڪڍي سگهي ٿو پر افسوس جو سندس نمبر فرسٽ ڪلاس ۾ نه هو ان جي ڏک جو اندازو هرڪو لڳائي سگهي ٿو. اسان دوستن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪي جيترو افسوس ٿيو ان ڪان وڌيڪ ڪيس ٿيو. اسان چيس تہ هڪ دفعو وري ڏس مٿان نظر جو دوکو ٿي ويو هجي. پر فرسٽ ڪلاس واري لسٽ ۾ سندس نمبر نہ هو سو نہ هو. ان بعد سيڪنڊ ڪلاس ڏٺائين ان ۾ بہ نہ هو. ” غلام محمد هي چا....!؟“ اسان رڙڪئي، ”بس يارا جيڪو نصيب ۾ هوندو اهو ئي ٿيندو. محنت ڪرڻ منهنجو ڪم هو اڳتي جيڪو ياڳ ۾“ هن ٻڏل ۽ ڏکوبل دل سان چيو.

”هاڻ پلا ٽرڊ ڪلاس ۾ ڏسجي“، اسان دوستن دل ئي دل ۾ سوچيو. تيسين غلام محمد سومرو پنهنجي نمبر جي ڳولا ۾ اخبار جي پوڇڙ تائين وڃي نڪتو. ڪنهن بہ ڪلاس واري ڪالم ۾ نہ هو. اخبار ڪائنس وٺي مون هڪ وار جاچيو. فرسٽ ڪلاس ۽ سيڪنڊ ڪلاس جانچي هاڻ ٽرڊ ڪلاس تائين پهتو هوس تہ پر ۾ بيٺل لاڙڪاڻي جي اختر علي عباسيءَ رڙ ڪري چيو ”اڙي هي بلڪل مٿي ڏسو تہ چا لکيو پيو آهي.“

نمبر شروع ٿيڻ کان اڳ وڏن اکرن ۾ لکيل هو تہ غلام محمد سومري فرسٽ ڪلاس فرسٽ ڪنيو آهي. اڄ بہ اها سين ياد ڪري ڪل ايندي آهي تہ فرسٽ ڪلاس فرسٽ اچڻ واري کي اسان فيل ڪري ويٺا هئاسين.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

غلام محمد سومري کي تعليم ۾ پڙ ڪرڻ لاءِ خاص محرڪ سندس والد عبدالرحمان سومرو صاحب هو جنهن پنهنجي اولاد جي صحيح طور پرگهور ۽ تعليم جهڙي زيور سان آراسته ڪرڻ ۾ ڪنهن طرح به نه گهٽايو. ايتريقدر جو جڏهن ڏنائين ته سندس نوڪريءَ ڪري هو ٻارن کي ايترو وقت نٿو ڏئي سگهي ته هن وقت کان اڳ نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي ڇڏي. پاڻ ان وقت ۾ ميرپور خاص ۾ چيف آفيسر هيو. ساڻس منهنجي ملاقات پيٽارو دادو ۽ آخر ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيندي رهي. پاڻ 1915ع ۾ جاوا ۽ هن سال ڪجهه عرصو بيمار ۽ ڪمزور رهڻ بعد گذاري ويا. سندس ٽي ڄڻا نڌيپڻ کان سنا دوست رهيا. آخوند عبدالرسول لاڪير جيڪو اجا حيات آهي ۽ ميهڙ ۾ رهي ٿو. مرحوم سرائي حاجي شمس الدين مگسي ۽ ٽيون مرزا خان چانديو.

سنڌ ۾ دادو ضلعو شروع کان پنتي پيل ضلعن مان هڪ مڃيو وڃي ٿو جنهن ۾ نه حيدرآباد، نوابشاهه، ڪراچي، سکر جهڙا رستا رهيا ۽ نه اسڪول ڪاليج. پيٽو، شاهه پنجو سلطان، خيرپور ناٿن شاهه جهڙن ڳوٺن جي حالت ته اجا به خراب رهي آهي ۽ اهڙن ڳوٺن ۾ رهي خود به تعليم وٺڻ ۽ اولاد کي به تعليم جو شوق ڏيارڻ وڏي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڳالهہ سمجهڻ ڪيپي ۽ غلام محمد سومري جي والد صاحب نہ فقط پُٽن کي پر ڌيئرن کي بہ پڙهايو. غلام محمد جي وڏي ڀيڻ جي شادي سندس سؤٽ غلام نبي سومري سان ٿي. غلام نبي سان اسان جي دوستي 1965ع ۾ ٿي هئي. اسان مينارام هاسٽل ۾ رهندا هئاسين ۽ هي جناح ڪورٽس هاسٽل ۾ رهي ايل ايل بي ڪري رهيو هو. لا ڪرڻ بعد وڪيل ٿيو ۽ ڪراچيءَ ۾ خالد اسحاق ڪمپنيءَ سان ٿي سال ڪن پرئڪٽس ڪري پوءِ دادوءَ جا وڻ وڃي وسائين. ڪراچيءَ ۾ پڙهيل ۽ نوڪري ڪيل نازڪ طبيعت ۽ سهڻي صورت ۽ سيرت واري هن ماڻهو (غلام نبي سومري) لاءِ مونکي پڪ هئي تہ هو دادوءَ جهڙي شهر ۾ ٻارهن مهينا بہ نہ رهي سگهندو. پر هن کي دادوءَ جهڙي شهر ۾ ٻارهن سالن کان بہ مٿي ٿي ويو آهي. دادوءَ ۾ هو غريبن جو همدرد ۽ هڏ ڏوکي، هر هڪ سان نياز ۽ نئڙت سان ڳالهائڻ وارو ٽاپ جو وڪيل مڃيو وڃي ٿو. سندس ڪاميابيءَ جو رازُ لڳاتار محنت ۽ نيڪ نيتي آهي. ويجهڙائيءَ ۾ ڪيس سنڌ جو ائڊيشنل ائڊووڪيٽ جنرل مقرر ڪيو ويو آهي.

غلام محمد جو ٻيو پيٽويو ابراهيم پڻ سندس سؤٽ آهي. ابراهيم سومرو شروع ۾ فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ هو ان بعد هوم



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڊپارٽمينٽ، فائننس، پبلڪ هيلٿ  لوڪل گورنمينٽ مان ٿيندو اڄڪلهه چيف منسٽر هائوس ۾ ائڊيشنل سيڪريٽري آهي.

غلام محمد جو ننڍو ڀاءُ خالد محمود سومرو اڄُڪلهه سکر جو ڪمشنر آهي ۽ ٻيا ننڍا ڀائر: ظفر، ابراهيم، احمد صادق، مصدق ثاني ۽ اسد الله پڻ مختلف فيلڊس ۾ تعليم حاصل ڪري نوڪري ۾ آهن يا اباڻي زمينداري ڪن ٿا. احمد صادق سان منهنجو خاص لڳاءُ آهي جيڪو ڳوٺ جي مسجد ۾ خطيب آهي ۽ ٻيو ڀاءُ ڊاڪٽر عبدالستار هو جنهن غريب کي ڌاڙيلن شهيد ڪيو هو.

غلام محمد سومري پاڻ NED مان سول انجنيئرنگ ڪرڻ بعد ڪجهه وقت اين اي ڊي ۾ ئي پڙهايو ان بعد ريلوي وارن جو مقابلي جو امتحان پاس ڪري لاڙڪاڻي ۾ ريلوي جو اسسٽنٽ انجنيئر ٿيو. ان بعد جيڪب آباد، سکر، لاهور، نوابشاهه ۾ پڻ رهيو ۽ ڊويزنل ايگزيڪيوٽو انجنيئر ۽ پوءِ سپرنٽينڊنٽ انجنيئر ٿيندو اڄُڪلهه سکر ۾ ويهين گريڊ ۾، چيف انجنيئر آهي. غلام محمد جا ڪُجهه ڪلاس ميٽ يا سال ڪن جونئر ۽ سينئر دوست جن کي منهنجا ڪيترائي پڙهندڙ ضرور سڃاڻيندا هوندا  آهن: لاهور تي وي جو فنڪار اورنگزيب لغاري، نارا ڪئنال ميرپور خاص جو ايس



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اي خادم علي ميمڻ، ٽنڊي يوسف جو غلام حسين چانڊيو، سنڌ جو چيف منسٽر لياقت علي جتوئي (جيڪو سندس پاڙي جي ڳوٺ پيٽو جو پڻ آهي)، اڳوڻو وزير ۽ انبن جو بادشاهه رفيع ڪاچيلو ٺٽا سيمينٽ فئڪٽري جو مرليڌر گنگواڻي، انڪم ٽئڪس جو ڪمشنر نولراءِ اوڏ، پوليس جو ڊي - آءِ - جي غلام قادر مهر، پاڪستان نيوي جو ريٽائر ائڊمرل اظهر حسين، ائنٽي ڪرپشن جو چيئرمين محسن پنهور، مچر ڳوٺ جو ڪئپٽن بشير وسطڙو وغيره.

غلام محمد جا ٻار: ياسر، سلمي، فيصل، خديجه ۽ آمنا مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهن ٿا.

شاهه پنجو سلطان جو هي سومرا خاندان ايمانداري ۽ اصول پرستي ۾ مثالي مڃيو وڃي ٿو. هتي آئون اسلام آباد مان نڪرندڙ رسالي السنڌ ۾ ڇپيل غلام محمد سومري ۽ سندس والد صاحب عبدالرحمان سومرو بابت ڏنل احوال مان فقط هڪ هڪ مثال حوالي طور ڏيان ٿو.

”........ سکر ڊويزن ۾ مرحوم ميان عبدالرحمان سومرو لائق ۽ بهادر سرڪاري عملدارن مان هڪ هو. ميان صاحب آڪٽوبر 1996ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. 1963ع ۾ سپريم ڪورٽ جي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

فيصلي هيٺ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي اباڻي سيٽ تان دستبردار ٿيو ۽ ايوب جي ڪابينا جو ميمبر رهڻ پسند ڪيائين ته هن پنهنجي خالي ڪيل سيٽ تان پنهنجي چاچي سردار پير بخش ڀٽو جو فارم ڀرايو. ڀٽن جي سردار جي مقابلي ۾ بيٺي جي عبدالحميد خان جتوئي فارم ڀرايو جنهن کي ٻن سينيئر سياستدانن مسٽر ايوب کڙي ۽ قاضي فضل الله جي حمايت حاصل هئي. ان چونڊ ۾ ڀٽي صاحب ذاتي دلچسپي وٺي پنهنجي چاچي کي کٽايو. سردار پيربخش پاران قومي اسمبليءَ جو ميمبر چونڊجي وڃڻ کان پوءِ ڀٽو صاحب ۽ حميد خان جتوئي صاحب سخت مخالف ٿي ويا ۽ ان مخالفت رنگ لاتو ته حميد خان کي مينهن چوري جي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو. ان ساڳي ئي چوري ڪيس ۾ ميان عبدالرحمان سومري کي به گرفتار ڪري مٿس زور وڌو ويو ته هو حميد خان جتوئي مٿان وعدي معاف گواهه بڻجي وڃي پر بااصول ميان عبدالرحمان ائين نه ڪيو ۽ عبدالحميد خان جتوئي سان گڏ ڇهه مهينا قيد ڪاٽي آزاد ٿيو.

ميان صاحب جو وڏو پٽ غلام محمد سومرو آهي جيڪو مخفف طور پاڻ کي جي ايم سومرو سڏائي ٿو يا ڪيس سڏيو وڃي ٿو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سو هن وقت ريلوي ۾ جو ڊويزنل سپرينٽينڊينٽ آهي. جي ايم سومرو اين اي ڊي يونيورسٽيءَ جو پهريون سنڌي گولڊ ميڊلسٽ طور پڻ سڃاتو وڃي ٿو. سندس ايمانداري ۽ مخلصي ۽ سچائيءَ جي واڪاڻ سندس دشمن پڻ ڪن ٿا. موجوده منصب کان اڳ هو سکر ۾ ريلوي جي ترقياتي ڪمن واري ڪمپني ”ريل ڪاپ“ جو پراجيڪٽ ڊائريڪٽر هو. پي ڊي ”ريل ڪاپ“ جي حيثيت ۾ سکر ڊويزن ۾ هن ڪيترائي ڪم ڪرايا جنهن ۾ اروڙ- انڊر پاس وارو ڪم به شامل آهي. اروڙ انڊر پاس واري پل جي اڏاوت جي ساڍن ستن ڪروڙن جو ٺيڪو ڪيس ڏنو ويو. هن ڪم مقرر وقت کان اڳي ۽ مقرر تخميني کان گهٽ، يعني 5 ڪروڙن ۾ مڪمل ڪري بچتو اڍائي ڪروڙ روپيا سرڪار جي خزاني ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا. سندس پاران اهڙي ايمانداري ۽ فرض شناسي تي کيس شاباس طور هڪ عدد ”بونس“ جو اعلان ڪيو ويو. پر معلوم ٿيو آهي ته به سال گذري وڃڻ جي باوجود کيس ”شاباسي - بونسي رقم“ جيڪا هاڻي يقينن بانسي تي چُڪي هوندي، اجا تائين ڪونه ملي آهي! “

غلام محمد سومرو پاڪستان ٺهڻ کان پورا ڇهه مهينا اڳ 14 فيبروري 1947ع تي جائو ۽ اڄُ زندگيءَ جا پورا پنجاهه سال پورا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪرڪيٽ تي ڪيس هاف سينچري مبارڪ هُجي.

الطاف شيخ
1 ڊسمبر 1997ع


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ليڪڪ طرفان- هن نئين ڇاپي لاءِ

هي سفرنامو (وايون وڏجارن جون) پڻ منهنجن شروع وارن سفرنامن مان هڪ آهي جيڪي سفر مون 1972ع ۽ 1973 ع جي لڳ ڀڳ واري عرصي ۾ هانگ ڪانگ جي ارد گرد، پاڻي جي جهاز تي مئرين انجنيئر جي حيثيت ۾ ڪيا. اڄ (1997ع ۾) ان کي 25 سال اچي ٿيا آهن.

جتي دنيا ۾ هڪ سال اندر ئي وڏي تبديلي اچيو وڃي اتي چوٿو صدي (پنجويهه سال) وڏو عرصو آهي جنهن ۾ هانگ ڪانگ جهڙن ملڪن ۾ وڏي تبديلي آئي آهي. اڄُ هانگ ڪانگ انگلنڊ جو حصو نہ پر چين جو علائقو آهي ۽ سرڪاري عمارتن تي چين جو جهندو ڦڙڪي ٿو. پوليس توڙي فوج، پوسٽ جو ٽڪليون توڙي سڪا انگلنڊ بدران چين جا هلن ٿا.

ڪجهه ڳالهيون هانگ ڪانگ جي فائدي ۾ ويون. هانگ ڪانگ سياسي طرح هڪ آزاد حڪومت هيٺ رهڻ ڪري، بهترين جاگرافي پوزيشن ڪري، چيني پورهيت مزورن ۽ هندو سنڌي ۽ ڏکڻ هندستاني تامل، يوربي گورن ۽ عرب واپارين ڪري



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هڪ امير ۽ ماڊرن ملڪ بڻجي ويو آهي. اڄ هتي جو رهاڪو سکيو ستابو آهي. هانگ ڪانگ هاڻي غريب ايشيائي نه پر يورپ يا جپان جي ماڊرن ۽ دولتمند شهرن وانگر ٿي ويو آهي. شايد اهو ئي سبب هجي جو چينين هن کي واپس وٺڻ جي ڪئي نه ته ڏتڙيل ۽ بدحال ملڪ، شهر يا ڳوٺ کي اڄ ڪير ٿو پڇي.

هي منهنجا پنجويهه سال اڳ جا سفرناما ڪو هانگ ڪانگ يا ٻئي ملڪ ۾ گائيڊ طور ڪٽي گهمڻ لاءِ نڪري ۽ پڇائيندو وتي ته سستا درزي ڪٿي آهن جن جو الطاف هانگ ڪانگ واري ڪتاب "وايون وڻجارن جون......." ۾ ذڪر ڪيو آهي ته اها وڏي بيوقوفي ٿيندي. هنن منهنجي سفرنامن ۾ پراڻي جڳ جون ڳالهيو آهن جيڪي هاڻ تواريخ جو حصو بڻجي ويون آهن ۽ انهن ڳالهين کي ان پسمنظر ۾ ئي ڏيان ۾ آڻجي نه گائيڊ طور. اها بي ڳالهه آهي ته هن ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون توهان جي رهنمائي به ڪري سگهن ٿيون.

اڄ دنيا جي هر ملڪ ۾ تمام زبردست معاشي، سياسي، انتظامي ۽ سائنسي ترقي ٿي آهي. اڄ کان پنجويهه سال کن اڳ (1972ع) جو محنتي ۽ غريب پورهيت درزي اڄ ڪپڙي جي ڪارخاني جو مالڪ آهي يا بين الاقوامي شهرت جو *Designer* آهي، جنهن جي، نت



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نون ايجاد ڪيل پوشاڪن جي ٽوڪيو، پئرس ۽ لنڊن جهڙن شهرن ۾ فئشن شو ٿين ٿا. چوٽي آهي تہ محنت ۾ راحت آهي ۽ ان ئي چوٽيءَ تي هنن ماڻهن عمل ڪري پنهنجو پاڻ کي ۽ ملڪ کي خوشحال بنايو آهي ۽ غريبيءَ کي تڙي ڪڍيو آهي. ڏکيا ڏينهن گذاري هاڻ هو سک جو ساهہ کڻي رهيا آهن. اڄ خوشحاليءَ ڪري هرڪو ڌاريون هتي ڊيرو ڄمائڻ چاهي ٿو پر سخت قاعدن ذريعي هڪ طرف ڄمر تي روڪ وڌي وئي آهي تہ ٻئي طرف ڌارين ملڪن کان ايندڙ بيروزگارن جي اچڻ تي بہ بندش وڌي وئي آهي. ڌارين لاءِ هاڻ هتي رهڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي پر گهمڻ لاءِ اچڻ بہ ايترو سولو ناهي.

۽ اهو نہ فقط هانگ ڪانگ ۾ ٿي پيو آهي پر دنيا جي هر ملڪ ۾ ٿي ويو آهي. ٻيا ملڪ تہ ڇڏيو پر سريلنڪا، هندستان، برما ۽ بنگلاديش جهڙن غريب ملڪن ۾ بہ ڪو ڌاريون ائين نٿو گهڙي سگهي. هو ترت جهليو ويجي ٿو ۽ هن کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي ٿي. هڪ منهنجي واقفڪار هڪ ڏينهن ڪنهن ڳالهہ تان بيزار ٿي چيو: ”دل چوي ٿي تہ ملڪ ڇڏي ڪنهن ٻي ملڪ ڏي ڀڄي هلي رهجي.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مون چيومانس: ”ڪهڙي ملڪ - ؟ آهي ڪو دنيا جو ملڪ جيڪو پاڻ پاڪستانين کي رهڻ ڏي.“

ڪئناڊا، *U.S.A* ، آسٽريليا جهڙن ملڪن ۾ جيڪڏهن رهڻ ڏين ٿا ته اهو به هر ھڪ کي نه. نوڪري وڃائي، جانچي جونچي پوءِ کنهن کي ورلي رهڻ ڏين ٿا. جڏهن پڪ ٿئين ٿي ته هو جوان مڙس ۽ صحتمند آهي، تمام گهڻو پڙهيل ۽ قابليت وارو آهي، يا وري وڏي دولت جو مالڪ آهي، جنهنجي اچڻ سان هڪ ته سندن ملڪ تي نئين آيل مهمان جو بار نه پوندو، ٻيو ته سندس هنر مندي ۽ دولت مان ان ملڪ کي به فائدو رسندو تڏهن پوءِ ان کي رهڻ جي اجازت ملي ٿي. يا ڪڏهن ڪنهن کي اڪو ڏڪو چڏين به ٿا ته پوءِ ٻاهران ظاهري طرح ڪٽي ”انساني همدردي“ جي ليبل هڻن ٿا پر اندران دل ۾ اهوئي سوچين ٿا جيڪو وڏيرو راهو خان چاچڙ پنهنجي ٻنيءَ تي ٻاگڙين ڀيلن جي ڪجهه گهرن کي رهائڻ وقت سوچي ٿو ته رونبي ۽ چونڊي جهڙي پورهئي لاءِ اهي ۽ سندن اولاد ڪم ايندو. يعني ظاهري طرح ته همدردي پر اصل ۾ *Cheap Labour* لاءِ چو ته يورپ ۽ آمريڪا جا جيڪي امير ملڪ آهن اهي پاڻ ته ٿيا رئيس، سندس گڏهه ڪير هڪليندو سو ان گڏهه کي هڪلڻ لاءِ اسان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جهڙن غريب ملڪن جا ماڻهو آهن.

بهر حال منهنجو مطلب اهو آهي تہ اسان جهڙن غريب ملڪن جي ماڻهن لاءِ هاڻ ڏارين ملڪن ۾ رهڻ ڪو سولو نہ رهيو آهي ۽ غير قانوني طرح ڪنهن ملڪ ۾ گهڙڻ سان ان وقت ئي سوگهو ڪيو ويجي ٿو.

اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ بنگالي، برمي، افغاني، ايراني ۽ ٻيا خبر ناهي ڪهڙن ڪهڙن ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو غير قانوني طرح اچي نڪتا آهن ۽ ويندي پاسپورٽ ۽ شناختي ڪارڊ بہ آساني سان حاصل ڪري اسان جي ملڪ ۾ پنهنجيون جايون جڳهيون، ڪاروبار ڄمايو ويٺا آهن. جن کي ڏسي اسان جا ماڻهو ائين ٿا سمجهن ڇڻ ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ رهڻ بہ ايترو ئي سولو آهي جيترو ڏارين لاءِ اسان جي ملڪ ۾. پوءِ جتي لوپي آهن اتي ٺوڳي بہ آهن. اسان جا ئي ٺڳ ايجنٽ اسانجن، غريب بيروزگار ماڻهن کي، يا گهٽي ڪمائڻ جي لالچين کي وڏين نوڪرين جا آسرا ڏئي، ڪين سعودي عرب، ڪويت، ملائيشيا، ٿائيلينڊ، جپان کان يورپ ۽ آمريڪا جي ڏورانهن ملڪن ۾ غير قانوني طور موڪلين ٿا. پوءِ اسان جا ماڻهو ڏارين ملڪن ۾ پهچيو ڦاسيو پون ڇو تہ اتي جا قاعدا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

قانون اهڙا سخت آهن جو ”اوڏتيهه ڏينهن چور جا ٽيهون ڏينهن ساڌ جو“ وانگر هڪ ڏينهن نه ته ٻئي ڏينهن هو پڪڙجيو پون. پوءِ نوڪري به وئي ۽ ڪوڙي ويزا ۽ ڪاغذن لاءِ جيڪا زمين ٽڪر يا زال جا ڳهه ڳنا وڪڻي خرچ ڪري آيا اهي به ويا. ويتر جيل نصيب ٿئي ٿو. هڪ طرف پاڻ پريشان ٿئي پاسي مائٽ مٿ سورن ۾. دنيا جي انيڪ ملڪن جي ڪيترن ئي شهرن ۾ اسان جا پاڪستاني غير قانوني طرح داخل ٿيڻ جي ڏوهه ۾ جيلن حوالي آهن. پاڪستان جا سفارتخانا ۽ انتظاميا به ڪيتري حد تائين ڪنهن جي وڪالت ڪندي رهندي. ايترن هزارين ماڻهن جي واپسي جون هوائي ٽڪيٽون ۽ ڪورٽن ۾ ڪيس وڙهڻ لاءِ ڪهڙي سفارخاني وٽ ايترو پئسو آهي؟ ان ڪري منهنجي پڙهندڙن کي اها نصيحت آهي ته ٻئي جي ملڪ جي قانون جو احترام ڪيو وڃي ۽ اهو پڻ ڌيان ۾ رکيو وڃي ته هر ملڪ ۾ قانون تي سخت عمل ڪيو وڃي ٿو ۽ هڪ دفعو ڏوهه ۾ ڦاسڻ بعد معافي يا سفارش نٿي هلي پر سزا ئي ڀوڳڻي پوي ٿي. جهلجڻ بعد پوءِ نه اهو ڪوڙو ايجنٽ نظر اچي ٿو جيڪو سونهري باغ ڏيکاري پئسا ڪائي نوڪريون ڏيارڻ جو آسرو ڏئي ٿو ۽ نه توهان جي يا ڪنهن ٻئي ملڪ جو سفارتخانو مدد



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪري ٿو.

ڪير شايد ائين به چوي ته ڪيترن ملڪن (ويندي جپان آمريڪا) ۾ اسان جا ڪيترائي ماڻهو غير قانوني طرح اتي پهچي پورهيو ڪري رهيا آهن. اها به حقيقت آهي. دنيا جي ڪيترن امير ملڪن جون حڪومتون ۽ انهن ملڪن جا ڪارخانيدار ۽ فئڪٽرين جا مالڪ قانوني طرح آيل ماڻهن کان وڌيڪ غير قانوني آيل ماڻهو پسند ڪن ٿا، جيئن هنن کي آسانيءَ سان *Exploit* ڪري هنن کان گهٽ پگهار تي گهڻو ڪم وٺي سگهجي ۽ جڏهن ڪم نڪري وڃي ته کين پڃائي ڪڍجي. وڌيڪ پگهار يا سهوليت جي گهر ڪرڻ تي هنن کي پوليس ۾ پڌرائڻ جو هڪ دڙڪو ئي ڪافي آهي. ان معاملي ۾ ڪيتريون حڪومتون به اک پوٺ ڪري رهيون آهن ته پلي ڪجهه غير قانوني رهيا پيا هجن. جو قانوني طرح اچڻ واري کي گهٽ پگهار ملڻ تي ان ملڪ جي حڪومت ۽ سفارتخانو به گوڙ ڪندو. سعودي عرب ۾ هڪ عرب فئڪٽري هنئي. ڪيس مزورن جي ضرورت هئي مون ڪيس پاڪستان مان گهرائڻ جي صلاح ڏني.

”آئون ائين آفيشلي چو گهرايان، جڏهن مون کي هتي غير



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

قانوني آيل ملي وڃن ٿا.“ هن وراڻيو.

”چوپلا۔ان مان ڪهڙو فائدو؟“ مون پڇيو.

”غير قانوني آيل ماڻهو گهٽ پگهار تي به راضي ٿيو وڃي ۽ ساڻس صحيح نه هلڻ تي به هو شڪايت نٿو ڪري ۽ ڊڄندو رهي ٿو. ٿورو به گوڙ ڪرڻ تي پوليس کي فون ڪري ڪيس اندر ڪري سگهجي ٿو.“ هن وراڻيو.

آمريڪا ۾ هڪ پاڪستاني ڇوڪرو مليو جنهن هڪ يهوديءَ جي ڪارخاني ۾ گهٽ پگهار تي رات جي ڊيوٽي ڪئي ٿي. ڪيس ٻاهه جي گرم سانچي ۾ پيرن پر اٺ ڪلاڪ بيهي پلاسٽڪ جون شيون ناهڻيون پيون ٿي. قانوني ڪاغذ پٽ نه هجڻ ڪري مجبور ٿي گهٽ پگهار تي اهڙو ڏکيو ڪم ڪيو ٿي جو پيٽ جي ٻاهه وسائڻ لاءِ ڪيس ٻي ڪا واهي نه هئي. هن پنهنجي وطن واپس موٽڻ چاهيو ٿي پر ايتري بچت نٿي ٿيس جو ڪٽي ٽيهه هزار رپين جي ياڙي جي ٽڪيٽ وٺي سگهي. هوڏانهن ڳوٺان مائٽ مٿ الڳ ٻاهه ٻاري ويٺا هئس ته سال کن ٿي ويو آهي پر اڃان پائي نه موڪلي اٿئي قرضين ڇتو ڪري وڌو آهي.

”هاڻ هنن کي آئون ڇا لکان ته آئون ڪهڙي حال ۾ آهيان؟“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نوجوان وراڻيو.

اهڙي طرح اسان جا ڪيترا نوجوان، جپان ڪان ملائيشيا جي جهنگلن ۾، آئرلئنڊ کان ناروي جي برفاني جبلن ۾، ڪويت کان سعودي عرب جي گرم وارياسن پٽن تي صحيح ڪاغذ پٽ نہ هجڻ ڪري خوف ۽ هراس جي زندگي گذاري رهيا آهن. پوءِ ڪي لڪ چوريءَ پورهيا ڪري رهيا آهن تہ ڪي جيلن منجهہ قابو آهن، جو هنن ڌارين ملڪن جي قانونن جي عزت ۽ احترام نہ ڪيو. ملائيشيا جهڙا ملڪ جيڪي هونءَ تمام سٺا آهن، ان جا ماڻهو بہ سٺا آهن پر قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي پوءِ هو چاهي پاڪستان بنگلاديش جو هجي يا آمريڪا آسٽريليا جو باشندو. هن کي نٿا ڇڏين. ڇو جو انهن ملڪن ۾ نہ فقط قانون آهي پر قانون تي پڪي طرح عمل بہ ٿئي ٿو. سنگاپور جهڙي ملڪ ۾ توهان رڳو سگنل ڀڃي گاڏي تہ هلائي ڏيکاريو يا جتي منع ٿيل آهي اتي ٿڪ تہ اڇلائي ڏيکاريو. هڪ دفعو ڏوهہ ڪرڻ تي پوءِ معافي يا سفارش بہ نٿي هلي. پوءِ سزا ئي ڏني وڃي ٿي چاهي هو ڪٿي وزيراعظم جو پٽ هجي يا ڪنهن آمريڪا انگلنڊ جهڙي طاقتور ملڪ جو باشندو.

هي سڀ ان ڪري لکيو اٿم جيئن اسان جي ماڻهن کي ڌيان ۾



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

رهي تہ ٻاهرين ملڪن ۾ نہ فقط قانون ٺهيل آهي پر ان تي سختيءَ سان عمل بہ ٿئي ٿو. ان ڪري ڪنهن بہ ملڪ ۾ ويندي وقت ان جي قانون جي ڄاڻ ضروري آهي ڇو جو قانون کان اڻڄاڻائي *Excuse* نہ آهي ۽ خاص ڪري اڄ ڪلهہ غير قانوني طرح ڌارين جي ملڪ ۾ پهچي اتي نوڪريون ۾ ڏنڊا هٿ ڪرڻ جي خلاف تہ هر ملڪ ۾ سخت قاعدا ٺهي ويا آهن. اڄ کان پنجويهہ ٽيهہ سال اڳ جڏهن نوڪري ۾ پورهئي لاءِ ٻئي جي ملڪ ۾ ماڻهن جو ايترو وڃڻ جو رواج نہ هو تہ بہ ان حد تائين قاعدا قانون هئا، تہ اسان جي جهاز پهچڻ کان اڳ اسان جي ان ملڪ جي آفيس وارن حڪومت کان اسانجي پهچڻ ۾ ڪجهہ ڏينهن رهڻ جو اطلاع ۽ اجازت ورتي ٿي ۽ پاس ملڻ بعد ئي اسان کي جهاز تان لهڻو پيو ٿي. سعودي عرب ۽ پولنڊ جهڙن ڪميونسٽ ملڪن ۾ تہ روز سج لٿي کان اڳ جهاز تي موٽڻ جي تاڪيد ڪئي ويندي هئي. جپان ۾ هميشہ فقط ٽن شهرن جي ويزا ملندي هئي. هڪ اهو شهر جنهن ۾ جهاز ايندو هو ۽ بہ ان جي پر وارا شهر ۽ اها پاس هر هفتي *Renew* ڪرائڻي پوندي هئي. نارٿ ڪوريا، ڪيوبا جهڙن ملڪن ۾ تہ ڪڏهن ڪڏهن بنهہ موڪل نہ ملندي هئي. فئملي گڏ رهندي هئي تہ ان جي الڳ پاس



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وٺي پوندي هئي. يعني اسان جهازين لاءِ بہ ائين ڪليل ڪاتو نہ هو ۽ نہ آهي تہ جيئن ۽ جڏهن وٽي تڏهن ايندا ويندا رهون. سو ٻاهر ويندڙ همراهہ لاءِ (چاهي گهمڻ لاءِ وڃي يا نوڪري لاءِ)، ضروري آهي تہ قاعدي قانون مطابق وڃي ۽ جنهن ملڪ ۾ وڃي ان جي قانون جي عزت ڪري ۽ غلط ڪم ڪرڻ کان گريز ڪري.

جيئن تہ مٿي لکي چڪو آهيان تہ هي ڪتاب - بلڪ هي منهنجا سفر جن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ ٿيل آهي اڄ کان پنجويهہ سال اڳ جا آهن ان ڪري ان هانگ ڪانگ ۽ اڄ جي هانگ ڪانگ (يا ٻين ملڪن) ۾ وڏو فرق اچي ويو آهي. تن ڏينهن ۾ سنگاپور هانگ ڪانگ ۾ سنڌوڪي هندو سنڌي جام ملندا هئا. هنن جي پوشاڪ ۽ هلڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو اسٽائيل اسان جهڙو هوندو هو. هو چاوا نپنا، پڙهيا ۽ وڏا سنڌ ۾ ٿيا. ۽ تازو سنڌ مان لڏي آيا هئا ان ڪري جتي ملندا هئا قرب سان ملندا هئا ۽ سنڌ جون خبرون پڇندا هئا. اهي پنجاهہ سٺ سالن وارا پوڙها اڄ پيريءَ جو عرصو گهر ۾ گذاري رهيا آهن يا الله کي پيارا ٿي ويا. سندن اولاد، جن لاءِ سندن مائٽن کي ٿي شڪايت هئي تہ ڪين نہ سنڌي ڳالهائڻ اچي ٿي ۽ نہ سنڌ جي چاڙ رکڻ جي ولوڙ آهي. جتي اڄ جي معاشي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

حالتن ماڻهوءَ کي لطيف جذبن کان پري ڪري ڇڏيو آهي اتي اڄ جا هي سنڌي هندو نوجوان ٻاهر جي دنيا ۾ انگريزي ڳالهائين ٿا يا پنهنجي چيني، پورچگالي يا فرينچ زال جي زبان! انهن کي نه اڄ جي سنڌي ڳائڻي جي گوڙ گهمسان واري ميوزڪ جا راڳ وڻن ٿا ۽ نه گاسليٽ هاڻي سوسي ۽ اجرڪ وڻي ٿي ۽ نه بيڪار قسم جي *Finishing* واري جنڊي ڪاشي. سو تي سگهي ٿو ته اڄ جو سنڌي ٽوئرسٽ هفتو ڪن هانگ ڪانگ ۾ رهڻ بعد ڪنهن سنڌي سان نه ملي سگهي ۽ نه سڃاڻي سگهي. يا اتفاق سان ملڻ تي هانگ ڪانگ جي فضائن ۾ پيدا ٿيل نوجوان نه سنڌي پلي مڃيءَ لاءِ *Appreciation* ڏيکاري ۽ نه ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان تيار ڪيل سنڌي رڪارڊ پسند ڪري. اهو چتاءُ به ان ڪري ضروري آهي جو متان پوءِ توهان کي پرديس ۾ اجايو ذهني شاڪ لڳي.

**الطاف شيخ**

1 ڊسمبر 1997ع



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# جهاز بابت ڪُجهه ڄاڻ

**سُڪاني:** انگريزيءَ ۾ ان کي *Quarter_Master* سڏجي ٿو. سُڪاني اهو خلاصي آهي جيڪو ڪئپٽن يا ٻئي ڊيوٽيءَ تي موجود نيويگيٽر سان گڏ، چار ڪلاڪ ڏينهن جو ۽ چار ڪلاڪ رات جو ڊيوٽي ڪري ٿو. کلئي سمنڊ ۾ هن جو ڪم سامهون ايندڙ جهازن تي نظر رکڻ ۽ ان بابت ڊيوٽي آفيسر کي ٻڌائڻو آهي، جيئن هو اڳوات پنهنجي جهاز لاءِ ڪو سلامتيءَ وارو رستو اختيار ڪري سگهي. بندرگاهه ۾ گهڙڻ يا نڪرڻ وقت سکانيءَ جي ڊيوٽي *Steering_ Wheel* وٽ هوندي آهي ۽ هن کي ڊيوٽي آفيسر (ڪئپٽن، چيف آفيسر) يا پائلٽ جي حڪم موجب جهاز کي اوتريون ڊگريون ساڄي يا کاٻي موڙڻو هوندو آهي. يعني *Steering Wheel* کي ساڄي يا کاٻي گهمائڻ سان جهاز جو سُڪاڻ ان طرف مُڙي جهاز کي موڙي ٿو ۽ جهاز طوفان يا غلط رستي کان نڪري سنئين تي اچي ٿو. سُڪاني يا سُڪاڻي لفظ سکاڻ مان نڪتو آهي جنهن لاءِ شاهه لطيف چيو آهي:



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## ”ساموندي! تو سنڀين ساڃو جهل سُڪاڻ.“

**پائلٽ :** هوائي جهاز هلائيندڙ ڪئپٽن کي ته پائلٽ چئبو آهي پر پاڻيءَ جي جهاز هلائيندڙ ان ڪئپٽن کي به پائلٽ چئبو آهي جيڪو بندرگاهه جو واقف (سونهون) هجي. ڪنهن به ملڪ جي بندرگاهه ۾ گهڙڻ کان اڳ جهاز کي ان بندرگاهه کان ڏهه پندرهن ميل ٻاهر کلئي سمنڊ ۾ بيهاريو ويندو آهي. بندرگاهه ۾ اندر وٺي هلڻ لاءِ بندرگاهه طرفان مقرر ڪئپٽن لانچ ۾ چڙهي ايندو آهي ۽ پوءِ جهاز کي اندر وٺي هلندو آهي. ان ڪئپٽن کي بندرگاهه جو پائلٽ سڏجي ٿو. هن کي بندرگاهه جي چپي چپي جي خبر هوندي آهي. ڪراچيءَ جي بندرگاهه کي به اهڙا اٺ ڏهه پائلٽ (ساموندي ڪئپٽن) آهن. جيڪي پنهنجي ۽ ڌارين ملڪن جي جهازن کي اندر وٺي ايندا آهن يا رواني ٽيڻ وقت بندرگاهه کان ٻاهر کلئي سمنڊ تائين اماڻي ايندا آهن. بندرگاهه ۾ جهاز هلائڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، جيڪو هر بندرگاهه جا مڪاني پائلٽ سرانجام ڏين ٿا. ان ڪم جي في بندرگاهه وارا جهازران ڪمپنيءَ کان وٺن جنهن کي *Pilotage_Fee* سڏجي ٿو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪي ڪي بندرگاهه ـ خاص ڪري يورپ جا يا جپان ۽ ڪوريا جا، ايترو ويجهو ٿين جو اهو ئي هڪڙو پائلٽ هڪ بندرگاهه مان جهاز کي ڪڍي ٻئي بندرگاهه اندر پهچائي ايندو آهي. اتر يورپ جي ملڪن وارو سمنڊ ‘North_Sea’ خاص ڪري سياري ۾ اهڙو تہ خراب ۽ اونداهو هوندو آهي جو جهازران ڪمپنين جا مالڪ، جيترا ڏينهن جهاز اتر انگلنڊ، پولنڊ، ڊينمارڪ، جرمني جهڙن ملڪن ۾ هوندو آهي تہ يڪو هڪ پائلٽ رکندا آهن جيڪو ’نارٿ سي‘ پائلٽ سڏجي ٿو. جهاز جي ڪئپٽنن کي، جهاز جي مالڪن طرفان *Instructions* هوندا آهن تہ سياري ۾ نارٿ سي ۾ جيڪڏهن جهاز هلائي سگهو ٿا تہ توهان جي مرضي پر جي ٿورو بہ شڪ يا ڊپُ ڊاءُ محسوس ڪريو تہ مهرباني ڪري ’نارٿ سي پائلٽ‘ *Hire* ڪريو. نارٿ سي پائلٽ جي في جيتوڻيڪ لکن ۾ ٿئي ٿي پر جهاز جي سلامتي ڪارڻ مالڪن کي اهو ڦاهو ڦڪڻو پوي ٿو. يورپ ڏي هلندڙ جهازن ۾ ان قسم جي پائلٽن جي رهائش لاءِ هڪ وڏيڪ ڪئبن پڻ هوندي آهي جنهن کي ’پائلٽ ـ ڪئبن‘ سڏجي ٿو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

**خلاصي :** جهاز هلائيندڙ مٿيون عملو آفيسر سڏجي ٿو ۽ هيٺيون اسٽاف خلاصي (*Crew*) سڏجي ٿو. خلاصين ۾ ڪي انجڻ روم جا خلاصي سڏبا آهن ته ٻيا ڊيڪ ۽ گئلي (بورچيخاني) جا. ڊيڪ وارن خلاصين جو ڪم جهاز جي لوهي پليٽن کي سمند جي پاڻيءَ ڪري زنگ لڳڻ کان بچائڻ لاءِ صاف رکڻ, رنگ لڳائڻ ۽ رسا ڇڪڻ ۽ سڪانيءَ جي ڊيوٽي ڪرڻ آهي. انجڻ روم جا خلاصي تيل وارا ۽ آڳ وارا سڏبا آهن. گئلي وي جي ڊيوٽي ۾ اسٽيورڊ (بٽرا), بورچي, ڀنڊاري (ڀاجي چلڻ وارا) ۽ ٽوپس (ڀنگي) اچي وڃن ٿا.

**ٿرڊ انجنيئر, فورٿ انجنيئر, سيڪنڊ آفيسر, چيف آفيسر وغيره وغيره :** جهاز هلائيندڙ عملي جا ٻه اهم حصا آهن. هڪ نيويگيٽر (جن کي ڊيڪ آفيسر به سڏجي ٿو) ۽ ٻيو انجنيئر. ڊيڪ آفيسر (*Navigators*) جو ڪم سمنڊ تي رستو ڳولهڻ ۽ جهاز کي ان رخ ۾ وٺي هلڻ آهي. مندن موسمن, سمنڊ ۽ هوائن جي ڄاڻ رکڻ ۽ ان جي نقصان کان جهاز کي بچائڻ, بندرگاهه ۾ ڪارگو (سامان) جو طريقو ڪيدي ان موجب رکرائڻ ۽ لاهرائڻ آهي. انجنيئرن جو ڪم جهاز جي انجڻين کي هلائڻ ۽



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انهن جي نگهباني ڪرڻ آهي. جهاز هڪ شهر مثل آهي، جنهن ۾ نه فقط جهاز هلائڻ جي انجڻ هي، پر اليڪٽرڪسٽي پيدا ڪرڻ، پاڻيءَ ۽ تيل جا ڪيترائي پمپ هلائڻ، بئالر، جنريٽر ۽ ٻيون مشينون پڻ آهن. ڊيڪ آفيسرن جو سڀ ۾ وڏو باس ڪئپٽن آهي. ڊيڪ ڪئڊٽ سڀ ۾ جونئر ڊيڪ آفيسر آهي. اهڙي طرح انجنيئرن ۾ سڀ کان ننڍو انجنيئرنگ ڪئڊٽ يا جونئر انجنيئر سڏجي ٿو. ان بعد ففٿ انجنيئر، فورٿ انجنيئر، سيڪنڊ انجنيئر ۽ آخر ۾ سڀ کان مٿانهون چيف انجنيئر آهي.

دنيا جي هر ملڪ جي هر جهاز تي انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جون ڊيوٽيون مقرر آهن. مثال طور ٿرڊ انجنيئر جي ڊيوٽي رات جو ۽ ڏينهن جو هميشه ٻارهين کان چئين تائين جهاز هلائڻ جي آهي ۽ بندرگاهه ۾ سندس ڪم جنريٽرن جي سار سنڀال آهي. ٿرڊ انجنيئر سان گڏ واري ڊيوٽي، ڊيڪ آفيسرن مان، سيڪنڊ آفيسر ڪندو آهي. هڪ ئي وقت جاڳي ڊيوٽي ڪرڻ ڪري هر جهاز جي ٿرڊ انجنيئر ۽ سيڪنڊ آفيسر جي سٺي دوستي رهي ٿي. اهڙي طرح ٻين انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جي ڊيوٽي مقرر آهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

**ريڊيو آفيسر :** انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن کان علاوه هر جهاز تي هڪ ريڊيو آفيسر پڻ هوندو آهي. ريڊيو آفيسر جو ڪم ريڊيو ذريعي جهاز ۽ بندرگاهه وارن ڏي نياپا موڪلڻ ۽ وٺڻ آهي. جهاز تي ڪم ڪندڙ آفيسرن ۽ خلاصين جي پگهارن جو حساب ڪتاب ۽ مختلف ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ *Visa* ۽ ٻيون ڪاغذي ڪاروايون پوريون ڪرڻ پڻ ريڊيو آفيسر جو ڪم آهي.

**اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ فرج انجنيئر:** مٿين انجنيئرن (جيڪي مئرين انجنيئر آهن) کان علاوه جهاز تي ٻه ڪن اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ هڪ فرج انجنيئر پڻ ٿئي. جن جو خاص ڪم اليڪٽرسٽي ۽ ريفريجريشن جي مسئلن کي منهن ڏيڻ هوندو آهي. اهي انجنيئر سيڪنڊ انجنيئر ۽ چيف انجنيئر جي هٿ هيٺ ڪم ڪن ٿا.

**نيويگيشن :** سمنڊ تي رستو ڳولڻ جي هنر کي *Navigation* سڏجي ٿو. سمنڊ تي خشڪيءَ جي رستن وانگر رستا نه آهن. سمنڊ تي رستو ڳولڻ ۽ لڳندڙ هوائن ۽ لهرن کان فائدو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وٺي يا بچاءُ ڪري. جهاز هلائڻ نيويگيٽرن (ڊيڪ آفيسرن) جو ڪم آهي. نہ فقط جهاز هلائڻ پر ڏينهن ۾ ٽي چار دفعا سج، چنڊ ۽ تارن جي مدد سان جانچڻو پوندو آهي تہ جهاز واقعي صحيح رستي ۽ رخ ۾ هلي پيو يا نہ. البت هاڻ ڪجهہ اهڙا اوزار نڪتا آهن جن ذريعي وقت بوقت اها خبر پوندي رهي ٿي تہ جهاز ڌرتيءَ جي گولي تي ڪهڙي هنڌ آهي. ان اوزار کي *Satellite Navigator* سڏجي ٿو.

**جهازي :** هر اهو ماڻهو جيڪو جهاز تي ڪم ڪري ٿو ان کي جهازي يعني *Sailor* يا *Seafarer* سڏجي ٿو. هونءَ *Sailor* ۽ *Seaman* نيوي جي جنگي جهاز تي هيٺين عملي جون *Ranks* پڻ آهن.

**سيڪيورٽي انجنيئر:** بندرگاهہ ۾ موڪل ڪرڻ وقت هڪ سينيئر انجنيئر ضرور جهاز تي چڙهبو آهي، جيئن هو باهہ لڳڻ جهڙي ايمرجنسي کي منهن ڏئي سگهي. ان انجنيئر يا ڊيڪ آفيسر کي سيڪيورٽي انجنيئر يا سيڪيورٽي آفيسر سڏجي ٿو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سيڪيورٽي انجنيئر سان گڏ هڪ يا ٻه جونئر انجنيئر يا ففٿ انجنيئر پڻ هوندو آهي، جنهن کي انجڻ روم ۾ رهڻو پوندو آهي.

**انجڻ روم :** جهاز جي انجڻ روم سمجهو ته پنج ڇهه ماڙ پلازا يا بلڊنگ آهي، جنهن جي هر فلور تي ڪيترين ئي مشينون آهن. جهاز جو پنکو *Propeller* هلائڻ واري مشين *Main Engine* سڏجي ٿي. جيڪا ٽي چار ماڙ ٿئي، جنهن جو هڪ هڪ سيلنڊر ايترو ته وڏو ٿئي جو ان ۾ ٽي ماڻهو آرام سان ويهي سگهن ٿا. ان نَو فوٽ ڊگهو ٿئي. مين انجڻ کان علاوه ٻيون اهم مشينون هي آهن. جنريٽر، پمپ، پيوريفائر، بٺالر، ايئرڪمپريسر، ايووپريٽر، ڪولر، هيٽر، *Sewage* پلانٽ وغيره

**پروپيلر :** جهاز جي پٺئين پاسي ٻاهر لڳل پنکي کي *Propeller* سڏجي ٿو. جهاز کي ڦيٿا نه ٿين. پنکي هلڻ سان جهاز اڳيان پويان وڌي ٿو. جهاز جي پنکي هلائڻ واري انجڻ کي مين انجڻ سڏجي ٿو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

**سيلنگ بوٽ:** جيڪا پيڙي سڙهہ *(Sail)* تي هلي ان کي *Sailing Boat* سڏجي ٿو. انجڻ جي ايجاد ٿيڻ کان اڳ پاڻيءَ جا جهاز سڙهن تي هلندا هئا ۽ *Sailing Ships* سڏبا هئا. جيڪي پيڙيون ڪاٺ جي چپن سان هلن ٿيون اهي *Rowing Boats* سڏجن ٿيون. پوءِ ٻاڦ تي هلندڙ جهاز ايجاد ٿيا جيڪي آگبوٽ سڏبا هئا.

**ڊراءِ ڊاڪنگ :** لڳاتار سمنڊ ۾ ويهڻ ڪري جهاز جي تري تي سپون ۽ ٻيون ساموندي شيون *(Sea Growth)* چهتيو وڃن جيڪي جهاز جي لس هلڻ ۾ رخنو وجهن ٿيون ۽ رفتار ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ لڳي ٿي. جهاز جي تري جي صفائي ۽ چڪاس لاءِ جهاز کي خشڪ گوديءَ ۾ اچي ويهاربو آهي جنهن کي ڊراءِ ڊاڪ *(Dry_Dock)* سڏجي ٿو. ڊراءِ ڊاڪ ۾ ڪيل صفائي، رنگ روغن ۽ مرمت کي *Dry_Docking* سڏجي ٿو. هر ڪارگو جهاز لاءِ ضروري آهي تہ ٻن سالن ۾ هڪ دفعو ڊراءِ ڊاڪنگ ڪرائي ۽ مسافر جهاز لاءِ سال ۾ هڪ دفعو ضروري آهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

**جيٽي :** بندرگاهہ جو ڊڪو جنهن سان جهاز لڳي بيهي ٿو جيٽي سڏجي ٿي. ڪن جهازن کي بندرگاهن ۾ جيٽي نہ ملندي آهي تہ پوءِ جيٽيءَ سان پهرين لڳل جهاز جي پرسان ٿي بيهندا آهن. اهڙي صورت ۾ چئبو آهي تہ اسان جو جهاز فلاڻي جيٽيءَ تي بيٺل فلاڻي جهاز جي *Alongside* آهي. هانگ ڪانگ، سنگاپور جهڙن مشغول بندرگاهن ۾ جهازن کي عام طرح ’الانگ سائيڊ‘ ئي بيهاريو وڃي ٿو. اهڙي صورت ۾ جهاز جو ڪارگو ڪناري بدران سمنڊ واري پاسي بيٺل بارجز ۾ لاهڻو پوندو آهي. بارج *(Barge)* ٽانگهي ۽ بنا انجڻ واري ٻيڙي ٿئي جنهن کي ’ٽگ بوٽ‘ يا عام لانچ هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ تائين پهچائڻ لاءِ رسيءَ ذريعي ڇڪي.

**ڊيرڪون :** جهاز تي سامان لاهڻ يا چاڙهڻ لاءِ بندرگاهہ تي ڪرينون *(Cranes)* ٿين. ڪن بندرگاهن ۾ اهي نہ ٿين ۽ جهاز تي لڳل ڪرينن ذريعي سامان لاٿو وڃي ٿو. جهاز جي *Cranes* کي ڊيرڪ *Derrick* سڏجي ٿو.

**ڪئبن :** جهاز تي رهائشي ڪمرا ڪئبنون *(Cabins)*



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سڏجن ٿيون.

**ڊيوٽي ميس :** جهاز ڪي هڪ وڏي ميس ٿئي جنهن ڪي *Dinning Saloon* سڏجي ٿو جنهن ۾ سڀ آفيسر، گهڻو ڪري يونيفارم ۾ ماني ڪائين. سئلون کان علاوه هڪ ننڍڙي ڊيوٽي ميس ٿئي جنهن ۾ ڊيوٽي وارا انجنيئر ۽ ڊيڪ آفيسر ماني ڪائين. ڊيوٽي ميس خبرن ۽ ڪچهري کان مشهور ٿئي. هرڪو فري اسٽائيل ۾ ٻٽاڪ سٽاڪ هڻندو آهي. ٻئرن ۽ وڏن آفيسرن جي اچ وڃ نه هجڻ ڪري ناقابل اشاعت لطيفه، شعر و شاعري ۽ پنهنجا پراوا *Scandal* آزادانه نموني بيان ڪيا ويندا آهن.

**برج روم :** جهاز جي ڪنٽرول روم ڪي برج سڏجي ٿو. برج جو هڪ حصو چارٽ روم هوندو آهي. جنهن ۾ هلڪي روشنيءَ جو بندوبست ٿئي، جيئن مختلف سمنڊن جا چارٽ ڏسي ۽ ماپي سگهجن. باقي حصي ۾ اونداهه ڪئي ويندي آهي جيئن رات جو سامهون ايندڙ جهاز ڏسي سگهجن. برج جي ڪاٻي ۽ ساڄي پاسي واري حصي ڪي *Wing* سڏجي ٿو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

**بُل ورڪ** : جهاز جي چوڌاري ڏنل ٻنوڙي کي *Bulwark* سڏجي ٿو.

**بنڪر** : جهاز جون مشينون هلائڻ لاءِ جيڪو تيل ونجي ٿو ان کي *Bunker* سڏجي ٿو. بنڪر وٺڻ وارو سجو ڏينهن يا رات انجنيئرن لاءِ ڊوڙ ڊوڙان جو هوندو آهي. جهاز لاءِ هڪ قسم جو تيل نه پر ڪيترن ئي قسمن جو ٿنن جي حساب سان وٺڻو پوي ٿو جنهن کي مختلف ۽ مقرر ٽيل ٽانڪين ۾ جمع ڪيو وڃي ٿو. هڪ ويهه هزار کن ٽن جهاز لاءِ اٽڪل هي تيل وٺبا آهن. جيڪي مهينو کن هلن.

**هيوي فيول** H.F.O. **ٻارهن سؤ کن ٽن**
**مئرين ڊيزل آئل. چار سؤ ٽن**
**لائيٽ ڊيزل آئل. هڪ هزار گئلن**
**ڪرئنڪيس آئل. چار هزار گئلن**
**سلينڊر آئل. ٻه هزار گئلن**
**ٽربائين آئل. هڪ هزار گئلن، وغيره وغيره.**



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

**ائنڪر :** جهاز جي اڳئين منهن وٽ لنگر (*Anchor*) لڙڪيل ٿئي ٿو جيڪو سمنڊ ۾ جهاز کي بيهارڻ مهل سمنڊ جي تري ۾ ڪيرايو ويندو آهي. ائنڪر زمين جي تري ۾ وڃي ڦاسندو آهي ۽ جهاز کي اڳيان وڌڻ نه ڏيندو آهي. وري جڏهن جهاز کي هلڻو هوندو آهي ته ونڊلس مشين ذريعي لنگر کي ٻاهر ڇڪي ڪڍبو آهي. بندرگاهه ۾ جيٽيءَ پرسان جاءِ ملڻ تي لنگر ڪيرائڻ بدران جهاز کي جيٽيءَ تي ڪتل ڪلي سان ٻڌو وڃي ٿو. لنگر (*Anchor*) لاءِ مشهور ڳجهارت آهي ته اها ڪهڙي شيءِ آهي جنهن جي جڏهن ضرورت پوي ٿي ته اڇلائي وڃي ٿي ۽ جڏهن ضرورت ناهي ته پٽ تان کڻي رکي ويندي آهي.

**ائنڪريج :** سڄو سفر پورو ڪري، جهاز جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ پهچي ٿو ته هن کي اجازت نه آهي ته بندرگاهه ۾ يڪدم گهڙي پوي. بندرگاهه ۾ اچڻ کان اڳ بندرگاهه کان ٿورو پريرو کلئي سمنڊ ۾ هن کي لنگر (*Anchor*) ڪيرائڻو پوي ٿو. پوءِ بندرگاهه اٿارٽيءَ طرفان ان ملڪ جي ڪسٽم ۽ اميگريشن جو عملو کلئي سمنڊ ۾ جهاز تي پهچي، جهاز جي عملي ۽ مسافرن جي ڪاغذن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي چڪاس ڪري ٿو. ان بعد بندرگاھ طرفان پائلٽ اچي ٿو جيڪو جهاز کي آهستي آهستي ڪري اندر بندرگاھ ۾ مقرر ڪيل جيٽيءَ تي بيهاري ٿو.

هر بندرگاھ جي ٻاهران، ڪلئي سمنڊ جو اهو حصو جتي جهاز کي ائنڪر ڪيرائي اندر اچڻ جو انتظار ڪرڻو پوي ٿو، ان کي *Anchorage* (ائنڪريج) سڏجي ٿو. ائنڪريج تي بيهڻ وارو وقت جهازيءَ لاءِ آرام ۾ انتظار جو هوندو آهي. آرام جو ان ڪري جو ائنڪريج تي نہ جهاز هلائڻ جي ڊيوٽي ڪرڻي پوي ٿي نہ ڪا مشينري کولي ان جي مرمت (*Overhauling*) ڪري سگهجي ٿي. سو مسافري جو ٿڪ پيچڻ ۾ آرام لاءِ ائنڪريج سٺو آهي. ساڳي وقت انتظار بہ ڪرڻو پوي ٿو تہ خبر نہ آهي جهاز کي ڪڏهن اندر گهرائن، جيئن ڪناري تي پير رکي سگهجن ۾ گهمي ڦري سگهجي. اڄڪلھ ڪيترائي بندرگاھ ماڊرن ٿي ويا آهن ۾ ڏينهن اڌ جي انتظار بعد اندر گهرايو وڃي ٿو. هڪ اهڙو بہ سفر ياد اٿم جنهن ۾ ڪراچي کان ڪيوبا سفر ۾مهينو لڳو. ان بعد ڪيوبا جي ائنڪريج تي مهيني کان بہ مٿي انتظار ڪرڻو پيو. ان بعد مهيني کن لاءِ جهاز بندرگاھ ۾ گهڙيو تہ ڪيوبا جي ڪميونسٽ حڪومت



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسان کي ڪناري تي پير رکڻ جي هڪ ڏينهن جي بہ اجازت نہ ڏني.
ائنڪريج کي ڪڏهن فقط ائنڪر بہ چيو وڃي ٿو.
چي اسان جو جهاز چار ڏينهن ائنڪر تي بيٺو ان بعد بندرگاهہ ۾
اندر آيو.

**ڊوميسٽڪ فرج :** جهاز تي بہ ٽي ڪمرا گوشت، مڇيءَ، ڀاڄيءَ ۽ ميوي کي ٿڌو رکڻ لاءِ هوندا آهن. انهن ڪمرن کي جنهن مشين ذريعي ريفريجريٽر وانگر ٿڌو رکيو ويندو آهي ان کي 'ڊوميسٽڪ فرج' سڏجي ٿو. ڪڏهن تہ ٻن ٽن مهينن جي سفر جو راشن اتڪل چاليهہ کن ڏينهن. ٻڪريون ۽ ڍڳيون هونديون آهن. ان خيال کان ڊوميسٽڪ فرج مشين تمام اهم سمجهي وڃي ٿي، جنهن جي خراب ٿيڻ تي سڄو گوشت خراب ٿي سگهي ٿو- جنهن کي پوءِ سمنڊ ۾ ئي اڇلڻو پوي ٿو ۽ نئين گوشت خريد ڪرڻ لاءِ ويجهي بندرگاهہ جو رُخ رکڻو پوي ٿو.

**الطاف شيخ**



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ننگر ۾ نارئيون ڀڳهه ڪٽي ڀنڙ ڀيا

اسانجو جهاز صبح جو ڇهين وڳي ڌاري هانگ ڪانگ پهتو. ان وقت منهنجي ڊيوٽي نہ هئي. آءٌ رات جو ٻارهين ڪان ڇئين تائين جهاز هلائي اچي سمهي رهيو هوس. صبح جو نائين وڳي اڪ ڪلي ۾ مانيءَ لاءِ ڊائيننگ هال ڏي وڃڻ ڪان اڳ دستور موجب عرشي جي مٿئين حصي (*Boat Deck*) تي اچي بينس ۾ نئين ملڪ جو ”نڪ چپ“ ڏسڻ لڳس. سڄي دنيا گهمڻ ڪان پوءِ هن مشهور جڳهه تي پهريون دفعو آيو هوس. هانگ ڪانگ، جنهن بابت عرصي ڪان ٻڌندو آيو هوس. فلمن ۾ ڏٺو هوم ۾ ان بابت قصا، ڪهاڻيون ۾ سفرناما پڙهيا هئم. هانگ ڪانگ جي حسينہ! هانگ ڪانگ هاٽ هاربر (*Hong Kong Hot Harbor*)، هانگ ڪانگ هيرن جواهرن جو بيٽ! هانگ ڪانگ جيڪو دنيا جي هر برائيءَ ڪان مشهور آهي. هانگ ڪانگ واپارين، سمگلرن ۾ سي - آءِ - ڊي جو اڏو. اڄ ان هانگ ڪانگ بيٽ جون ڊگهيون عمارتون منهنجي سامهون ڪر ڪنيو بيٺيون هيون ۾ اسان جو جهاز ڪنهن با ادب پوڄاريءَ جيان پري ڪان مندر اڳيان سمنڊ جي ڇولين ڪري نئڙي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۾ نمي رهيو هو. اسان جي جهاز سان گڏ ٻين ٻه ڪئين ملڪن جا جهاز سامان ۽ مسافر لاهڻ ۽ چاڙهڻ لاءِ آسپاس سمنڊ ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا هئا.

هانگ ڪانگ جي بندرگاهه ۾ ڌڪا (*Jetties*) گهٽ هئڻ ڪري جهاز (*Buoy*) سان ٻڌا ويندا آهن. جيڪي لوهه جي پليٽن جا ٺهيل، اندران پورا، گول، چورس ۽ ٻين شڪلين جا ٿين ۽ سمنڊ جي مٿان هڪ ئي هنڌ ترندا رهندا آهن. ڪين هيڏانهن هوڏانهن سمنڊ ۾ لڙهي وڃڻ کان بچائڻ لاءِ ٿلهي زنجير ٻڌي سندس ٻيو ڇيڙو سمنڊ جي تري ۾ کوڙيو وڃي ٿو هر جهاز جي اڳيان ٻه لنگر(ننگر) ٿين، جن مان هڪ لنگر سندس زنجير (*Anchor_Chain*) کان ڌار ڪري، اها زنجير (پڳهه) ٻاءِ جي ڪُنڊي ۾ سوگهي ڪئي ويندي آهي يا ته سنئون سڌو لنگر هيٺ تري تائين ڪيرائي ڇڏبو آهي، جو زمين ۾ کُپي پوندو آهي ۽ جهاز کي لڙهڻ نه ڏيندو آهي. پوءِ اسرڻ وقت ڪئپسٽن مشين ذريعي (اڳئين زماني ۾ ننديا ٻيڙا هئا، ته هٿ سان ئي) لنگر ۽ پڳهه ڇڪي ونبي آهي. ان ئي نظاري بابت شاهه صاحب پڻ سر سامونڊي ۾ ذڪر ڪيو آهي ته:

**”ننگر ۽ ناڙيون، پڳهه ڪٽي پنڌ ٿيا.“**



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسان جو جهاز بہ هڪ ٻئاءُ (سمنڊ ۾ ڪٽي ڪِلو سمجهجي) سان پڳهہ ذريعي ٻڌل هو.

هانگ ڪانگ جا دراصل ٻہ حصا آهن (هڪ هانگ ڪانگ ٻيو ڪانگ نہ) پر هڪ ڪولون، جيڪو چين جي سرزمين جي پڇڙيءَ جو حصو آهي ۽ ٻيو ننڍو ٻيٽ، جنهن کي وڪٽوريا سڏجي ٿو ۽ عام طرح ان کي هانگ ڪانگ سڏيو وڃي ٿو. ٻنهي جي وچ ۾ ٻہ فرلانگ کن سمنڊ جو وهڪرو آهي ۽ ٻنهي حصن کي عام آمدرفت ذريعي ڳنڍڻ لاءِ تازو هن سال 1972ع ۾ سرنگ ناهي وئي آهي، جا سمنڊ هيٺان لنگهي ٿي. ان ڪانسواءِ ٻيڙين ۽ لانچن جو سلسلو ڏينهن رات ماڻهن ۽ موٽر ڪارن کي هانگ ڪانگ کان ڪولون ۽ ڪولون کان هانگ ڪانگ نيندو رهي ٿو.

اسان جي جهاز تان سامان لاهڻ ۽ چاڙهڻ لاءِ ٻنهي پاسن کان وڏيون ويڪريون ٻيڙيون (جهمٽيون) اچي بيٺيون. هانگ ڪانگ جي آدمشماري بہ ايتري گهٽي آهي، جو ماڻهو گهر ٻار سميت ٻيڙين تي رهن. انهن ٻيڙين (*Barges*) ۾ هر هڪ جي پنيان، ان وقت عورتون نيرن تيار ڪري رهيون هيون. ڪا ڪپڙا ڌوئي رسيءَ تي سُڪائي رهي هئي. ڪا هٿ منهن ڌوئي وار ناهي رهي هئي. سندن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مڙس ماڻهو جهاز جي ڪرينن (*Derricks*) ذريعي جهاز مان لهنڊڙ سامان پنهنجين ٻيڙين ۾ سٽي رهيا هئا.

اهي ٻيڙيون (*Barges*) ايڏيون وڏيون سمجهڻ گهرجن جو جيڪر ٻئي سامان بدران انهن ۾ موٽرون رکڻيون هجن تہ "ٽويوٽا" يا "واڪس وئگن" جهڙيون ايڪيهہ ڪارون (ست ست هڪ هڪ قطار جي حساب سان ٽن قطارن ۾) بيهي سگهن ۽ اونهي ايتري ٿئي، جو هڪ ٻئي مٿان چار قطارون موٽرن جون بيهي سگهن. يعني هڪ هڪ بارج ۾ اٽڪل چوراسي کن موٽرون اچي سگهن. سو ان مان پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهندا تہ ايڏي وڏي ٻيڙيءَ ۾ بہ چار ڪمرا، بورچيخانو ۽ ورانڊو وغيره آساني سان نڪري سگهي ٿو.

هڪ ايڏي وڏي بارج جيڪا پنهنجي انجڻ جي زور تي هلي رهي هئي، سا ان وقت جهاز جي پرسان اچي بيٺي، ايڏي وڏي بارج کي فقط بہ ڇوڪريون هلائي رهيون هيون. هڪ جهاز يا وڏي ٻيڙي ٻيهارڻ (*Along side*) آڻڻ موٽر يا لاريءَ جي *parallel* (*Parking*) کان گهڻو ڏکيو ڪم آهي. مون غور سان جانچي ڏٺو تہ سڄي بارج ۾ انهن ٻن ڇوڪرين کانسواءِ ٻي ڪا پهر سندن مدد ڪرڻ واري نہ هئي. هڪ ڳاڙهي بشرٽ ۽ ساڳي رنگ جي پتلون ۾



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سورهن سالن کن جي مس ٿيندي ۽ ٻي اوڻيهن ويهن سالن جي، آسماني رنگ جي بشرٽ ۾ چڊيءَ ۾ هئي. ان عمر جي ڇوڪرين لاءِ اهو ڪم هڪ ڪرتب کان گهٽ نہ هو. سامهون هيٺ عرشي (*Deck*) تي فورٿ انجنيئر باقر رضا تيل جي ٽانڪين جي ماپ (*Sounding*) وٺي رهيو هو ۽ اليڪٽريڪل انجنيئر سلطان، ونچ جا فيوز پئي ڏٺا. ڪين مون مٿي سڏ ڪيو تہ تماشو اچي ڏسو. باقر چوڻ لڳو: اسان ڇا ڏسون، ڏسن سدورا ڊيڪ آفيسر، جيڪي پائلٽ هوندي بہ جهاز کي "الانگ - سائيڊ" آڻڻ ۾ ڪلاڪ ٽا وٺن. دربيلي جو سيڪنڊ آفيسر احمد حسين مخدوم ان وقت لنگهي رهيو هو. تنهن کي پڻ اک پچي ٽوڪڻ جي نموني سان اشارو ڪيم. مخدوم، هتي هانگ ڪانگ اڳ بہ اچي چڪو هو. تنهن نتيجي تائين پهچڻ بنا وراڻيو "منو هنن چيني مهم لقائن جي ڳالهہ ڇڏي ڏي، انهن جا اجا بہ وڏا وڏا ڪرتب ۽ کيل ڏسندين. جتي سڄي دنيا جو ذهن ۽ پورهيو دنگ ٿئي ٿو اتان هنن جو شروع ٿئي ٿو."

پيڙيءَ جو پاسو جهاز سان اچي ٽڪرائي، ان کان اڳ چڊيءَ واري ڇوڪريءَ چئمپل لاهي اگهاڙن پيرن سان ڊوڙي سندن پيڙيءَ جي ان پاسي قطار ۾ رکيل ست اٺ ڦاٽل ٽائر (ڦيٿا)، هيٺ لڙڪائي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چڙيا. جيئن اهي جهاز ۾ بيڙيءَ جي وچ ۾ اسپرنگن جو ڪم ڏين ۽ بيڙيءَ جو ڪاٺ جهرڻ کان بچي وڃي. ڳاڙهي پتلون واري ننڍي چوڪريءَ انجڻ جي ليور کي (*Stop*) تي آڻي. يڪدم پنيان دٻائي، انجڻ کي ابتو (*Reverse*) ڦيرايو. بيڙيءَ جي اڳتي وڌڻ جي طاقت (*Momentum*) انجڻ جي پنتي هلڻ سان نابود ٿيڻ لڳي ۽ بيڙيءَ هڪ هنڌ بيهي رهي. پر پاڻيءَ جي تکي وهڪري هئڻ ڪري بيڙي فقط ڪن پل لاءِ اتي ترسي، پاڻيءَ سان گڏ پنتي چڪجڻ لڳي. چوڪريون سمجهي ويون تہ چا ڪرڻ کپي. بيڙيءَ جي انجڻ بند رکي، هنن ڦڙتائي سان هڪ سنهي نوڙي (*Line*) مٿي جهاز تي اڇلائي. جهاز جي ڊيڪ تي بيٺل ڪنهن خلاصيءَ ان نوڙيءَ جو پوچڙي جهليو. تيسين ٻي چوڪريءَ انهي سنهي رسيءَ جي هيٺين پوچڙ ۾ بيڙيءَ جو ٿلهو رسو چڪي ٻڌو. تيسين بيڙي جهاز کان چڱو پري پهچي وئي هئي، پر سندس سنگ رسي ذريعي جهاز سان ڳنڍجي ويو هو. پهرين چوڪريءَ (چڊيءَ واريءَ) ان رسي کي ڪٽي ڪئپسٽن تي چاڙهيو ڪئپسٽن (*Capstan*) ائٿ ۾ ڦرندڙ نڙاندڙيءَ جهڙو يا سبڻ جي مشين ۾ چڙهندڙ بابين (*Bobbin*) جهڙو ٿئي. چوڪريءَ ٻئي هٿ سان ان جي مشين اسٽارٽ ڪئي. ڪئپسٽن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گول ڦرڻ سان رسو ان تي ويڙهجڻ لڳو ۽ ٻيڙي جهاز جي ويجهو ايندي وئي. تان جو جڏهن بلڪل جهاز جي پرسان اچي لڳي ته هنن ڪٽي ڪئپسٽن (داٻڙ) بند ڪيو. پٽلون واري چوڪري جهاز تان لڙڪيل چرٽي (*Pilot Ladder*) ذريعي مٿي چڙهي جهاز تي آئي ۽ ڊيڪ تي بيٺل اسانجي هانگ ڪانگ آفيس جي چيني ايجنٽ کان هوءَ پڇڻ لڳي ته جهاز جي گدامن (*Hatches*) ۾ رکيل ڪهڙو ڪهڙو سامان هوءَ پنهنجي ٻيڙي (*Barge*) ۾ رکرائي. ٻيڙيءَ رستي سامان ڍوئڻ بابت پڇڻ لڳي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ٽون واقعي هيڏ ماستريائي ٿي لڳين

## مغرب هميشه مشرق کي بڪَ، بيروزگاري ۽ بُڇڙائي ڏني آهي.

هونءَ هانگ ڪانگ دنيا جي انهن شهرن مان آهي جن لاءِ جيترا به گهٽا ڏينهن گهُمڻ جا هُجن تہ بہ ٿورا آهن. اسان کي هانگ ڪانگ ۾ پروگرام مطابق تمام ٿورا ڏينهن ترسڻو هو پر سامان جي لهڻ ۽ چڙهڻ ڪري، ۽ ساڳي وقت اسان جي ڪمپني (نئشنل شپنگ ڪارپوريشن) جا پيا بہ ٽي کن جهاز اتي موجود هئڻ ڪري، اسان جو جهاز مهينو کن ترسي پيو.

اڳ ۾ جو پروگرام ٿورن ڏينهن جو هو سو ان مطابق جلدي جلدي خريداري ۽ گهُمڻ جون خاص خاص جڳهيون ڏسي ڇڏيونسين. هانگ ڪانگ ۾ گهٽو ڪري جتي ڪٿي منهنجو گهُمڻ، شڪارپور جي سيڪنڊ انجنيئر سعيد اختر زيديءَ سان ٿيندو هو. زيديءَ سان گڏُ هي منهنجو پهريون سفر هو پر اتفاق سان اسان جا ڪيترائي دوست ۽ مائٽ هڪٻئي جا واقف نڪتا. سو جلدي هڪٻئي سان سُڃاڻپ ٿي وئي. اختر زيدي کي سنڌي بہ سٺي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آئي ٽي ان ڪري سنڌي توڙي اڙدو جا چرچا پوڳ (*Enjoy*) ڪياسين ٿي.

خريداري ڪري يا گهُمي ڦري ڪٿي ڪنهن هوٽل يا پارڪ ۾ اچي وهندا هئاسين ته شڪارپور جي زين پناڻ، آغا سليم، آپا شيرين فاروقي، ارشاد ميمڻ ۽ ٻين اديبن، دوستن ۽ واقفڪارن جو ذڪر ڪيندا هئاسين، جن کي اسان ٻنهي سُڃاتو ٿي. ڪڏهن ڪڏهن سنڌي ادب جو ذڪر نڪرندو هو ته هُو پنهنجي سابق استاد، سنڌ جي ادبي شخصيت بشير مورياڻيءَ جون خبرون ٻُڌائيندو هو ۽ پوءِ هڪٻئي کان معلوم ڪندا هُئاسين:

”اڄُڪلهه زين ڪٿي آهي؟ بشير مورياڻي ڪٿي آهي؟ ڇا پيو ڪري؟“ ”ـ شايد جيڪب آباد جو ڊپٽي ڪمشنر آهي، سهڻي رسالي ۾ گذريل سال مون سندس تعارف پڙهيو هو.“ ”عالم شيخ ڪٿي آهي؟ مسعود فاروقي ڇا پيو ڪري؟“ وغيره وغيره.

اسان ٻنهي جي گڏُ گهُمڻ ۾ ان ڪري به مزو ايندو هو جو اسان ٻنهي ۾ ڪجهه ساڳيون ڳالهيون هيون. هڪ خريداريءَ کان نفرت ۽ ٻيو آئيس ڪريم کائڻ جو شوق. خريداريءَ جي سلسلي ۾ اسان هانگ ڪانگ مان انهيءَ شان شوڪت سان وڃڻ پئي چاهيو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جنهن سان مقدونيہ جو سڪندر اعظم هن جهان مان روانو ٿيو يعني هٿين خالي. بهرحال ان هوندي بہ پين کي ڏسي اسان بہ هڪ اڌ ٽپڙ ڪٽي وٺندا هئاسين. يا ان لاءِ بئي ڄڻا فورٿ انجنيئر باقر رضا کي پئسا ڏيندا هُئاسين جو دنيا جهان جون بازارون گهُمي، بلڪ نوسي، پنهنجي لاءِ ۽ اسان لاءِ بهترين شيءِ، گهٽ قيمت تي ڳنهي ايندو هو. هن کي مهاڻي وانگر خبر رهي ٿي (يا الهام يا انتر گيان ٿئي ٿو) تہ خريداريءَ جو چارُ دڪانن جي سمنڊ ۾ ڪٿي اڇلائجي، جيئن هتي جا مانگر مڇ واپاري چڳيءَ طرح سوگها ٿي سگهن ۽ ننڍڙين مڇين وانگر خريدارن جو معمولي ”غير ملڪي ناڻو“ ڳڙڪائي نہ وڃن. باقي اسان کي اها سا خبر هئي تہ هانگ ڪانگ ۾ ڪولون، يا سنگاپور يا پينانگ ۾ ڪٿي ڪٿي آئيس ڪريم ملي ٿي، ڪٿي آئيس ڪريم ڪونَ (*Cones*) يا ”ملڪ شيڪ“ سنو ملي ٿو ۽ آئيس ڪريم جو شوق ايتري ئي جنون تائين هئوسين، جيترو امرجليل جي هڪ ڪردار ”چريٽ“ کي ”ڪلفي“ سان.

هڪ ڏينهن (هانگ ڪانگ جي شُروع وارن ڏينهن ۾) ڪا جڳهہ گهُمڻ لاءِ پهريون نہ سوچي (۽ جي هڪ ڏينهن اڳ اسان ڪنهن جڳهہ گهُمڻ جو پروگرام ٺاهيو بہ هو . تڏهن بہ ريڊيو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پاڪستان حيدرآباد وانگر. چيپل پروگرام بدران) اسان ائين هڪ ٻِٽي (*Double_Decker*) ٽرام ۾ چڙهي پياسين ۽ ارادو ڪيوسين تہ سڄي شهر جو چڪر ان ۾ هڻنداسين.

هانگ ڪانگ ۾ ٽرام جي هڪ ٽڪيٽ مقرر آهي، چاهي توهان هڪ پوِچڙ کان ٻئي پوِچڙ تائين ڪٽي بہ لهو ۽ ڪيڏانهن بہ وڃو. هر بس ۽ ٽرام جا رستا مقرر آهن. جيئن اسان وٽ آهن ۽ انهن تي اچي وڃي. اسان ڏاڍو آرام سان ويٺاسين. عينڪ لاهي، اکهي، اکين تي چاڙهي، نڪ کي موڙو ڏيئي، هانگ ڪانگ شهر جو ٽرام مان نظارو ڪرڻ لاءِ اجان دريءَ ڏي نهاريم مَس تہ ٽرام فرلانگ کن هلي بيهي رهي. ڪنڊڪٽر هارن وڄائڻ لڳو. اڳيان ڏٺم تہ ڪير بہ ڪونہ هو جنهن لاءِ هارن وڄائڻو پوي. زيديءَ منهنجي ڪلهي کي لوڏي چيو تہ ماٺهو تہ لهن پيا. ڪنڊيڪٽر کان پُڇيم چا ڳالهہ آهي. ڏاڍي مزي سان وراڻيائين:

”سائين! ٽرام جو آخري اسٽاپ اچي ويو. هاڻ وري پيو ڊرائيور ۽ ٽڪيٽ چيڪر ٽرام کي واپس وٺي هلندو.“ ڏاڍو شڪي ٿياسين. ان کي اڙدو ۾ چئبو آهي، ’غريبيءَ ۾ اٽو پٽڙو‘. زيديءَ چيو تہ ٿورو عقل کان ڪم وٺون ها تہ بہ ڪن گلاس ملڪ شيڪ جا ٿي پون ها. در



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وٽ لڳل مشين ۾ پئسا وجهي وري پي ٽڪيٽ ڪڍيسين. هن دفعي مٿي وچي ويناسين. پنجن منٽن ۾ ٽرام پرجي وئي ۽ پويان پير ڪٽي هلڻ لڳي. خوشقسمتيءَ جي ڳالهه هئي جو ان وقت ٽرام ۾ اسان جي اوسي پاسي ۾ ٻه ٽي يورپين نظر آيا ۽ اسان کي آسرو ٿيو ته ڳالهائڻ ٻولهائڻ يا خبر چار پڇڻ لاءِ ڪا پهر آهي. هونءَ بس ۽ ٽرامن ۾ اڪثر هتي جا اصلي رهاڪو نظر ايندا. جي يورپين جي مقابلي ۾ غريب هئڻ ڪري اهڙي سواري اختيار ڪن ٿا. هتي انگريزن جي حڪومت هئڻ ڪري انگريزن جو ته وڏو ناٺ ۽ اميراڻو دٻدٻو آهي ۽ ٽئڪس فري بندرگاهه هئڻ ڪري، هر ڪري گنجي لاءِ پنهنجي ڪار رکڻ ڪا وڏي ڳالهه ناهي ۽ هتي جا چيني رهاڪو ڌارين جي ان ٺٺ ٺانگر کي حسرت پريل نگاهن سان ڏسن ٿا. نوجوانن ۾ ته ڪافي *Frustration* آهي ۽ ڌارين کي نفرت جي نگاهه سان ڏسن ٿا. هنن جي چوڻ مطابق ڌارين سندن زمين، دولت، تهذيب ۽ ثقافت تي ڌاڙا هڻي ملڪ کي ڪوڪلو بنايو آهي.

زيديءَ انهن يورپين کان سندن قوميت پڇي. ٻه گورا جيڪي پنيان وينا هئا، ڳچيءَ ۾ ڪئميرائون هئن ۽ سياح ٿي لڳا، سي جرمن هئا ۽ جتي جتي ٽرام ترسي ٿي ته فوٽو ٿي ڪڍيائون. ڪٿي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪا پوڙهي عورت پُٺيءَ سان بار کي ٻڌي، سامان جي پري ڪنيو پئي ويئي. يا ڪنهن چينيءَ چاتيءَ سان پٽو ٻڌي رڪشا پئي گهلي يا ڪنهن ڪنڌ پاسي پراڻي قسم جي هوٽل اڳيان ٻارن پٽ تي ويهي چاپ اسٽڪ (تيلين) سان پٽاٽا ۽ ٻهه وٺي کاڌا ۽ ڪو ٻيو اهڙو غربت جو نظارو، جو مغرب جي اميرن لاءِ نئون هو ته سندن ڪئميرائون مٿي فوٽوڪڍڻ لاءِ ڪڇي وٻون ٿي.

اسان جي پرواري سميت جنهن تي هڪ ٿلهي يورپين عورت، جنهنجي عمر پنجيتاليهه جي لڳ ڀڳ ٿيندي ۽ منهن ۾ دهشت ۽ رعب هوس، سا انگريز هُئي. پاڻ ٻڌايائين ته سندس مڙس آرميءَ ۾ هڪ ڪرنل آهي ۽ پاڻ هانگ ڪانگ جي هڪ انگريزي اسڪول جي هيڊ ماسترياڻي آهي. زيديءَ اهو ٻڌي آهستي چيو. ”ها تون واقعي هيڊ ماسترياڻي لڳين ٿي.“

تنهن تي پاڻ مُرڪي پڇيائين: ”چو؟“ ۽ زيدي ڏاڍي مزي سان ڳالهه گول ڪري ويو.

اسان جي سامهون ڊگهي بينچ هُئي، جنهن تي ويهندڙن جو منهن اسان طرف هو. ان تي هڪ ڪُراڙي چيني عورت ڪارن ڪپڙن ۾ ، ٻه چيني مرد، جن کي ٻه ساڌا ۽ ڍلا ڪپڙا پهريل هُئا ـ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ويٺل هُئا. اسان جي بلڪل سامهون ننڍڙيون پرائمري اسڪول جون ڇوڪريون عمر اٺ يا نوَ سال ڪن مس، هڪ هٿ ۾ ڪتابن جي پَري ۽ ٻئي ۾ شايد رسيس ۾ کائڻ لاءِ ڪا شيءِ هُئي، ويٺيون هيون. هو شام جي شفٽ ۾ اسڪول وڃي رهيون هيون.

زيديءَ پر واري سيٽ تي ويٺل هيڊ ماسترياڻي مسز گرئفرڊ، (جيڪا ٻن ڄڻن جي جاءِ والاريو ويٺي هُئي، ان هوندي به سندس ٿلهين ٽنگن جو ماس ۽ جسم جو ٻيو حصو ٻاهر لڙڪي رهيو هو بلڪ ائين جيئن حيدرآباد ۾ فقير جي پِڙ ۾ ڪيترا ڪچا دڪان، پاڃين، مچين، چمپلين، اتي، ڪار ۽ "هر مال ملي گا باره آني" واري سامان جا گاڏا غير قانوني طور فٽ پاٿ ڪان به اڳيان پکي رستي تي اچي ويندا آهن) کان پڇيو:

"توهان کي هانگ ڪانگ ۾ آئي ڪيترو وقت ٿيو آهي؟"

"نَو سالن کان مٿي تي ويا آهن." گوشت جي جبل ڇُرپُر ڪندي ٻڌايو. "انگلنڊ کان وڌيڪ توهان کي هتي مزو ايندو هوندو جو هتي هر شيءِ سستي آهي ۽ هانگ ڪانگ خوبصورت آهي." زيديءَ چيس.

"ها، پر تڏهن به اسان جي انگلنڊ جي ڇا ڳالهه ڪجي." هن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وراڻيو.

۽ مونکي مانچيسٽر، لورپول، لنڊن، نيوڪيسٽل، ڊنڪاشائر ۽ انگلنڊ جي ٻين شهرن جون بدبودار گهٽيون، گهمر، گهُٽ ۽ گندگي اکين اڳيان ڦرڻ لڳي. پر چوندا آهن تہ عورت ڪٽي پوٽن ڌهتن واري ٿي وڃي، پر تڏهن بہ ڪيس اهي ڪانگ سهڻا لڳندا آهن. جيڪي مائيٽياڻي گهر ڪان اڏامي اچن. ان وانگر انگريز بہ چاهي دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ ڪيترو بہ سکيو هجي ۽ اهو عيش نصيب هجيس، جيڪو ڪيس پنهنجي ملڪ ۾ ستن پيڙهين گذرڻ بعد بہ نصيب ٿيڻ جي اميد نہ هُجي، تہ بہ پنهنجي ملڪ جي تعريف ۾ پيٽو ٽيٽو پيو ٽيندو.

”پلا اڄڪلهہ هتي هانگ ڪانگ ۾ انگريزن جو ڪهڙو حال آهي،“ زيديءَ پيو سوال پڇيس، ”هتي جا چيني چاهين ٿا تہ توهان رهيا پيا هجو يا هو هاڻ ڌارئين جي حڪومت برداشت نٿا ڪن؟“

”نہ نہ. چيني تہ هرگز اهو نہ چاهيندا تہ اسان هليا وڃون. هو تہ اسان مان ڏاڍا خوش آهن. اسان ئي تہ هن ملڪ کي هن اوج تي آندو آهي. ڪين تهذيب سيکاري آهي.“ مسز گرئفرڊ هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيندي، اکيون ڦاڙي، اسان کي مرعوب ڪرڻ چاهيو. مون



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هانگ ڪانگ جو اوچ پنهنجي پاسي واري دريءَ منجهان، ٽڪرين تي خوبصورت بنگلن ۾ عمارتن جي روپ ۾ ڏنو جنهن ۾ هتي جا چيني باشندا نه پر انگريز سڪون ۾ رنگينين سان پُر زندگي بسر ڪري رهيا آهن ۽ تهذيب جو سوچيندي هانگ ڪانگ جا سوين اگهاڙا ناچ گهر، مساج گهر، شراب خانا، ڪلب، جوا جا اڏا ۽ چڪلا جنجي پاهران رنگين پرندڙ وسامندڙ روشنين ۾ سندن خوبصورت رومانوي انگريزي نالا لکيل آهن. ڦرڻ لڳا. منهنجي ڪنن ۾ فرينچ ليکڪ خاتون ڪوليٽ مندوتين جا جملا ٻُرڻ لڳا، جيڪي هن، مشرق جا ملڪ گهُمي شنگهائيءَ جي هوٽل ”ساسون“ جي ڪڏ تي ببيهي چؤطرف نهاري چيا هئا: ”مغرب هميشه مشرق کي بک، بيروزگاري ۽ بُڇڙايون ڏنيون آهن.“

چا ان حقيقت کان ڪير انڪار ڪندو ته مغرب جي سامراجين جنهن جنهن ملڪ ۾ قدم رکيو ان تي قبضو ڪيو ۽ ان جو رتُ چوسيو. مشرق جا ملڪ پوءِ چاهي آفريڪا جو ڪينيا، نائيجيريا، موزمبيق، اٿوپيا يا ملاگاسي هجي يا ايشيا جو هندستان، ملايا، انڊونيشيا، چين يا برما هُجي، مغربين لاءِ مشرق جا مڙيئي ملڪ مينهون هيون، جن کي هنن فقط ڏڌو پر گاهه ڏيڻ کان سڪايو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۾ بڪيو رکيو. مشرق جي مجيل حقيقتن تي چٽرون ڪيون.

مون کي جپان ۾ لڳل ميلي ”Expo_70“ ۾ اسان جي ملڪ جي لڳل اسٽال اڳيان اسان جي ڳوٺائي عبدالرزاق ميمڻ جو هڪ آمريڪن فئمليءَ سان ٿيل زباني جهڳڙو ياد آيو. اسان جي اڳيان قطار ۾ بيٺل آمريڪن عورت کي سندس مڙس اهو چئي اسٽال ڏسڻ کان ٽوڪيو تہ: ”هنن وٽ آهي ئي ڏيکارڻ لاءِ ڇا.“ ”۽ توهان آمريڪن وٽ وري ڇا آهي ڏيکارڻ لاءِ؟“. عبدالرزاق اڳتي وڌي چيس، ”ڇا اسان جي تهذيب ۽ ثقافت توهان کان بہ وئي؟ اسان جي تهذيب تہ پنج هزار سالن کان بہ پُراڻي آهي! موهن جو دڙو، هڙپا، ٽئڪسيلا، ڀنڀور، ڪوٽ ڏيجي، آمري انهن جا جيئندا جاڳندا ثبوت آهن. فقط توهان ظاهري ۽ اندر جي اکين تان تعصب جو پردو لاهيو تہ توهان کي پنهنجي ملڪ جي يونيورسٽين ۾ ئي هزارين شاگرد موهن جي دڙي تي کوجنائون ۽ اڀياس ڪندا نظر ايندا.“

”ملائيشيا جي هڪ هوٽل ۾ هڪ يورپين سان ويٺو هوس، سامهون واري ٽيبل تي ملئي زال مُڙس ۽ سندن ٻہ ٻار چاپ اسٽڪس (تيلين) سان کاڌو کائي رهيا هُئا. يورپي دوست وڏي فخر سان انهن ڏي اشارو ڪندي مون کي ٻڌايو، ”هنن اسان جي ڪانٽي ڇُريءَ تان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اهو تيلين سان کائڻ جو رواج نقل ڪيو آهي.“

”منهنجا ياءُ“. مون سندس ڪلهي تي هٿ رکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، ”هي تيلين (Chop_Sticks) سان کائڻ جو رواج ته عيسوي سن کان به گهڻو پُراڻو آهي ۽ اڏ کان وڌيڪ مشرق ۾ برما، اندونيشيا ۽ فلپين جي هزارين پيڙهن کان وٺي ويندي چين، ڪوريا، جپان، منگوليا تائين ماڻهو انهن تيلين سان کائيندا اچن. ڪانٽو ۽ ڇُري ته هنن تان پاڻ توهان نقل ڪيو آهي.“

مون جيئن ئي اهي ڳالهيون سوچيون، منهنجو ساهه تي گهُٽيو. پنهنجو ڌيان ڳالهين تان هٽائي سامهون ويٺل چيني ڇوڪرين ڏي ڌسڻ لڳس. خوبصورت چيني گُڏين جهڙيون ننڍڙيون چيني ڇوڪريون پاڻ ۾ چينيءَ ۾ ڳالهيون ڪري رهيون هيون. هڪ سنهي هُئي ۽ ٻي ٿوري ٿلهي، پر سندس منهن سڄو فوٽ بال وانگر گول هو ۽ ان تي سنهي فريم جي عينڪ چڙهيل هئي. ٿلهي صبر واري ۽ ٻيءَ کان وڌيڪ سياڻي ٿي لڳي. سنهي ڇوڪري چست ۽ چالاڪ ٿي لڳي. سندن اشارن مان سمجهيم ته هو ڪين گهر لاءِ مليل حسابن جا جواب، ڌسڻ ٿيون چاهين. آخر پهرين عينڪ واري ڇوڪريءَ پنهنجو ڪتاب کولي ٻيءَ کي جواب ڏيکاريا. آلجبرا جو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪتاب هو. ننڍڙا ننڍڙا سوال هُئا. مثال طور : پنج ايڪس واڌو ٽي وائي، ضربيان پنج ايڪس، انهن جا جواب بہ سامهون ڪتاب تي ئي لکڻا هُئا. سنهي ڇوڪري جواب ڏسندي رهي. پر پنهنجا جواب اجا نہ ڏيکاريائين. تنهن تي عينڪ واريءَ زبردستي سنهي ڇوڪريءَ جو ڪتاب ڪسي کولي ڏٺو. مون بہ ليئو پائي ڏٺو. هڪ بہ حساب ٺيل نہ هو! ان ويساهہ گهاتيءَ تي عينڪ واري ڇوڪريءَ کي چڙ لڳي، پر جيئن تہ مونکي ان چالاڪيءَ تي کل اچي وئي پاڻ بہ کلي ڏنائين. اهڙيءَ طرح معاملو رفع دفع ٿي ويو. ان دوران ڏٺم تہ سنهي ڇوڪريءَ جلدي جلدي ساڳيا جواب پنهنجي ڪتاب تي بہ هڻي ڇڏيا. زيديءَ کي چيم، ”ڇوڪري آهي يا بلا.“ مون سندس نالو پڇيو پر چيني مون کي ڪانہ ٿي آئي ۽ کين انگريزي سمجهہ ۾ ڪانہ پئي آئي. چين، سنگاپور، ملايا ۽ هانگ ڪانگ ۾ رهي چيني سکڻ جي معاملي ۾ شاهہ لطيف جي شعر: ”اکر پڙهہ هڪڙو، ورق سڀُ وسار“ تي پورو عمل ڪيو اٿئون. چيني زبان جي فقط هڪ لفظ ”چي چي“ معنيٰ ”مهرباني“ کان سواءِ ٻيو ڪُجهہ بہ نٿو اچي.

ان وقت مسز گرئفرد هيڊ ماسترياڻي ۽ زيدي بہ کين ڏسي کلي رهيا هئا. ڇوڪرين کي جڏهن منهنجي ۽ زيديءَ جي انگريزي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سمجھ ۾ نہ آئي ۽ ربڱو ڪلنديون رهيون تہ مسز گرئفرڊ وچ ۾ ٽپي، حاڪماڻي انداز ۾ ڪائنئن گول منهن ناهي پڇيو ”واٽ از يوئر نيم؟“ اسان سمجهيو هوءَ هتي نوَ سال کن رهي آهي سو هتي جي زبان کان ضرور واقف هوندي. ٻنهي ڇوڪرين سندس اوچتي سوال تي هن ڏي عجيب نظرن سان گهُوري ڏٺو وري اسان ڏي نهاريو ۽ پوءِ هڪٻئي ڏي نهاري مُرڪي، تيڏي اک سان مسز گرئفرڊ ڏي ڏٺو. مسز گرئفرڊ ڏاڍو شڪي ٿي ۽ پوءِ هي ٻئي ڇوڪريون اچي ڪل ۾ پيون تہ بس ئي نہ ڪن. خبر ناهي ڇو مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هو انگريز خاتون کي چئي رهيون هُجن تہ : تنهنجو ڇا وڃي اسان مشرقين ۾.

”ڇا توهان هتي نَو سال رهڻ بعد بہ هتي جي زبان نہ سکي آهي. چيني تہ تمام جهوني ۽ وسيع زبان آهي؟“ زيدي اهو سوال ڪري ڪيس وڌيڪ شڪي ڪيو. ان سوال جي ڪڙاڻ هوءَ شايد نڙگهُٽ ۾ محسوس ڪرڻ لڳي، جو مون ڏٺو تہ هوءَ جواب ڏيڻ بدران فقط گيتون ڏيندي رهي. بس هلندي ۽ بيهندي رهي، جوبلي اسٽريٽ، وڪٽوريا اسٽريٽ، پاٽنجر اسٽريٽ، پيڊر اسٽريٽ ۽ ٻيا رستا پار ڪندي رهي. مسافر چڙهندا ۽ لهندا رهيا. يورپين سياح درياءَ وٽ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪئميرائون جهلي هانگ ڪانگ جي حُسن ۽ بچل غربت جي آثارن جا فوٽو ڪيندا رهيا. گول منهن واريءَ ڇوڪريءَ ڪيڪ ڪيڏي اڌ پاڻ کاڌو اڌ سنهي ڇوڪريءَ کي ڏنو. ان کان پوءِ سنهي ڇوڪريءَ انگورن جو لفافو کولي هن کي به کائڻ لاءِ آڇيو. پر هن هڪ وات ۾ وجهي پيو نه ڪنيو. پر سنهي ڇوڪري مزي سان کائيندي رهي ۽ اسان کي به کائڻ جو اشارو ڪيو. پهرين ته آئون ڇي ڇي (مهرباني) چوندو رهيس پر پوءِ زور ڪرڻ تي به انگور وات ۾ وڌم ته خبر پيئي ته اهي اهڙا ڪنا جو هر گدڙ (پڙهيل توڙي اڻپڙهيل) بنا پُڇڻ يا کائڻ جي آڪي سگهندو ته : "ٿُو ڪنا" آهن جي اها بي درجي سنڌيءَ جي ڪتاب جي ڪهاڻي واقعي سچ آهي ته. (ان تي ۽ ٻين بي درجي جي آکاڻين تي پڪ اٿم ته هيسيتائين ظفر حسن ۽ عبدالحليم بروهيءَ جهڙا جوان ڪافي ريسرچ مڪمل ڪري چُڪا هوندا).

بس ٽورو اِڳتي هلي هڪ خاص اسٽاپ تي ترسي، سامهون وڏن اکرن ۾ لکيل هو "*Star_Ferry to Kowloon*" ان فيري (موٽر بوٽ) ذريعي هانگ ڪانگ جو ننڍڙو ٻيٽ هانگ ڪانگ جي ٻئي حصي "ڪولون" سان ڳنڍيل آهي. اسان ٻئي ڪولون



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وچڙ جو خيال ڪري، بس مان تڪا تڪا لٿاسين، چيني ڇوڪرين
پنهنجا ننڍڙا هٿ لوڏيا.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# سنڌي ثقافت ۽ سپيتا جو پرچارُ

## هڪ ملاقات ۽ انٽرويو

پهرين دفعي جڏهن هانگ ڪانگ آيو هوس تہ آخري ڏينهن صبح جو اٺڙ سان، جيئن ٽي ايف ايم ريڊيو اسٽيشن کوليم، تہ هڪ هنڌان سنڌي گانو ٻڌڻ ۾ آيو :

”او وڃُ نہ پري مون کان هٽڙو ڇڏائي“

ڪٿي خواب تہ نہ لهي رهيو آهيان. سنڌي گانو محمد يوسف جي آواز ۾، سو بہ هانگ ڪانگ جي ڪنهن ريڊيو اسٽيشن تان! منهنجي جاءِ تي ڪوبہ هُجي ها ۽ ٻڌي ها تہ في الحال وائڙو ٿي وڃي ها. ڏاڍو خوش ٿيس. پنهنجي زبان جو راڳ سو بہ وطن کان هزارها ڪوهہ ڏُور هانگ ڪانگ ۾! اسان سنڌي تہ ڪراچي ريڊيو تان ئي ڪڏهن سنڌي راڳ ٻڌندا آهيون تہ ان تي ئي خوش ٿيندا آهيون. ڇو جو اسان جي خواهش ۽ سڌن جو ايترو تہ قتل عام ٿئي ٿو جو ڪا معمولي خواهش جي تڪميل تي پهچي ٿي تہ خوشيءَ ۾ نٽا ماپون.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پڪ ڪرڻ لاءِ تہ واقعي هانگ ڪانگ ۾ آهيان، دريءَ جو پردو ريڙهي هانگ ڪانگ جي اڀين عمارتن ۾ ساوڪ سان جهنجهيل تڪرين کي ڏٺم. اتفاق سان انهيءَ ڏينهن شام جو هانگ ڪانگ ڪان، ”ڪولون فيري“ ۾ ويندي بہ هتي جا ٽي چڙا سنڌي رهاڪو گڏيا. تن ٻڌايو تہ هانگ ڪانگ ۾ هفتي ۾ هڪ ڏينهن ريڊيوءَ تي - ويءَ تي سنڌي پروگرام ايندو آهي. اهو ٻڌي مون کي تعجب لڳو (ڪراچي ٽي - ويءَ وارن کي تہ هي پڙهي مون کان بہ وڌيڪ تعجب ٿيو هوندو. ٿي سگهي ٿو ٿورو ٿورو شرم بہ محسوس ڪري رهيا هُجن. جيتوڻيڪ هنن پنهنجي پَر ۾ سنڌي پروگرام لاءِ هفتي ۾ پنجويهہ منٽن جيترو قيمتي وقت رکي، سنڌين تي وڏو احسان ڪيو آهي.)

مٿين همراهن کان پُڇا تي معلوم ٿيو تہ هتان هڪ لوڪل ريڊيو اسٽيشن ۽ ٽي - ويءَ تان سنڌي پروگرام ”مسٽر ڪي - سيتل“ نالي ڪو همراهہ نشر ڪري ٿو. مون کي ان شخص سان ملڻ جي خواهش ٿي. سجُ لهي چُڪو هو سندس آفيس بند ٿي وئي هُئي ۽ گهر جي ائڊريس جي خبر پئجي نہ سگهي. ٻي ڏينهن صبح جو پرهہ ڦُٽيءَ کان اڳ سڙهہ سنياهيا ۽ لنگر کڻي ايرنڊڙ سج جي ملڪ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جپان روانا ٿي ويا سين. افسوس ٿيم تہ جي اڳواٽ خبر پوي ها تہ مسٽر سيتل سان ضرور ملي حال احوال وٺانس ها.

پر جپان ۾ پندرهن ويهن ڏينهن رهڻ بعد اسان جو پروگرام وري هانگ ڪانگ جو ٿيو ۽ اچي هانگ ڪانگ نڪتاسين.

هانگ ڪانگ پهچڻ سان آئون ونڌام (*Windham*) اسٽريٽ ۾ اسٽائيلو ڪارپوريشن ۾ پهتس، جنهن جو پارٽ مئنيجر پڻُ آهي. ساڻس ملي هانگ ڪانگ جي خبر چار ورتم. پارٽ ڳالهين جو ڳهير، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو (باوجود مصروف زندگي گُذارڻ جي) ۽ علم جو پنڌار معلوم ٿيو ٿي.

پارٽ ٻڌايائين تہ سنڌ کان پوءِ سڀ کان گهڻا سنڌي هانگ ڪانگ ۾ جڪارتا ۾ رهن ٿا. هانگ ڪانگ جي ريڊيو تان هفتي ۾ هڪ دفعو سنڌي پروگرام پيش ٿئي ٿو ۽ هتان جا سڀ سنڌي واپاري ۽ امير آهن. (انهن سنڌين ۾ مشهور سنڌي اديب ۽ دانشور علي احمد راشدي پڻ هو جو پڻ هانگ ڪانگ ۾ ڪافي عرصو رهي چُڪو آهي.) سيتل ٻڌايو تہ دنيا ۾ ”سنڌي واپاري“ مشهور آهي ۽ مارڪيٽ جي ٽيڪنيڪ کان چڱي طرح واقف آهي. هڪ ئي وقت ساڳي شيءِ ساڳئي قيمت تي ڏهہ مختلف ڪمپنيون ٺاهين



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٿيون. پر مارڪيٽ ۾ ڪيئن ۽ ڪنهن جي گهٽي ڪپت ٿيندي، ان ڪي مارڪيٽ ٽيڪنيڪ سڏجي ٿو. جنهن ۾ سنڌي پنهنجو مَٽُ پاڻ آهي. اڄُڪلهه دنيا ۾ اها چوٽي عام آهي: ”سنڌي معنيٰ سيلز مين ۽ سيلز مين معنيٰ سنڌي“. ( *Sindhi means Sales man and Sales man means Sindhi*) پاڻ هڪ ڏاڍي مزيدار ڳالهه ٻڌايائين تہ سنڌين جو حصو واپاري دنيا جي ترقيءَ ۾ بين علمن سان گڏ ڊرافٽ (*Draft*)جو پڻ آهي. شڪارپوري پهريان سنڌي هُئا. جن اڄُ کان ٻہ سؤ سال اڳ ڏيتي ليتي ۾ ڊرافٽ جو طريقو ايجاد ڪيو. جنهن کي سنڌيءَ ۾ ”هنڊي“ سڏبو آهي ۽ عبارت ڪجهہ هن ريت لکي ويندي آهي تہ پيارا ڀاءُ! هيءَ چٺي پڙهي ڀاءُ فلاڻي کي هڪدم پنج هزار روپيا فقط اکرين پنج هزار روپيا فقط ڏيندا. ۽ اهو ساڳيو ڊرافٽ سسٽم ان کان پوءِ انگريزيءَ ۾ آيو آهي تہ:

*On demand of Mr. So and So please pay the sum of rupees...*

وغيره وغيره

پاڻ هانگ ڪانگ مان ٽن سالن کان هڪ انگريزي رسالو ست صفحن کن جو آرٽ پيپر تي ڪڍي رهيو آهي، جنهن ۾



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪجهه حصو دنيا ۾ رهندڙ سنڌين جي خبرن جو پڻُ آهي. تازو هندستان ۾ جڏهن سنڌي لپي بدلائي هندي ڪرڻ جي مهم ٿي هُئي، تہ هن جي رسالي ساڳئي عربي اسٽائيل رسم الخط قائم رکڻ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ۽ پاڻ ايڊيٽوريل پڻ لکيائين تہ سنڌي لکٽي رومن يا هندي ڪرڻ بدران، ساڳئي اصلي رهڻ گهُرجي. پاڻ ڪجهہ سنڌي ڪتاب مون کي ڏنائين، جي هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ سنڌي اديبن جا لکيل آهن. هڪ تہ "درد وند دوست" نالي پنج سؤ صفحن کان بہ مٿي جو آهي.

مسٽر سيتل ٻڌايو تہ هو پاڪستان اڪثر ايندو رهي ٿو. ڇو تہ هن کي برٽش پاسپورٽ آهي ۽ هن جي شهريت (*Citizenship*) اصل کان هانگ ڪانگ جي آهي. هن جا وڏا سنڌ ۾ جاوا نپنا ۽ پاڻ ورهاڱي کان بہ اڳ هانگ ڪانگ ۾ اچي آباد ٿيو.

پاڻ چيائين، "ڪيڏو نہ سُنو ٿئي، جيڪڏهن سنڌ جا ڪُجهہ ڳائڻا ۽ فنڪار هڪ ايسوسيئيشن ناهي، ٻين ملڪن جا دورا ڪن ۽ مختلف وڏن شهرن ۾ پنهنجي ثقافت ۽ هنر جا جوهر ڏيکارين."

"هتي اڪثر هندستان کان سنڌي ڳائڻا ۽ فنڪار دوري تي ايندا آهن. مهيني ٻن بعد بمبئي ۽ بئنڪاڪ کان سنڌين جي ٽولي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هتي جي وڏي هوٽل ”هانگ ڪانگ حايات“ ۾ فنڪشن ڪرڻ واري آهي، جنهن پروگرام جو مون بندوبست ڪيو آهي. تون جي انهن ڏينهن ۾ هُجين تہ توکي بہ اچڻ لاءِ اڱوات دعوت ڏيان ٿو. ڊنر جو بہ پروگرام رکيو اٿم ۽ هتي جي سنڌين لاءِ ٽيهہ ڊالر (ست روپيا ڪن) ٽڪيٽ رکي اٿم.“ (اتفاق سان انهن ڏينهن ۾ منهنجو وري هانگ ڪانگ اچڻ ٿيو هو. ان فنڪشن جو ذڪر ڪٿي اڳتي هلي ڪندس.)

مون سندس مهرباني مڃي ۽ محسوس ڪيو تہ ضيا محي الدين جهڙن بدران سنڌي خود ٻاهر اچي سنڌي ثقافت جو صحيح مظاهرو ڪن. تازو پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائن طرفان ڪراچي ٽي - وي جي فنڪار ۽ فلمي اداڪار ضيا محي الدين جي سرپرستي ۾ هڪ فنڪارن جي ٽولي پاڪستان جي مختلف صوبن جي ثقافت ۽ راڳ روپ کي دنيا سان متعارف ڪرائڻ لاءِ دنيا جي دوري تي نڪتي هُئي. ان فنڪشن جو هڪ پروگرام نموني خاطر ڪراچي جي آرٽس ڪائونسل ۾ پڻ پيش ڪيو ويو هو جنهن ۾ سنڌي هوجمالي ۽ سنڌي ثقافت ۽ سپيتا کي ايڏو غلط رنگ ڏئي پيش ڪيو ويو هو جو سنڌ ۾ وڏا گوڙ مچي ويا هئا ۽ ان قسم جي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

غلط حرڪت ۽ سنڌي ڪلچر سان هٿ چُراند ڪي بند ڪرڻ لاءِ سيني اخبارن ۾ آيو هو. ڪراچيءَ جي هلال پاڪستان اخبار ان سلسلي ۾ انگريزيءَ ۾ به اداريو ڏنو هو. امر جليل ۽ نور عباسي جهڙن مشهور ڪالم نويسن ته ان سلسلي ۾ ڪالم به لکيا هُئا.

مان پنهنجو ڌيان ان تان هٽائي ٻي ڳالهه شُروع ڪئي. "توهان ڪي پاڪستان جي سنڌي ڳائڻن ۾ ڪير ٿو گهڻو وڻي؟"

"ابراهيم، جُمن، خديجه، زليخا، روبينه، زرينا ۽ ٻين ڪيترن جو آواز سٺو آهي، ۽ انهن راڳ جون ڪيتريون ئي صنفون پيش ڪيون آهن، ياڳيءَ جي آواز ۾ جيڪا خاص لئه آهي، سا وري ٻين ۾ مشڪل ملندي، نور بانو ۽ زينب ڪي پنهنجو *Style* آهي."

"رونا ليلي ڪي چا توهان نه ٻُڌو آهي؟"

"ٻُڌو ته سيني ڪي اٿم. تازو هينئر پنهور جا رڪارڊ نڪتا ته اهي به دوست هتان گهُرائي ڏنم، پر رونا ليلي جا اچار تمام غلط آهن. هر ڪو سنڌي سمجهي وڃي ٿو ته هيءَ ڌارئين آهي. گُذريل مهيني ڏاڍي مزيدار ڳالهه ٿي. رام پنجواڻي مون وٽ گهُمڻ آيو تنهن ڪي رونا ليلي جو رڪارڊ ٻُڌائي چيومانس ته تبصرو ڪر. رڪارڊ ٻُڌي چيائين ته ڳائڻي تمام سٺي، پر سنڌياڻي نٿي لڳي جو اُچار



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

صحيح نہ اٿس.“

”مون کي ڏاڍو شوق آهي تہ اسان جا اديب ۽ فنڪار ٿوليون ٺاهي دنيا جو دورو ڪن ۽ مختلف جڳهين جا مختلف مشاهدا ماڻين ۽ ماڻهن سان ملن. تازو سنگاپور ۾ ڪوريا جي فنڪارن جا ناچ ۽ رومانيہ جي ڳائڻ جا فنڪشن ڏسي مون چيو تہ ڪاش ائين اسان جا سنڌي فنڪار بہ نڪري پون.“

تازو پاڪستان جي شپنگ منسٽر غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب جڏهن هانگ ڪانگ جي دوري تي آيو هو تہ سيتل ۽ بين هتي جي سنڌين اسان جي وزير کي لنچ ڏني هُئي. پاڻ جتوئي صاحب جي خيالن کان تمام گهڻو متاثر ٿي ڏنو. هر هر سندس ذهانت ۽ قابليت جي تعريف ڪندو رهيو. پاڻ ٻڌايائين تہ : هو اهو ڏسي خوش ٿيو اهي تہ اسان جي ملڪ جون واڳون ذوالفقار علي ڀٽي جهڙي باشعور ليڊر جي هٿ ۾ آيون آهن. جنهن جو والد پڻ قابل سياستدان هو ۽ سندس والد جو گهاٽو دوست هو.

سنڌي ڪتابن، رسالن ۽ فلمن جو ذڪر ڪندي پاڻ ٻڌايائين تہ: ”افسوس جهڙي ڳالهہ آهي جو هتي هانگ ڪانگ ۾ هندستان جا سنڌي رسالا تہ جام اچن پيا ۽ غير ملڪي ناٽو هڪ طرف



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪمائي رهيا آهن ۽ هندستان جا سنڌي اديب شاعر دنيا سان واقف ٿيئي طرف ٿي رهيا آهن. پر پاڪستان ان ڏس ۾ ڪو قدم نہ کنيو آهي. سنڌي زبان ئي هڪ اهڙي آهي جا انگريزي کان پوءِ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. پاڪستان ۾ ڇپيل سنڌي ڪتاب، رسالا ۽ فلمون ڪنهن بہ قيمت تي هندستان جي سنڌي ادب کان گهٽ نہ آهن."

ان کان پوءِ پاڻ مهراڻ، نئين زندگي ۽ سهڻي رسالي جي تعريف ڪندو رهيو جي ڪُجهہ سال اڳ تائين هو پاڪستان کان گهرائي پڙهندو هو. هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور ۾ ٻيا بہ ڪيترا سنڌي مليا جن خاص ڪري "مهراڻ" تماهي رسالي جي ڏاڍي تعريف ڪئي ٿي ۽ ان کي پڙهڻ لاءِ آتا هُئا. ٿي سگهي ٿو تہ اسان جو سنڌي ادبي بورڊ ان کان اڻ واقف هُجي تہ سندن اهو رسالو دنيا ۾ مشهور آهي. ڪين ڪپي تہ هو نہ فقط سنڌ ۾، پر دنيا جي وڏن ملڪن ۾ پنهنجي رسالي جا ايجنٽ مقرر ڪن. ان نموني سان نہ فقط غير ملڪي ناڻو ڪمائي سگهندا، پر ساڳيو ڪتاب گهڻي تعداد ۾ ڇپجڻ ڪري لوڪل خريدارن لاءِ سستو بہ ٿي پوندو.

ساڳي طرح سنڌي فلمون پڻ آهن. هن پاسي ڏور اوير جي هر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ملڪ ۾ يا دنيا جي ٻين ڪيترن ملڪن ۾ ڏورانهن ٻيٽن تي سنڌي رهن ٿا. هتي هانگ ڪانگ ۾ ئي اها حالت آهي جو انگريزي ۽ چيني فلمن جي ٽڪيٽ ڪان سنڌي فلمن جي ٽڪيٽ ٻيڻي رکي ٿي وڃي. ان هوندي بہ هائوس فُل ٿو رهي. اڄڪلهه هانگ ڪانگ ۾ سنڌي فلم ”لاڏلي“ (هندستان جي ٺهيل) هلي رهي آهي. ڪا خاص فلم ناهي ان ڪان اسان جون سنڌي فلمون ”شهرو فيروز“، ”سورٺ“، ”بادل“ وغيره ڪيترا دفعا بهتر آهن. پر ان هوندي بہ هتي سنڌي ڏسڻ وارن جو تعداد ايترو تہ گهٽو آهي جو ڪهڙي بہ ڪٽي فلم هُجي، پيهہ لڳي پئي آهي. ساڳيو حال سنگاپور ۽ ملايا ۾ ڏٺم. سيتل ٻُڌايو تہ، ”سورٺ“ فلم تہ انگلنڊ ۽ يورپ ۾ بہ پسند ڪئي وئي آهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# اسپيشلي ميڊ-او. ڙي! هيي اِدر آئو!

هانگ ڪانگ دنيا جي انهن شهرن مان بلڪ ڪٽي ائين چئجي تہ ملڪن مان آهي جتي سواريءَ جو ڪو بہ مسئلو ناهي. چاهي توهان کي پنهنجي ڪار هُجي يا نہ. توهان کي ڪٿي بہ ۽ ڪنهن بہ وقت سواريءَ جي تڪليف نہ ٿيندي. مني بسون (جنهن ۾ نَوَ کن ماڻهو ويهي سگهن ٿا ۽ اها لائيٽ بس سڏجي ٿي)، ٽئڪسيون، اليڪٽرڪ ٽرامون، رڪشائون، (جيڪي موٽر سائيڪلن بدران ماڻهو ڇڪين) چوويهہ ئي ڪلاڪ ملنديون ۽ پاڙو بہ ڪو خاص ڪونهي. وري هانگ ڪانگ بيٽ کان ڪولون وڃڻ لاءِ يا ٻين پروارن ننڍن ٻيٽن جهڙوڪ: مڪائو لينٽاؤ لاما، ميرس بي وغيره (جيڪي پڻ هانگ ڪانگ ملڪ ۾ اچي وڃن ٿا)، وڃڻ لاءِ فيريون (انجڻ تي هلندڙ وڏيون ٻيڙيون جيڪي مسافرن ۽ موٽر لارين کي هڪ پر کان ٻي پر پُهچائين)۽ لانچون (جيڪي والا والا سڏجن) آهن. ان کان علاوه تازو هن سال 1972ع ۾ هانگ ڪانگ کي ڪولون سان سرنگ ذريعي ڳنڍڻ ڪري، بس يا ڪار ذريعي پڻ هانگ ڪانگ ۽ ڪولون طرف جڏهن وٽي اچي وڃي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سگهجي ٿو. هيءَ سرنگ سمنڊ جي هيٺان کوٽي وئي آهي.

ڪولون وڃڻ لاءِ هانگ ڪانگ ٻيٽ جي مختلف هنڌن تان فيريون وڃن ٿيون. مثال طور: اسٽار فيري، جارڊن روڊ فيري، نارٿ پوائنٽ فيري وغيره. جيڪي ڪولون پاسي مختلف هنڌن تي پهچائين. سڀ کان مشهور ۽ بارونق اسٽار فيري اسٽيشن آهي جا ڪناٽ روڊ تي آهي ۽ ڪولون پاسي ريلوي اسٽيشن وٽ وڃيو ڇڏي.

پهرين دفعي اسان کي ڪولون وڃڻ لاءِ فيريءَ جي خبر نہ هُئي. ٻن ٽن چينين کان پڇيوسين پر هنن سنئون منهن نہ ڏنو. هتي هانگ ڪانگ ۾ اڄڪلهه چينين ۾ قوميت جو اهڙو اڃي جذبو جاڳيو آهي، جو جپانين ۽ عربن وانگر هو چاهين ٿا تہ ڌاريون بہ سندن زبان ڳالهائي. ڪيترا اهڙا بہ ملندا جيڪي انگريزي اچڻ جي باوجود ڳالهائڻ کان نفرت ڪندا ۽ بهترين انگريزي لهجي ۾ "*I don't talk English*" چئي منهن ڦيري ويندا. سو ان ڏينهن بہ اسان واڻڻ وانگر ڪ نهن پاڻ جهڙي ڪاري هم شڪل کي ڳولهي رهيا هئاسين تہ ان کان رستو پڇون. هلڻ هوٽل مان چانهه پي نڪتاسين تہ هڪ همراهہ ڪوٽ پانهن تي، ٻي ۾ ٿيلهو اچي لنگهيو. اسان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪائنس ڪولون وڃڻ جو رستو پڇيو. پاڻ بہ ڪولون وڃي رهيو هو سو اسان کي اسٽار فيري اسٽيشن تي وٺي آيو ۽ ڪولون تائين ويهہ پنجويهہ منٽ جيڪي اسان سان گڏ هو خبرون ڪندو هليو. پاڻ ڪيمبلپور پنجاب جي پاسي جو ٻڌايائين. پنجابي لهجي ۾ اڙدو ڳالهائي رهيو هو. ڪنهن بئنڪ جو چؤڪيدار هو ۽ رات جي ڊيوٽي ڪيائين ٿي. پگهار هانگ ڪانگ جا نَوَ سؤ ڊالر (يعني ارڙهن سؤ روپيا) کن ملنس. ڪيس جو خبر پئي تہ اسان پاڪستان کان آيا آهيون تہ اسان کان ور ور ڏئي ملڪ جون خبرون پڇڻ لڳو ۽ جيڪي پاڻ پڙهيو هئائين ان تي تبصرو ڪري رهيو هو. ذري ذري وطن جي واڌاري لاءِ دُعائون گهُري رهيو هو ۽ ساٿيهہ لاءِ سڪ سندس هر ڳالهہ مان محسوس ٿي ٿي. تڏهن چيومانس تہ ملڪ ڇڏي پوءِ هيڏانهن ڇو اچي دربدر ٿيو آهين. جڏهن تنهنجا ٻار ٻچا بہ اوڏانهن آهن، جن کي بہ تون هيڏو ساري رهيو آهين. ڏاڍي ڏُک مان چوڻ لڳو:

”سائين! پنهنجا ڪَکَ ڪنهن کي ڪَڙا آهن. ٻچن ٻارن خاطر دربدر آهيان. پيٽ خاطر، روزگار ۽ ڪمائي لاءِ هتي اچي نڪتو آهيان. هڪ الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ اڄُ کان چار سال اڳ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جڏهن آئون ياڙا پري هتي آيو هوس ته پهرين شُروع جا ڏينهن فٿ پاٿ تي به ستو هوس. ٻُڪون به ڪاٽيون هيم. پر مولا پوءِ مهر ڪئي اپري سَيري نوڪري ملي وئي. پاڪستان ۾ ته اڄُڪلهه پڙهيلن ڳڙهيلن کي به ڪا چڱي نوڪري نٿي ملي. منهنجي لاءِ ارڙهن سؤ روپيا تمام گنج آهن. ڪفايت ڪري چار پنج سؤ روپيا خرچيان ٿو ٻيا سڀُ بچائي گهر موڪليان. ٻه پُٽ تي نياڻيون اٿم. سڀ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهن پيون.“ هو پنهنجو داستان اسان کي ٻُڌائيندو هليو ۽ اسان غور سان ٻُڌندا رهياسين. ”ماڻهو ٿا سمجهن ته ٻاهر نوڪري نه ڪجي، پر پورهئي ۾ ڪهڙو عيب آهي. ملڪ لاءِ ته پاڻ سٺي ڳالهه آهي. جو اسان پئسو ڪمائي پنهنجي ملڪ ٿا موڪليون. هتي اٽڪل اسان پنج هزار کن پنجاب پاسي جا آهيون. هر هڪ گهٽ ۾ گهٽ هزار روپيا موڪلي ٿو ته به مهيني ۾ فقط هانگ ڪانگ مان پاڪستان ۾ پنج لک روپيا پهچن ٿا. اهڙيءَ طرح ٻين ملڪن مان. ان کان علاوه هر پاڪستاني جي هڪ هڪ ٻه ٻه دوست ڌارئين ملڪ ۾ ٿاهي ته به ان ڌارئين ملڪ ۾ انيڪ ماڻهن کي پاڪستان لاءِ پيار ۽ عزت ٿي سگهي ٿي.“ آءٌ ان شخص جون ڳالهيون غور سان ٻُڌندو رهيس جو ظاهري طرح ته فقط



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چؤڪيدار هو پر سمجهه ۽ ساڃهه ۾ سڄاڻ ڏٺو ٿي. هر هر هانگ ڪانگ ۾ مقيم پاڪستاني ٽريڊ ڪمشنر مسٽر سجاد حسين جي تعريف ڪندو رهيو. جنهن پاڪستانين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري، سندن جذبو ڪافي بلند ڪيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي، اسان جڏهن به هانگ ڪانگ هوندا آهيون ته هتي جي اخبارن ۾ هن صاحب جا پاڪستان ۽ ان جي مسئلن ۽ حقيقتن بابت خط ۽ مضمون ڇپبا رهندا آهن. جيئن هتي جي ماڻهن کي صحيح حقيقت جي خبر پئجي سگهي.

ڪولون اسٽيشن وٽ پهچي ڪيمبل پور جي نوجوان اسان کان موڪلايو ۽ اسان ڪڙين تي زور رکيو. زيديءَ کي پهرين ڪنهن درزيءَ وٽ سوٽ ٺهرائڻ لاءِ وڃڻو هو. هانگ ڪانگ ۾ سنڌي ۽ چيني درزي مشهور آهن. ڪيترن ڪپڙي جي دڪاندار سنڌين پنهنجي دڪان تي درزي به وهاري ڇڏيا آهن. جي گهڻو ڪري چيني آهن. اتي جو اتي ماپ ڏئي ڪپڙو پسند ڪري سگهجي ٿو. هانگ ڪانگ درزين کان مشهور آهي. هانگ ڪانگ جا ريڊي ميڊ ڪپڙا آمريڪا، ڪئنادا ۽ يورپ ۾ تمام گهڻو هلن ٿا. ڇو جو هانگ ڪانگ ۾ ڪپڙو ۽ مزوري ٻئي سستا آهن. (پوءِ اها بي ڳالهه آهي ته



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انهن تي نيو آمريڪا يا انگلنڊ جو لڳايو وڃي ٿو يا *Made in* بدران *Made for U.S.A* يا *Made as U.S.A* لکيو وڃي ٿو. جيئن جهڙو تهڙو متين جو موڙهيل گراهڪ ته محسوس به نه ڪري ته اصليت ڇا آهي.)

اسان جو دوست سعيد اختر زيدي به هڪ سنڌي درزي جي دڪان تي چڙهي ويو بلڪ هن جي وَر چڙهي ويو. ڪپڙو به سندس ئي دڪان تان پسند ڪيائين. ڪپڙي جي دڪان جي پٺيان ڏهه ٻارهن چيني مرد ۽ عورتون مشينون رکي سبي رهيا هُئا. ڇڙ ڪو اسڪول هُجي. شام جو *Trail* ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو ساڳئي وقت ڪوٽ پتلون تيار مليس! ـ اها هانگ ڪانگ جي درزين جي خاص ڳالهه آهي. ان ڪري اهي سياح يا مسافر جيڪي ٻه ڏينهن به ڪي مس هانگ ڪانگ ۾ رهن، سي به واپسيءَ تي هڪ عدد سوٽ ٻئگ ۾ هڪ عدد ڪن ٻانهن تي لڙڪائي وڃن. سستي ڪپڙي ڪان سواءِ سلائي پڻ سُتي آهي.چيني ڪاريگريءَ ۾ هوشيار، سنڌي واپار ۾ هوشيار، توهان ڪي پلي سوٽ ٺهرائڻ جو ارادو نه هجي، پر دڪان تي چڙهي ته ڏسو اهڙا مطمئن تي ويندائو جو ماپ ڏئي پوءِ هيٺ لهندائو. اسان به ٻئي ڏينهن هٿيار ڪٽي آڏو رکيا ۽ ڪوٽ ٺهرائي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گهر پهتاسين. گهر پهچي ڪوٽ جي اندر ڪٽي ڏسان تہ اندرين ڪيسي مٿان رنگين ريشمي ڌاڳي جي پرت سان لکيو پيو آهي:

*“Specially made for Mr. Altaf Shaikh”*

سو سائين ان ڏينهن فيريءَ ذريعي ڪولون پهچي زيديءَ پڇيو ”درزيءَ ڪان پوءِ ڪيڏانهن هلون.“

”پوءِ شهر جو واءُ سواءُ لهجي، نڪ نقشو جاچجي (يا بقول هالا جي انگريزي اسڪول جي ماسترن جي تہ: اڄُڪلهہ جي شاگردن کي هوم ورڪ ڪان پرو باقي سڄو ڏينهن شوق سان سروي ڪرڻ جو).“

”ٽئڪسي ۾ يا بس ۾؟“ زيديءَ وري پيو سوال ڪيو.

”چو ٽنگون فيريءَ ۾ رهجي ويون يا هوٽل هلڻ ۾؟“

منجهند جو ٻارهن ٿيڻ وارا هُئا. خط استوا ۾ پٽيءَ جو ساڙيندڙ سجُ اپ جي چوٽ وچي ڪنيو هو. گرمي کان بچڻ لاءِ پير ۾ اوشن ٽرمينل *Ocean Terminal* جي خوبصورت ٿڌن *Air Conditioned* دڪانن ۾ دنيا جون خوبصورت شيون ڏسندا رهيا سين. ان بعد وليج گارڊن ۾ ميڻ مان ٺهيل ماڻهن جو عجائب گهر ڏٺوسين (جنهن قسم جو عجائب گهر لنڊن ۾ بہ آهي جنهن جو ذڪر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”سمونڊ جي سيوين“ ڪتاب ۾ تفصيل سان ڪري چڪو آهيان).
اتان نڪتاسين ته هڪ اچي ٿيو. پيٽ ۾ خانه جنگي Civil_ War لڳي رهي هُئي، سو اسان سڀ ڪان ويجهي هوٽل، جيڪا چيني طرز جي هُئي، تنهن ۾ گهڙي پياسين. پاسي وارا ٽيبل سڀُ Reserved ٿيل هئا. ٻئري اسان کي وچين ٽيبلن مان هڪ تي وهڻ جي آڇ ڪئي، پر زيديءَ چيو ته يار وهبو ته پاسي واري ڪنهن ٽيبل تي ۽ دريءَ پرسان، جيئن ماني کائيندي ساموهون پيٽ جو نظارو به ڪري سگهجي. پر ٻئري دريءَ پاسي وهڻ کان منع ڪئي ۽ اسان وچ تي وهڻ لاءِ راضي نه ٿياسين ۽ ٻاهر نڪري آياسين. اسان سمجهيو ته ٻئرو اسان کي سڏُ ڪندو ۽ گراهڪ ائين وڃڻ نه ڏيندو. پر هيترن ٻئرن مان ڪنهن هڪ به نه ڪنگهيو. زيديءَ کي چيم، ”ٻئرا شايد سمجهي ويا ته اسان ”مئڪ ائنڊ مئڪ“ ڪمپنيءَ جا مئنيجر يا ”لين ڪرافڊ“ هيرن جي دڪان جا مالڪ نه آهيون.“

”ٺيڪ آهي پئسا کيسي ۾ گهٽ اٿئون.“ زيديءَ کلي چيو ”پر ٻئري کي ڪهڙي خبر ته اسان جي کيسي ۾ ڪيترا پئسا آهن جو اسان کي لفٽ ڪانه ڏنائين.“

سنگاپور ۾ ذڪر هندستانين ۽ پاڪستانين جو ننديون



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ننڍيون هوٽلون جام آهن، جن ۾ ڪاٺو گيهه ۾ رڌل ٿئي ۽ پوري پُني اگهه تي ملي. اهي سڀُ انڊين هوٽلون سڏجن. زيديءَ ڪي صلاح ڏنم تہ ڪنهن اهڙي هوٽل ۾ ويهي ماني کائون، جو پاڻ هتي نوان آهيون. چيني هوٽل ۾ الائي ڪهڙي قسم جو ڪاڏو هُجي. واءِ.ايم.سي.اي (Y.M.C.A) اڳيان هڪ سک فئملي پئي آئي. "ايڪسڪيوزمي" چئي ڪنهن اهڙي انڊين هوٽل جو ڏس پتو پڇيومان. سردارجيءَ وڏي شان سان پنجابيءَ ۾ ٻُڌايو: "هي رستو سڌو وني وڃُ. پوءِ کاٻي پاسي کان نائن روڊ تي نڪ سامهون وڃجان، پوءِ کاٻي پاسي پيڪنگ روڊ پهچجانءِ ۽ پوءِ ساڄي پاسي هُئنڪو روڊ تي لهي پئجانءِ، ان ۾ پهرين گهٽي ڇڏي، ٻي گهٽيءَ ۾ ساڄي پاسي مُڙجانءِ پوءِ کاٻي...."

کاٻي ساڄي، ساڄي کاٻي، مون کي چڪر اچڻ لڳا. "ٿئنڪ يو سردارجي ٿئنڪ يو." چئي جان ڇڏائيسين. زيديءَ کان پُڇيم، "سردارجي وارو رستو سمجهہ ۾ آئي؟"

"مون ان وقت رستي تان لنگهندڙ ڪارون پئي ڳڻيون."

اتي ٽي نوجوان ڇوڪرا جهومندا ڪنهن ڳالهہ تي بحث ڪندا پئي آيا. ٽئي هم رنگ هُئا سمجهي وياسين تہ هندستاني يا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پاڪستاني هوندا. هڪ تہ پڪو بيٺل تي لڳو. وار گهنبيدار ڪياڙيءَ کان بہ گهٽو هيٺ پئي لميس ـ قميص جو ڪالر فوٽ کن ڊگهو.

زيديءَ دانهن ڪري سڏ ڪيس، ”او ڙي هپي! اڏر آئو.“ سندس ائين سڏ ڪرڻ تي مون سوچيو پڪ جهيڙو ٿيو. پر ٿئي مُرڪندا اچي بيٺا ۽ ڪم پُڇڻ لڳا. زيديءَ کي آهستي چيم، ”پهرين جا سُڃاڻُو اٿئي چا.“

”هتي ڪا هوٽل آهي ويجهي، جنهن ۾ ماني کائون؟“ زيديءَ پُڇين.

”کانا ٻانا؟“ هپيءَ انگريزي ٽون ۾ پڪ ڪئي. سندس ”ٻانا“چوڻ تي سمجهي ويس تہ جوان سنڌي آهي. سو سنڌي ۾ چيومانس، ”ها کاڌو کائڻو اٿئون.“

”دراصل آئون ڪئناڊا کان ڪالهہ ئي هتي آيو آهيان. مون کي فقط هڪ ئي هوٽل معلوم آهي موڊي روڊ تي، مون لائيٽ ريسٽورنٽ.“

زيدي سندس ڊگهن وارن ۽ ڪالر کي ڏسي آهستي چيو ”ها واقعي تون ڪالهہ ئي ڪئناڊا کان آيو هوندين.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسان ٽئڪسي ڪري هوٽل پيڙا ٽياسين. هوٽل ٻي ماڙ تي هُئي. ننڍڙي پر صاف سٿري. سمجهي وياسين ته هي هوٽل سنگاپور نموني جي انڊين هوٽل ناهي، پر نيويارڪ جي ٽائيمس اسڪائر نموني جي آهي، جتي ٻوڙ جي پليٽ جا ٻه ٽي ڊالر (ٽيٽيهه روپيا ڪن). ٽيو ٻه ائين. ٻه چڪن برياني ۽ گانگٽن جون پليٽون، آچار ۽ سوپ گهرايوسين. مٿان وري زيديءَ ڏونئرو ماني ۽ چانهه آڻڻ لاءِ ٻه چيس. آهستي چيومانس ته، ”استاد بل لاهه ڪيڏي چڙهيندو. اڄُ آخري ڏينهن هانگ ڪانگ ۾ نه آهي. اڃا ته ان غير ملڪي ناٽي ۾ ڪجهه پيا ٻه ڏينهن هانگ ڪانگ ۾ گُذارڻا آهن.“

”پرواهه ناهي، سڀان ڪان ماني ڪٽي جهاز تي ئي کائينداسين.“

زيديءَ چيو ۽ اهو سوچي ته هاڻ ڦاٽي ته ڦٽڪڻ کهڙو، کائڻ ۾ جنبي وياسين. آخر ۾ بل آيو. مني آرڊر واري زبان ۾ ”فقط پنجهٺ ڊالر“ (يعني هڪ سؤ ٽيٽيهه روپيا ڪن.) اڄ ڪلهه هانگ ڪانگ جو ڊالر اسان جي ٻن روپين برابر آهي. ٽي چار سال اڳ اسان جي روپئي برابر هو. چُپ چاپ ڪيڏي ڏناسون. هيٺ لهي زيديءَ کي چيم ته، ”پرواهه نه ڪر. گهر پهچڻ سان ان هوٽل تي هڪ عدد مضمون هلي لکندس ته پاڻ جهڙو ڪوبه ڪنگلو *Tourist* ان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوٽل ڏي رُخ نہ رکي.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ٽريل نانگ لزيز ٽين ٽا

## توهان ڪڏهن ڪٿو ڪاڏو آهي؟

هي مضمون، هن وقت جڏهن لکي رهيو آهيان، مون ڪي هانگ ڪانگ ۾ آئي چار پنج دفعا ٿي چُڪا آهن. هن کان اڳ واري مضمون ۾ مهانگي هوٽل ۾ ماني کائڻ وارو احوال تڏهن جو آهي جڏهن پهريون دفعو هانگ ڪانگ اچڻ ٿيو هو. ان کان پوءِ معلوم ٿي ويو ته هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ هزارين هندستاني ۽ پاڪستاني (جن ۾ اسي سيڪڙو کن سنڌي ٿيندا) ڪٿي ٿا ماني کائين. هتي ڪيترائي فلئٽ (گهر) آهن جيڪي هوٽلن (*Mess*) طور استعمال ٿين ٿا. خاص ڪري "چنگ ڪنگ مئنشن" *Chung King* *Arcade* ۾ ته اهڙيون ڪيتريون ئي ميسون آهن. اها وڏي عمارت ڪولون جي سڀ کان ويڪري ۽ ڊگهي رستي *Nathan Road* تي امپريل ۽ ائمبسيڊر هوٽلن جي پرسان آهي. سڄي عمارت پنجن ڇهن بلاڪن ۾ ورهايل آهي. جاءِ جي هيٺئين طبقي _Ground *Floor* ۽ پهرين ماڙ تي دڪان آهن ۽ انهن مٿان باقي تيرهن ماڙين



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تي هزارين فلئٽ آهن. هر هڪ فلئٽ ۾ ٽي چار ڪمرا آهن. هر بلاڪ (اي - بي - سي - ڊي - وغيره) لاءِ الڳ الڳ ننڍڙيون لفٽون آهن. ان سڄي بلڊنگ ۾ توهان کي سڀ کان گهڻا پاڪستاني ۽ هندستاني ملندا. ڪن ته انهن فلئٽن کي مسوار تي وٺي انهن کي ميس (ننڍڙي هوٽل) ٺاهيو آهي ۽ اوسي پاسي وارا ويسيءَ تي يا پئسا ڏئي ماني کائيندا آهن. اهي ميسون مسلمانن، هندن، سکن، بنگالين، ڏکڻ هندستانين، پنجابين جون آهن ۽ هرڪو پنهنجي ذائقي، مذهبي عقيدي مطابق، پنهنجي ڏانءَ جي ميس ۾ ماني کائي ٿو. اسان جي جهاز جا ماڻهو اڪثر پاڪستاني ميس ۾ ماني کائين، پر ڪي گهٽو مسالو کائڻ وارا "مدراسي ميس" ۾ کائين. مون واري تي، ٽن چئن ميسن ۾ کائي ڏٺو آهي. مجموعي طرح سڀني جا اگهه ۽ سواد هڪ جهڙا آهن. اوڏهين ويهين جو فرق ٿئي ڪٽي. نه فقط سواد ۽ اگهه پر ماحول به ساڳيو. هڪ دفعو هانگ ڪانگ جو ٻاهريون ماحول ڇڏي، ڪنهن به ميس جو در کولي اندر گهڙندا ته توهانکي ائين لڳندو ڄڻ ڪراچيءَ جي ميناارام هاسٽل يا جناح ڪورٽس جي ميس ۾ ويٺا آهيو يا ته ايل - ايم - سي هاسٽل جي ڪنهن ميس ۾. انهن ننڍڙن هوٽلن کان علاوه "مون لائيٽ ريسٽورنٽ" جهڙيون ٻُر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تڪلف ۽ خوبصورت انڊين ۽ پاڪستاني هوٽلون به هانگ ڪانگ ۽ ڪولون پاسي ڪافي آهن. مثال طور: ”هماليه ريسٽورنٽ“، ”گي لارڊ هوٽل“، ”مغل ريسٽورنٽ“ وغيره.

هانگ ڪانگ اهو ملڪ آهي، جنهن ۾ پاڪستاني ۽ هندستانين کان علاوه منهنجي ته خيال ۾ بين به انيڪ ملڪن، مذهبن ۽ قومن جي کاڌن جون پڻ الڳ الڳ هوٽلون آهن. ڪجهه ملاين، انڊونيشين، ڪورين ۽ جپاني هوٽلون به آهن. باقي يورپي ۽ چيني هوٽلون ته ڪيترين ئي نظر اينديون. ننڍيون وڏيون، صاف سٿريون ۽ گدليون پڻ. اسٽار فيري ۽ جارڊن فيري اسٽيشنن ۽ بين ڪيترن هنڌن تي، (خاص ڪري ڪولون پاسي) گاڏن وارا گولن (گئس بتين) جي سوجهري ۾، عجيب قسمن جا رڌل ساموندي جيت جڙا، مڇيون، بلائون وڪڻندا نظر ايندا. جيئن اسان وٽ ڪراچيءَ جي خيبر هوٽل پرسان يا سائيٽ پاسي ڪارخانن اڳيان گاڏن وارا ڪڪڙيون ۽ بيضا ۽ سنڌن سوپ پيا وڪڻندا آهن يا برنس روڊ وٽ يا چوڪرين جي ڪاليجن اڳيان دهلوي حليم، دهي بڙا ۽ چاٽ قسم جون شيون ديڳڙن ۾ پيل، گاڏي تي رکي وڪڻندا آهن يا دادو ۽ ٺٽي پاسي رڌل اوجهري ۽ بهه وڪامندي نظر ايندا آهن. فيري



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسٽيشن جي پرسان انهن گاڏن اڳيان ميرن ڪپڙن ۾ ٻارن ۽ ڪجهه خوش پوشاڪ نوجوان جوڙن جو ميڙ لڳل هوندو آهي. وڪٽڻ وارو ربڙ جا دستانا هٿن تي چاڙهي مرچن مصالحن واري ٿهڪندڙ پاڻيءَ ۾ وڏا وڏا *Octopus* (اَٺن ڪهڙين ٽنگن وارا سامونڊي ساهوارا) ڪڍي انهن کي وڏي تکي ڪئنچي سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٿالهين ۾ وجهي گراهڪن کي ڏيندا آهن. پرسان ٻيهڻ سان اهڙي تہ تکي ڏپ نڪ جي ناڪيلين ۾ چُڀي ويندي جو اتي بيٺو بہ نہ ٿيندو. پر هتي جا چيني مزي سان آڪٽوپس جهڙين مڇين کي تيلين سان ڳڙڪائي چشڪا پيا ڏيندا آهن. ان کان علاوه ٻين ديڳڙن ۾ رڌل سپون، ڏيڏر، ڪيڪڙا ۽ ٻيون شيون نظر ايندين (بقول اسان جي هڪ جهازيءَ جي چيني ماڻهو مٽي ۽ ڪاري پاڻيءَ جو هر ساهوارو ڪائين ٿا) سپون تہ جپان ۾ جپانين کي بہ کائيندي ڏٺم. تکي ڪپ سان سپ جا پُڙ کولڻ سان منجهانئس هڪ ڪوريئڙي جهڙو ۽ جيڏو ڪينئون نڪري ٿو ان کي تيلين (*Chop_Sticks*) سان جهلي وات اندر داخل ڪن (بنا ڪنهن پاسپورٽ ۽ ويزا جي).

اهو تہ ڪجهہ بہ ڪونهي، ڪولون ۾ ڪيتريون اهڙيون هوٽلون آهن جن ۾ نانگ ٻاهر ئي شيشي جي ڪٻٽن ۾ جيئرا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جاڳندا رکيا آهن. (هتي چيني هوٽلن ۾ مڇيون ۽ گانگٽ به جيئرا پاڻيءَ جي نادين ۾ رکيا هوندا آهن) گراهڪ هوٽل ۾ گهڙڻ کان اڳ بئري کي پنهنجي پسند جي مڇي، گانگٽ يا نانگ بلا ڏي اشارو ڪري ڏيکاريندس جيڪو پوءِ رڌي يا تري ڪيس پيش ڪيو ويندو آهي. نانگن واري شيشي جي ڪبٽ وٽ ڪاسائي ٿلها ٿائر جا دستانا نونئين تائين چاڙهيو وينو هوندو آهي. گراهڪ جيڪو نانگ پسند ڪندو آهي ان کي منهن کان سوگهو جهلي ڪبٽ کان ٻاهر ڪڍي، ڪبٽ ڍڪي ڇڏيندو آهي. نانگ جي حالت اها هوندي آهي جو تيسر ٻار وانگر ڇڙهيون پيو هٽندو آهي پر ڪاسائي نه ڇڏيندو اٿس. هڪ ڏاتي جهڙو مڙيل ڪپُ (منهن وٽان گول مُڙيل) ٻئي هٿ ۾ ڪٽي ان نانگ جي منهن وٽ قاسائي زور سان ڪپ کي هيٺ پُڇ تائين رهڙيندو آهي ته نانگ جي سڄي کَلَ بدن تان لهي ويندي آهي. ان بعد ٿتڪندڙ نانگ کي اڏيءَ تي رکي، هڪ ٿلهي ڪات سان ڪمال ڪاريگري سان پُڇ کان وٺي منهن تائين ننڍڙا ننڍڙا هڪ جيڏا ٽُڪرا ڪندو آهي ۽ پوءِ رڪيبيءَ ۾ وجهي پرسان وينل بورچيءَ کي ڏيندو آهي، جو پچائڻ ۾ جنبي ويندو آهي.

هن پاسي جي ماڻهن لاءِ شايد نانگ بلائون، ڏيڏر ڪچون،



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪيڪڙا ۽ آڪٽوپس وغيره ايترو ئي سوادي ۽ لذيذ آهن. جيترو اسان لاءِ تتر، گانگٽ، مڪڙ ۽ ٻلا. ڪن شهرن جا پڙهندڙ شايد مڪڙ تي تعجب ڪائين جو هنن ڪڏهن نہ کاڌا هجن. پر ڳوٺن جا اهي رهاڪو جن مڪڙ کاڌا آهن تن کي خبر هوندي تہ مڪڙ جو پيٽُ (منديءَ ۽ پول جي وچ وارو حصو) تري کائڻ ۾ تمام سوادي ٿئي. منهنجي ڏيپلي ۽ عمر ڪوٽ جا دوست تہ ٻُڌائيندا آهن تہ جڏهن ٿرپارڪر ۾ ماڪڙ ٿيندي آهي تہ ان پاسي جا ماڻهو ڳوٺين جو ڳوٺيون مڪڙن جون ڀري رکن. (جيئن مڇيءَ کي لوڻ ۾ سُڪائي رکبو آهي) ۽ پوءِ آهستي آهستي کائيندا رهن. مڪڙ بہ مڇيءَ وانگر بنا ذبح ڪرڻ جي حلال ٿئي ۽ چيو وڃي ٿو تہ وائي سور (*Rheumatism*) لاءِ يڪ تڪ علاج آهي.

مٿين شين کان علاوه، هتي جا چيني، ڪُتا پڻ کائين. پڙهندڙ شايد هي سڀُ ڪُجهہ پڙهي منهن ناهين ۽ مونکي بي لحاظ سڏين جو سندن منهن جو ذائقو خراب ٿي رهيو هوندو. ان لاءِ پهرين هڪ لطيفو عرض ڪري پوءِ بيان جاري رکندس.

ڪنهن هلندڙ بس ۾ هڪ همراهہ، سامهون ويٺل هڪ عورت کي ٿُڪڙ وهائي ڪڍيو. ڏاڍو گوڙ مچي ويو ۽ معاملو پوليس مان ٿيندو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪورٽ تائين پهتو. جج نوجوان کان ٿڦڙ هڻڻ جو سبب پُڇيو.

جوان وراڻيو ”سائين بس هلي تہ پهرين اسٽاپ تي هيءَ عورت چڙهي. وهڻ سان هن پنهنجو پرس کوليو. ان مان ننڍو پرس ڪڍي ان مان نوٽ ڪڍي، ننڍو پرس بند ڪيو ۽ وڏي پرس ۾ وجهي وڏي پرس کي بند ڪيو. وري وڏو پرس ڪڍيو. ان مان ننڍو پرس ڪڍيو. ننڍو پرس کولي ان ۾ پائلي واپس وجهي بند ڪيو ۽ وڏو پرس کولي ان ۾ ننڍو پرس وڌو ۽ وڏي پرس کي بند ڪيو. وري وڏو پرس کولي ان مان ننڍو پرس ......“

جج ڪاوڙ مان دانهن ڪري چيس تہ، ”بڪواس بند ڪر ۽ مٿو نہ کاءُ.“

”سائين،“ ملزم نهايت عاجزيءَ سان وراڻيو ”توهان کي تہ رڳو ڳالهہ جو ڪجهہ حصو ٻڌايو اٿم تہ ڪاوڙجي پيا آهيو ذرا سوچيو ان کي ڇا ٿڦڙ هڻڻ جو بہ حق ناهي، جنهن سڄي واٽ اهو نظارو اکين سان ڏٺو.“

سو پيارا پڙهندڙؤ جيڪڏهن توهان جي پڙهڻ سان طبيعت خراب ٿئي تي تہ ذرا ان غريب بابت سوچيو جنهن اهي نظارا اکين سان ڏٺا. سو ذرا صبر کان ڪم وٺو رڳو برمودا جي ناچ گهرن ۽



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جپان جي گيشا گرلز جي قصن ٻڌڻ لاءِ آتا نہ ٿيو.

سو سائين، جڏهن منهنجي دوست مون کي ٻڌايو تہ هتي جا ماڻهو ڪتا ۽ ٻليون بہ کائين ٿا تہ مونکي يقين نہ آيو ۽ چرچو سمجهيم. تنهن تي هن هانگ ڪانگ جي "A.O.A" طرفان ڇپيل "A to Z Sheet" اخبار ڪڍي ڏني، جنهن تي هتي جون خاص خاص شيون سمجهايل آهن. پهرين صفحي تي هڪ هنڌ "چائو" لفظ لکيل آهي ۽ ان جي سامهون انگريزيءَ ۾ سمجهايل آهي. ذرا اکر بہ اکر ملاحظہ فرمايو.

*Chow means food and a chow dog as a puppy is the only one eaten, usually in winter to build up the body warmth. Cats are also eaten in the winter time, but only old cats never kittens.*

مون کي اهو پڙهي تعجب ٿيو پر تڏهن بہ پڪ نہ ٿيم. ان وقت اسان گاڏيءَ ۾ ڪولون ڪان پريءَ پر وارا ڳوٺ ڏسڻ پئي وياسين. هڪ ڳوٺ فان لنگ ۾ هڪ انگريزي اسڪول جو چيني ماستر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دوست ٿي ويو. ڳوٺ گهُمائيندي وقت مون ڪائنس هڪ هنڌ پُڇيو
”مسٽر وانگ لي، ڇا توهان ڪُتا به ڪائيندا آهيو؟“
”نه نه،“ هن ٻُڌايو. ”اسان وڏا ڪُتا ٿورئي ڪائيندا آهيون، ننڍڙا
پلونگڙا ڪائيندا آهيون ۽ منهنجو مامون ته عاليشان بورچي آهي،
ڪتن رڌڻ جو. توهان ڪڏهن ڪاڌا آهن؟“ هن اسان کان پُڇيو.
زيديءَ مون ڏي نهاريو ۽ مون کي جواب ۾ ڪجهه چوڻو ئي پيو:
”نه وانگ لي مون ته ڪتا نه ڪاڌا آهن، پر آئون جڏهن ننڍو هوس
اسان جي ڳوٺ جي ڪکن جي گهٽي جي ٻن ٽن ڪتن مون کي
ڪاڌو هو. هاڻ ڪين مان ٻُل نه ڏيندو آهيان، سو فقط پري کان بيهي يا
ويهي پؤنڪندا آهن ۽ توکي ته مسٽر ”وانگ لي“ خبر هوندي ۽ ٻئي
انگريزي جي ڪتاب ۾ به پڙهيو هوندءِ ته جيڪي ڪتا پؤنڪندا
آهن سي......“
زيديءَ مون کي پاسي کان نونٺ هڻي آهستي چيو ”هاڻ مولا
عليءَ جي واسطي پنهنجو رينگٽ بند ڪر.“ مون يڪدم پنهنجو
رينگٽ ڪٽي بند ڪيو.
هن باب ۾ جڏهن ڪاڌي پيتي جون شيون نڪتيون آهن ته ان
سلسلي ۾ آخر ۾ هڪ لطيفو به سهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چرچو مشهور آهي تہ ڪو آمريڪن سياح (اهڙين ڳالهين ۾ ذليل ويچارا آمريڪي سياح ئي ٿيندا آهن) چين ۾ (خبر ناهي تہ مائوزي تنگ جي چين ۾ يا چيانگ ڪائي شيڪ جي چين ۾ يا بي ڪنهن چين ولايت ۾) هڪ هوٽل ۾ ڪجھ کائڻ لاءِ گھرايائين. بئري تريل گوشت اچي رکيس. ڪيس ڏاڍو وڻيو ۽ بي بہ پليٽ گهُرائي چٽُ ڪيائين. آخر ۾ پڪ ڪرڻ لاءِ اٿيو تہ اهڙو سوادي گوشت ڪڪڙ جو آهي يا ڪنهن بي شيءِ جو. پئسا ڏئي، ڪنن تي هٿ رکي، ”ڪڪڙون ڪون“ (ٻانگ) ڏئي بئري کان پُڇڻ لڳو تہ ”هي گوشت ان جوئي آهي؟“

بئري ادب سان ”نہ“ جو اشارو ڪيس، ۽ پوءِ وات سان ”پئون-پئون“ ڪري ٻُڌايائينس تہ اهو گوشت ان جو هو پيارا.

چين جي هوٽل ۾ هڪ آمريڪن جوڙو پنهنجو پوڊل (ننڍو فرينچ ڪتو) سان گڏ داخل ٿيو. پنهنجي لاءِ مانيءَ جو آرڊر ڪري ڪتو بئري حوالي ڪري ڀڳل سڀڳل انگريزيءَ ۾ چيائونس: ”*Dog also eat*“ يعني هنن جو مطلب هو تہ ڪُتو بہ ڪجھ کائيندو. سو ان کي وٺي ڪارايو. پاڻ چڱي طرح ڪيترن ئي قسمن جا ٻوڙ پلاءُ کائي بل ادا ڪري جڏهن پنهنجي پياري ڪتي کي آڻڻ لاءِ بئري



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چيو تہ بئري تعجب مان چيس: “*What dog?*” ۽ پوءِ چيس: “*You also eat dog*” (ڪهڙو ڪُتو؟ توهان ڪتو پڻ کائي چڏيو.) يعني بئري ڪتي کي کارائڻ بدران ڪتي کي وڍي ڪٽي، رڌي معزز مهمانن کي کارائي چڏيو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# سکر جا سياڻا سونارا به پرکي نه سگهن

## هانگ ڪانگ جون رات واريون بازاريون

هانگ ڪانگ هونءَ ڪٽي پين کهڙين به شين ڪان مشهور هُجي، پر به خاص شيون هتي ايندڙن جي دماغ تي طاري رهن ٿيون. هڪ ته روشني. هانگ ڪانگ ۾ هر جڳهه تي روشني ۾ روشني نظر ايندي. رات جي وقت به ڏينهن جو ڏيک هوندو. هر رستو، هر گهٽي، هر دڪان "نيان سائين" (*Neon Sign*) ۾ بلبن سان جهنجهيو پيو. ايترا گهڻا دڪان ۾ بتيون نيويارڪ جي ٽائيمس اسڪائر، لنڊن جي پڪاڊلي، ٽوڪيو جي گنزا (*Ginza*) ۾ هئمبرگ جي سينٽ پولي کان سواءِ مون کي ڪٿي به نظر نه آيون. پر ٽائيمز اسڪائر، گنزا يا پڪاڊلي ته ڪراچي جي صدر يا حيدرآباد جي تلڪ چاڙهيءَ وانگر، شهر جو هڪ ننڍو حصو آهي، پر هتي ته سڄو هانگ ڪانگ دڪانن ۾ بتين سان پريل نظر اچي ٿو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هانگ ڪانگ جي ٻي مشهور شيءِ آهي ”نقل“. هانگ ڪانگ جتي شيءِ سستي ملي ٿي ۽ جتي اسان جهڙا لوڀي خريدار روز پيگا بيٺا آهن، اتي چيني نقلي شين ناهڻ وار ٽگ پڻ چپي چپي تي ملندا. اها ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن جو نقل هتي نٿو ملي؟!

پارڪر پين توهان وٽي گهر پهتا ۽ خط ۾ سستائيءَ جا گُڻ پنهنجي دوست کي لکندا رهو. خط پوسٽ ڪري وري ڪٽي ٻي ڏينهن ڏسو ته ان تان اها چمڪ ۽ رنگ روپ سڀُ غائب!.

اهڙيون ڪيتريون ئي واچون جن جو توهان نالو نشان به نه ٻڌو هوندو ۽ ايتريون سستيون ملنديون جو توهان چوندا ته ايترن پئسن جي ته خالي ڊٻلي ملڻ گهرجي. هڪ ڏينهن ٻڌي هليا ته ٻئي ڏينهن چاٻي به هٿ ۾ ته ڪانٽا به هٿ ۾ ۽ محسوس ڪندا ته واقعي توهان کي ڊٻلي ئي ملي آهي ــ ناس وجهڻ لاءِ يا ريل جي پٽي تي رکڻ لاءِ.

بهرحال ان قسم جا قصا اسان به هانگ ڪانگ ۾ اچڻ کان اڳ ۾ پوءِ ٻڌا، ڏٺا ۽ سَنا. هڪ دفعي زيدي ۽ آءٌ هڪ ايئر ڪنڊيشنڊ دڪان ۾ گهڙي وياسين. وٺڻ ته ڪجهه به نه هئوسين، پر وقت پاس ڪرڻ لاءِ *Videos* ۽ انهن جون قيمتون ڏسندا رهياسين. ويتر جو دڪاندار سنڌي ۽ اسان جي عمر جو هو سو چرچا پوگ ڪندا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

رهياسين. ان ڪان اڳ هڪ هندستاني زال مُڙس پنجاهہ ورهين جي عمر جا، پاڪيٽ سائيز ٽرانسسٽرن جي قيمت تي بحث ڪري رهيا هئا. هنن ڪان معلوم ٿيو تہ هو لکنؤ جا آهن ۽ انڊيا جي سفارتخاني سان تعلق رکن ٿا ۽ جپان، سنگاپور ۽ هتان گهمي هاڻ ملڪ پيا وڃن. سو ٻارن لاءِ ٽرانسسٽر خريد ڪري رهيا آهن، ڇو جو انڊيا ۾ ولايتي شيون نہ ٿيون ملن يا تمام مهانگيون آهن. دڪاندار ان ٽرانسسٽر جي قيمت گهٽائي گهٽائي ٿيهہ هانگ ڪانگ ڊالر (هتي جو ڊالر پاڪستان جي ٻن روپين جي برابر آهي.) تائين آندي، پر هي همراهہ پنجويهن تائين ضد ڪندا رهيا ۽ چار وڻڻ لاءِ تيار هُئا. زيديءَ کي چيم جي پنجويهن ڊالرن ۾ ڏي تہ پاڻ بہ وٺونس. پوءِ زيديءَ ٽنل ڦتل شڪارپوري سنڌي ۾ دڪاندار سان بحث ڪندو رهيو ۽ آخر جڏهن دڪاندار گراهڪن جي ڳالهہ مڃي تہ اسان بہ هڪ هڪ ٽرانسسٽر آڱر ۾ لڙڪائيندا ٻاهر نڪتاسين. اجان چار دڪان بہ ڪونہ لتاڙياسين تہ هڪ ٻئي دڪان جي در وٽ بيٺل دڪاندار رامجي جي تن نگن وانگر ڦري آيو ۽ ان جي قيمت پڇڻ لڳو.

”پنجويهہ ڊالر“ اسان وراڻيس.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٽرانسسٽر ڏسي چوڻ لڳو. ”يار هي تہ نقل آهي. مون ڪان وٺو. مون وٽ اصلي مال آهي. ان ڪان بہ سستو ڏيندس.“

”چو پلا تون اصلي شيءِ بہ ايتري سستي ٿو ڏين؟“

”ان ڪري جو آءٌ ٻڌو واپاري آهيان. مون وٽ هر شيءِ سستي آهي.“ هو اسان کي ڇڪي اندر وٺي آيو ۽ سندس دڪان جون شيون ڏيکارڻ لڳو. ”يار ڏسو تہ سهي ڏسڻ جا تہ پئسا نہ آهن.“ هڪ ريڊيو ڪڍي ڏيکاريائين. هو بهو نقلي ريڊئي جهڙو. ساڳيو رنگ، ساڳيو قد بتُ ۽ ساڳيو نالو. پنيون حصو ٻنهي جو کولي ڏٺوسين تہ منجهس پرزا بہ سڀ‍ڳيا پيل. ”پوءِ پلا اصلي ۽ نقلي ڪيئن ۽ ڪنهن کي سڃاڻجي!“ اسان وائڙا ٿي سوچڻ لڳاسين.

”هي ڏسو منهنجو اصلي آهي.“ هن هڪ ڪنڊ طرف اشارو ڪيو جتي ننڍن اکرن ۾ لکيل هو “*Made In Japan*” ۽ اسان واري ٽرانسسٽر تي غور سان ڏٺوسين تہ “*in*” بدران “*as*” لکيل هو. يعني: “*Made As Japan*”.

”خير توهان ورتو سو نهيو باقي وڃندو پندرهن ڏينهن بہ ڪونہ. هڪ هي بہ وٺي وڃو.“

”نہ اسان کي پيو نہ کپي،“ زيديءَ انڪار ڪندي چيس.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”پندرهن ڏينهن وچڙ بعد بند ٿي ويو ته سمنڊ ۾ اچلي ڇڏينداسين.“ مون چيومانس.

”ڇگو پلا هي مصنوعي سون جا ڪنگڻ، منڊيون ۽ ايئرنگ ڏسو.“

اسان انهن کي ڏسي، ناهڻ واري سوناري جي دماغ کي داد ڏيڻ لڳاسين. ڪٽي لوهه جا ئي هجن، پر انهن تي چا ته محنت ٿيل هئي ۽ چمڪ، سونهن ۽ رنگ اهڙو جو سکر جا سونارا به پهرين نظر ۾ پرکي نه سگهن ته اصل آهي يا نقل. (يا ٿي سگهي ٿو ته هو پرکي سگهن ۽ اسان جهڙا بيوقوف نه هُجن ـ ان صورت ۾ معافي، پنهنجا لفظ واپس.)

اسان ڪنگڻن، منڊين ۽ ايئرنگن کي ڏسي هڪٻئي ڏانهن تعريفي نگاهن سان ڏسڻ لڳاسين. دڪاندار به سڪون جو ساهه کنيو ته اجهي ته ڏاند ڏُڏا. اسان کي پنهنجن ارادن تي وڏيڪ قائم رکڻ لاءِ دڪاندار پيو ڊوز ڏنو:

”قيمت جو ته سوچيو ئي نه. جوڙيءَ جا ڏهه هانگ ڪانگ ڊالر ۽ منڊي ايئرنگ جا پنج پنج. يار وني وڃو. گهر واريءَ يا پيڻ پاجائيءَ لاءِ، جي اهي به نه اٿوَ ته ڪنهن ساهيڙي سکيءِ لاءِ.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مون ۽ زيديءَ وري هڪ ٻئي ڏي نهاريو. زيديءَ چيو ”برادر وٽ نہ تہ هي وري ٻي ڪا شيءِ اٽڪائيندو.“

اسان ٻئي ڪنگڻ وني ٻاهر نڪتاسين. جهاز تي پهچائڻ واري ٻيڙيءِ جي هلڻ ۾ اجان وقت هو. گرمي بہ سخت هُئي، پر اسان وري ٻئي ايئر ڪنڊيشنڊ دڪان ۾ ٿڌي هوا کائڻ لاءِ نہ گهڙياسين.

جهاز تي پهچڻ سان زيديءَ ريڊيو وڄايو. آواز ڪن تي پيم تہ پنهنجي ڪئبن مان ئي دانهن ڪري اطلاع ڏنومانس تہ ادا باقي چوڏهن ڏينهن. ۽ پوءِ اهڙي طرح اسان جي ٽرانسسٽرن کي وڄندي باقي چوڏهن ڏينهن بہ گذري ويا پر بند نہ ٿيا ۽ نہ اجان تائين ٿيا آهن. اڄ جڏهن هي مضمون عوامي چين جي شهر شنگهائيءَ مان لکي رهيو آهيان تہ ان ٽرانسسٽر کي پورا پنج مهينا ڪن تي ويا آهن، پر هن وقت بہ چيني زبان ۾ مائوءَ جون چوٽيون چٽيون پيون اچن. هانگ ڪانگ ۽ جپان ۾ بہ سڄو ڏينهن انگريزي گانن جي ڌُم هوندي هُئي. ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ صبح شام تامل، مليئي ۽ ٻين زبانن ۾ اينڊڙ پروگرام چٽا ٻُڌڻ ۾ ايندا هُئا. ها باقي ملير، ميمڻ ڳوٺ، موسيٰ لين يا بغدادي ۾ جي ڪنهن کي سنڌي راڳ ٻڌڻ ۾ نہ آيو تہ ان ۾ هن ٽرانسسٽر جو نہ پر ريڊيو پاڪستان ڪراچي جو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڏوهه سمجهڻ گهرجي. بهرحال هانگ ڪانگ ۾ اصلي نقليءَ جو ذمو خريدارن تي .

قميصن جي شوقينن لاءِ هڪ صلاح. هانگ ڪانگ مان ڪڏهن به قميص پائي ڏسڻ بنا نه ونجو چو ته هن پاسي جيڪي به قميصون وڪامن ٿيون. سي هتي جي چيني، ملئي، جپاني، فلپينو ماڻهن جي ماپ جون آهن. جن جون ٻچيون ته ٿلهيون آهن ۽ توهان کي ڪالر ضرور صحيح ماپ جو ملندو پر سندن ٻانهون ۽ بدن بندرو هجڻ ڪري توهان کي هرگز فٽ نه ايندي. پوءِ اسان وانگر وطن واپس اچي بنهه بندرا مائٽ ڳوليندا رهندؤ. جن کي اهي قميصون ڏئي جان آجي ڪري سگهو.

هانگ ڪانگ کي ”خريدارن جي جنت“ پڻ ڪوٺيو وڃي ٿو جو هتي ٽئڪس نه هُئڻ ڪري شيون ڇڳيون سستيون آهن. خاص ڪري واچون، ڪئميرائون، ڪئميرائن سان تعلق رکندڙ ٻيا ٽپڙ، ٽائيپ رائيٽر، بائناڪيولر، رڪارڊ، فوٽا، ٽرانسسٽر ريڊيا، ٽيپ رڪارڊر وغيره وغيره. پر انهن شين خريد ڪرن کان اڳ خبرداري ۽ خيال کان ڪم وٺڻ ضروري آهي. هڪ ته ناهڻ واري جو گئرنٽي ڪارڊ وٺڻ ضروري آهي. (ان شيءِ تي لڳل نمبر ۽ ڪارڊ تي لڳل



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نمبر ساڳيو ٿئي، جو پڻ جانچڻ گهرجي) اهڙين قسمن جي قيمتي شين لاءِ بهتر ته اهو آهي ته ڪنهن وڏي ۽ مشهور دڪان تان خريداري ڪجي جو پنهنجو نالو رکڻ خاطر دوکو نه ڪندو. هانگ ڪانگ ۾ سوئيٽر، ڪوٽ، گائون، چمپل، (جن سيني تي موتين جو ڪم ٿيل آهي) چڱا سستا ۽ سٺا آهن. ان کان سواءِ سبڻ پرڻ لاءِ ڏاڳا، ستارا، موتي، پانڪون، پيڙا وغيره پڻُ. سلائي به هتي جي عمدي ۽ سستي آهي، جنهن لاءِ اڳ به لکي چُڪو آهيان.

چيني دنيا جا مشهور هنرمند سونارا ليکيا وڃن ٿا ۽ سون پڻ هتي سستو آهي. سو هتان جا گهڻا ڏسي اڪثر عورتن جون اکيون ۽ پرس کُلي ويندا آهن. سون کانسواءِ هيرا جواهر، قيمتي پٿر، موتي پڻ سستا آهن. پر انهن لاءِ به ضروري آهي ته ڪنهن وڏي اعتماد جوڳي دڪاندار وٽان خريداري ڪجي. نه ته ڪيترا دڪاندار اهڙا بشني آهن جو رنگين پٿر توهان کي ڏيکاريندا پر اهو نه ٻُڌائيندا ته اهي اصلي نه پر *Synthetic* آهن.

ان کان سواءِ جي وقت هجي ۽ هلڪي ڦلڪي شيءِ ۽ تحفا وٺڻا هُجن ته هانگ ڪانگ ۽ ڪولون پاسي جون ”رات واريون بازاريون“ پڻ آزمائجن. اهي سج لهڻ کان پوءِ فٽ پاٿ تي لڳي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ويندڙيون آهن. جيئن هانگ ڪانگ پاسي جارڊن فيري اسٽيشن جي پر ۾، يا ”وان چائي“ ۾ ۽ ڪولون پاسي ”شنگهائي اسٽريٽ“ ۽ ٻين انيڪ هنڌن تي. هونءَ ڪولون پاسي تہ آچر ڏينهن بہ دڪان کليا رهن ۽ ٻين ڏينهن تي بہ رات جو ٻارهين تائين ننڍا وڏا دڪان کليا پيا هوندا آهن. جيئن رات جي وقت اينڊڙ جهازن جا مسافر پڻ خريداريءَ کان محروم نہ رهجي وڃن. ايڏي وڏي خريدارن جي ريل پيل دنيا ۾ شايد ڪنهن ٻئي هنڌ ٿيندي هُجي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڇلو جو گهرگهلو ڪري پيو ڪوهه ۾!

## ڪيڏانهن ويو سر چارلس نيپئر
## ڪٿي آهي مائونٽ بٽن........

”اميري توڙي غريبي، خوشي توڙي غمي ۾، بيماري توڙي تندرستي ۾، موت تائين پنهنجو ساٿ قائم رهندو.....“

شادي وقت ان قسم جا ٻول ۽ وچن وعدا دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڏهاڙي هزارين جوڙا ڪن ٿا. آمريڪا ۾ جهونن ڪليسائن کان وٺي فلوريڊا جي چاليهه فوٽ سمنڊ اندر گلف اسٽريم تائين. جپان ۾ هڪ طرف صديون پراڻن پاڪ شنتو درگاهن ۾ پُرتڪلف لباس ۾، ته ٻئي طرف ٽوڪيو جي نائيٽ ڪلبن ۾ بنا ڪپڙن لٽن جي گهوٽ ڪنوار وعدا ڪن ٿا. ڪوريا ۾ ڪنوارين ۽ گهوٽن جي يڪي ميڙ جي شادي ۾ پڻ ساڳي قسم جا وعدا ڏيندا رهن ٿا، جن کي ٻُڌڻ وارا ۽ ڏسڻ وارا هزارن جي هجوم ۾ ٿين، ته ٻئي پاسي ڏور ڏيساور رهندڙ ٽيليفون ذريعي شادي وقت ڪن ٿا.

بهرحال ان سڀني فرق جي باوجود هر هنڌ هڪ ڳالهه جا ساڳي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي سا آهي، گهوٽ ۽ ڪنوار (ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ) جو هُجڻ. يعني ٻئي ڏريون جيئريون هونديون آهن.

پر هتي هانگ ڪانگ ۾ هڪ عجيب ڳالهه ڏٺم ته ”موت“ جي ڪائي اهميت ناهي. موت نوجوان جوڙي کي هڪٻئي کان هرگز الڳ نٿو ڪري سگهي ۽ مئلن جي شادي پڻ ٿي سگهي ٿي.

ڪيترن پڙهندڙن بين ڳالهين سان گڏ اهو به لکيو آهي ته آءٌ پنهنجن سفرنامن ۾ دنيا ۾ ٿيندڙ شادين مُرادين ۽ موتي فوتي جي رسمن رواجن بابت پڻ لکان. سو ان خيال کان گذريل ٻن ٽن سفرن کان هن پاسي (مشرق بعيد) جي ملڪن ۾ جتي به وجهه لڳو آهي ته شادي ۽ موت جون رسمون (دعوت بنا ۽ دعوت تي) ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

ٽوڪيو (جپان) جي نائيٽ ڪلبن ۾ ڪي شاديون ٿين جن ۾ گهوٽ ڪنوار معزز مهمانن اڳيان بلڪل اگهاڙا ٿي اسٽيج تي وهن ۽ شاديءَ جي ماني مهمانن سان گڏ کائين. هن زماني ۾ اها شايد ڪيترن لاءِ تعجب خيز ڳالهه نه هُجي ڇو ته دنيا ۾ هر روز وڌندڙ اوگهڙ ۽ ڪپڙي اوڍڻ کان نفرت (هيئنيون ڪپڙو مٿي سُسندو اچي ۽ مني اسڪرٽ کان به گهٽجي ويو آهي ۽ مٿيون چولو هيٺ ڍُرڪندو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وڃي)، اگهاڙيون ڪالونيون (*Nude Colonies*) جنهن ۾ سڀ اگهاڙا ٿي رهن. آمريڪا ۽ يورپ جي شهرن ۾ ڏينهون ڏينهن ٿيندڙ ڇوڪرين طرفان *Bra Burn the* (انگيون ساڙڻ) ۽ *Help Abolish Virginity* جي حق ۾ نڪرندڙ جلسا جلوس وڏن شهرن جي هوٽلن ۽ ڪلبن ۾ ٽاپ ليس وڳن ۾ ڪم ڪندڙ ۽ ٻاهر رستن تي هاٿ پيئنٽن ۾ ڦرندڙ ڇوڪرين ۽ ٻين اهڙين ڳالهين تجسس ۽ تعجب ختم ڪري ڇڏيو آهي. بلڪ اها اوگهڙ جيڪا اڄ ڪان ڪجهه سال اڳ جهنگلي هُجڻ جو ثبوت سمجهيو ويو ٿي، تنهن کي اڄُڪلهه ماڊرن هُجڻ جو اصول مڃيو ڇيو وڃي. آفريڪا ۾ ٿو وڃجي ته اهي شيدي جي اڄ ڪان سؤ سوا سال اڳ جهنگلن ۾ اگهاڙا ڦرندا هُئا ۽ انهن جي ان حالت تي دنيا ڪين جهنگلي ۽ اڻسُڌريل سڏيندي هُئي، سي ته اڄُ ڏسو سڀ ڪان وڌيڪ سُڌري ويا آهن ۽ وڏن ۽ ويڪرن جُبن، پهراڻن ۽ ٽوپين ۾ پيا هلن ۽ وري ائٽلانٽڪ لتاڙي اڄ جي سُڌريل ملڪ آمريڪا يا يورپ ۾ اچو ته اڄُ جو نام نهاد ماڊرن ماڻهو جايون جڳهيون ڇڏي، انگ اگهاڙو وتي جانور وانگر جهنگن يا هٽ جي ٿهيل لانڊين ۽ ڪوٽن ۾ رهندو.

هانگ ڪانگ ۾ هڪ ڏينهن اسان جي ريفريجريشن انجنيئر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

محمود وٽ سندس دعوت تي ڪجهه برٽش ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون جهاز تي آيا. جنهن وقت اچي رهيا هُئا اسان جهاز جي عرشي (Deck)تي چار پنج ڄڻا ڪبڊي کيڏي رهيا هئاسين. سڀني انگريزن جا پير اگهاڙا، وار وکريل، ڏاڙهي وڌيل هئي. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي بلوچي ۽ سنڌي پرت جا ڪڙتا ۽ بيل باٽم پتلونون (جينز) هيون. ڪنهن ٻار کي سنجهوري يا شهدادپور جي مارڪيٽ ۾ پيرين اگهاڙو ڏٺو وڃي ته تعجب نه لڳندو پر ارڙهن اوڻيهن سالن جا انگريز ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هانگ ڪانگ جهڙي شهر ۾ پيرين اگهاڙا نظر اچن ته ضرور تعجب ٿيندو. جيتوڻيڪ مون کي پوءِ خبر پئي ته اڄُڪلهه اهو به فيشن آهي. خير پيا ته راند ۾ لڳا رهيا ۽ سندن ڏيان تي ڳالهه ئي نه آئي، آءُ اِگهين ڪاٿل هوس ۽ جيسين ڪو رانديگر جيئاري، تيسين ڇيلهه تي هٿ رکي ايندڙ مهمانن ۽ محمود کي غور سان ڏسڻ لڳس جا جيتوڻيڪ اخلاقي طرح غلط ڳالهه هُئي پر غلطي ٿي وئي، ۽ محسوس تڏهن ڪيم جڏهن محمود پرسان لنگهندي چئي ويم ته: ”بس يار بس وات ڇو ڦاٽي ويو اٿئي؟“

ڪيس پوءِ ٻئي ڏينهن چيم ته: ”وات ان تي ڦاٽو هوم جو هيءَ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انگريز قوم اها آهي جا ڪو زمانو هو، پري هسٽورڪ (*Prehistoric*) يا پٿر جو زمانو نه پر اهو سؤ سال کن اڳ جو جڏهن اسان هنن جا غلام هئاسين. جڏهن هيءَ ساڳي قوم پوشاڪ ۽ رسم رواج جو ايڏو خيال رکندي هُئي جو جيڪب آباد جي سخت گرميءَ ۾ به سوٽ مٿان ٿلها خاڪي ٽوپلا پائي هلندي هُئي. ڪو انگريز بهادر شڪار تي نڪرندو هو ته جهنگل ۾ به ان جي ڪاڏي پيتي لاءِ ڊائيننگ ٽيبل ۽ ڪرسيون ته چا پر ڇُري ڪانٽي جو به بندوبست ڪيو ويندو هو. ٿاءِ ۽ جوراب جُوتن ڪان سواءِ ته سرڪار بهادر قدم به نه ڪڍندو هو ۽ هاڻي جي هيءِ انگريز قوم ڏسو! اڙي ڪيڏانهن ويو سر چارلس نيپيئر. ڪٿي آهي مائونٽ بيٽن. ڪيڏانهن غائب ٿي ويو لارڊ لنٿلگو ۽ ڪلائيو. اڙي ڪٿي آهي......“

پوءِ محمود ڊوڙي اچي منهنجي وات تي هٿُ رکيو ۽ چيو ”اهي سڀُ آڱوٺي تي چڙهي ويا. ڪم جي ڳالهه اها ته هوءَ جيڪا گُلابي پتلون واري هُئي، جيڪا برا (انگيءَ) بغير هُئي ۽ سي ـ ٿرو (*See Through*) چولو پيل هيس، ان اڄ وري اچڻ جو وعدو ڪيو آهي ۽ اجها ته آئي. هينئر انگريزن جي شان ۾ گستاخي بند ڪري ڪنهن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سنڌي اخبار لاءِ وچي ڪو مضمون لکُ.“

۽ مون پوءِ انگريزن جي پچر ڇڏي ۽ سنڌين ڪي مٿي ۾ سُور وجهڻ لاءِ هلال پاڪستان اخبار لاءِ هڪ عدد مضمون اچي لکيو هو. خير سائين، اچو شادين جي ذڪر تي (ڪجهه وقت لاءِ پٽي تان لهي ويو هوس ـ ان لاءِ معافي).

هانگ ڪانگ جيڪو هرطرف دنيا جي ترقيءَ سان گڏ وڌي رهيو آهي اتي جي پاسي وارن ننڍن ٻيٽن مڪائو، ليائو وغيره ۾ اهڙا بہ پراڻي رسم رواج ۽ مذهبن ۾ اعتقاد رکڻ وارا ماڻهو رهن ٿا. جن بابت اڄُڪلهہ جي زماني ۾ سوچڻ بہ تعجب خيز آهي. هتي زنده انسان مري ويل سان شادي ڪري سگهي ٿو ۽ مري ويل ڇوڪرو، مري ويل ڇوڪريءَ سان شادي پڻُ ڪري سگهي ٿو. اهڙين شادين کي *Ghost_ Weddings* (غيباتي شاديون) سڏيو وڃي ٿو. ماءُ خواب ۾ پنهنجي فوت ٿيل پٽُ کي شاديءَ جي خواهش ڪندي ڏسندي ۽ هوءَ يڪدم ان لاءِ ڪنهن زنده يا مري ويل ڇوڪريءَ جو سڱُ ڳولهڻ ۾ لڳي ويندي. باقاعده ڄاڃين کي ڪاڏي پيتي ۽ شاديءَ تي اچڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي ۽ ڪاڄُ ٿيندو آهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هڪ اهڙي شادي (بنا دعوت جي) لاءِ هتي جي *Castlepeak* ۾ حاضري ڀريم. هڪ فوٽ ٽيل نوجوان ”يم - واءِ - چو (*Yim_Wai_Cho*)“ ڪي سنڌسن پيرسن ماءُ خواب ۾ ڏٺو تہ سرڳواسي سرڳ بدران نرڳ ۾ آهي ۽ ڪيس چئي رهيو آهي تہ هو اتي ڪيترو نہ اڪيلو آهي ۽ ماءُ کي فقط ايترو ٻڌايائين تہ ڪماري چان (*Miss Chan*) سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي. وڏيڪ ڪجھ معلوم ڪرڻ کان اڳ غريب ماءُ جي اک کُلي پيئي.

ماءُ ڏاڍي پريشان ٿي ۽ پنهنجي هڪ ساهيڙيءَ تي اهو ڪم رکيو تہ چان نالي ڪا ڇوڪري منهنجي پٽ لاءِ ڳول. سگھُ ڳولهيندڙ مائيءَ هٽي وچي هنڌُ ڪيو ۽ آخر ڳولي لڌائين. ”چان نگسم“ نالي هڪ ڇوڪري انهن ساڳين ڏينهن ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي هُئي، جن ڏينهن ۾ سنڌس سڪيلڌو ”يم - واءِ - چُو“ مُئو هو. پوءِ تہ ٻنهي جي هڏن کي گڏ دفنايو ويو. (هتي جا چيني ماڻهو مئلن جا هڏا رکي ڇڏين ۽ پوءِ ڪجھ سالن بعد حساب ڪتاب ڪري ڪنهن پاڪ جاءِ ۽ تاريخ تي دفن ڪن. ساڙين ڪونہ.) گڏُ دفنائڻ بعد، شادي جو ڪاڄُ مٿين جڳھ تي رکيو ويو ۽ سڀ رسمون ڌام ڌوم سان، گهوٽ ڪنوار جي غير موجودگيءَ ۾ رچايون ويون. (۽



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پوءِ پڪ پُٽ پنهنجي اڪيلائيءَ جو سُور پنهنجي ماءُ سان سلڻ چڏي ڏنو هوندو.)

سو اهي ٻالهيون هانگ ڪانگ ۾ اجا موجود آهن. خاص ڪري انهن ماڻهن منجهه جيڪي ڪناري تي ٻيڙين ۾ آباد آهن. ’اَبر جان‘ جهڙيون ڪيتريون ئي جڳهيون آهن، جتي هزارين پراڻين ٻيڙين (*Junks*) ۾ ماڻهو ٻارين ٻچين رهيا پيا آهن. دڪان، هوٽلون، عبادت گهر، جوا جا اڏا، سڀُ ٻيڙين تي. هڪ اهڙي شادي ڏٺم جيڪا پُراڻي ٻيڙيءَ ۾ رهندڙ ڏيءَ جي ٿي. ان ٻيڙيءَ کي ڳاڙهن لالٽينن ۽ جهنڊين سان سينگاريو ويو هو. شام جو ستين وڳي کان مهمانن کي ماني کارائي وئي ۽ ٽي ڪلاڪ مانيءَ جو ڪتراڳُ هلندو رهيو. ڪنوار پنهنجين ساهڙين سان گڏ ڏار ڪئبن ۾ ماني کاڌي. ان کان پوءِ ڪيس ٻاهر آندو ويو - پيرين اگهاڙو ڪم ڪار وارن پُراڻن ڪپڙن ۾. آئون اڃي ئي سمجهي ويس تہ هي چڪر اهو ئي آهي جيڪو سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڇوڪرن سان شادين طهرن تي ٿيندو آهي - يعني حجام اچي ڪپڙا پهرائيندو آهي ۽ پهرين جا پاٽل ڪپڙا هن جا ٿيندا آهن. ٿيو بہ ائين. هڪ پيڙهي سياڻيءَ ڪنوار کي سينگاريو ۽ سلڪ جا خوبصورت ڪپڙا پاتائينس. پوءِ ڪيس



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نصيحتون ڪندي رهي تہ مڙس سان ڪهڙي نموني ورتاءُ ڪرڻ ڪپئي (پهرين رات ئي هو جي ٻلي ماري تہ مرعوب نہ ٿجانءِ)وغيره. ساٿين جي پِڙ جي گهوڙي وانگر جڏهن هوءَ هر لحاظ کان سينگارجي وئي تہ پوءِ ڪيس نقاب پڏو ويو. ان بعد ڪيس ديوتائن جي پوڄا ڪرائي وئي. پوڄا مهل نقاب هٽايو ويو هوس، پر ٻہ ننڍڙا ڇوڪرا سندس منهن اڳيان ڳاڙهو ڪپڙو جهلي بيٺا رهيا. پنهنجي ڪئميرا ڪي چمڙي جي ٿيلهيءَ ۾ بند ڪري پر ۾ بيٺل هڪ چينيءَ کي چيم تہ، ”فوٽو ڪان تہ هاڻ ڪم مٿي چڙهي ويو.“ کلي چيائين:

”اهڙي ڳالهہ ناهي. اجهو تہ گهوٽ آيو پوءِ پڙدو لهي ويندو ۽ فوٽو ڪيجانءِ.“

رات جو ٻين وڳي سندس سينگاريل بسترو ڪجي نئين گهر (يعني پر ۾ بيٺل گهوٽ جي ٻيڙِيءَ ۾ ويو) ۽ ڪيس ڳاڙهو گائون پارائي گهوٽ جي انتظار ۾ ويهاريو ويو. ان وقت پنهنجو اباڻو گهر (ٻيڙي) ڇڏڻ جي غم ۾ (رسم مطابق) زور ڪري رُئڻ لڳي. (جيتوڻيڪ دل ۾ لڏون پئي پُريس). ٽين وڳي گهوٽ صاحب آيو. جنهن سان ڪنوار پنهنجي نئين گهر ڏي راهي ٿي، سندس هڪ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ساهيڙي پڻ هن کي ڇڏڻ لاءِ ڳڏ هلي.

هن پاسي جي ملڪن ۾ سنڌي پڻ ڪافي رهن ٿا. مختلف ماحولن ۽ ملڪن ۾ رهڻ باوجود به ڪيترين ئي ڳالهيون ۽ رسمون مون کي ساڳيون نظر اچن ٿيون. اهي ئي ڳيچ ۽ لاڏا، اهي ئي رسمون ۽ رواج. هڪ ٻه شاديون ٿائلنڊ ۽ ملائيشيا ۾ سنڌين جون ڏٺم. هڪ هنڌ عورتن جو ڪاڄ به ڏسڻ لاءِ ميزبان کي چيم ۽ ڪافي دير هن پاسي جي سنڌي عورتن کي ڳائيندو ٻڌم ۽ هڪ ٻه لاڏو پڻ ٻڌي پني تي اتاريم. ٿي سگهي ٿو ته اسان وٽ سنڌ ۾ به اهي ڳايا ويندا هُجن ۽ ڪيترن ٻڌا به هجن. نه ٻڌل پڙهندڙن کي پسند اچن يا نه پر پڪ اٿم ته پڙهي محظوظ ضرور ٿيندا. زالون ٿالهه ۽ ڍولڪ تي ڳائي رهيون هُيون.

”ماريو اچئي ٿو.“

”جيءُ.“

”ڪنگر ڪڇ ۾، رلي ڪُلهي تي.“

”جونءَ مٿي ۾، لٺ هٿ ۾.“

”ماريو ڪٿر ڪندو آيو.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”نماڻيءَ جو ڙي چلڙو آڻي ڏي.“

۽ جوان ڇوڪريون لاڏي ۾ هڪ ٻئي کي جواب ڏئي رهيون هيون.

”چلو جو گهر گهلو ڪر پيو ڪوهه ۾“
”اوپينرڙي ڪوهه جي مالهه ۾“
”جو نيسر مان تي لڏو“
”نماڻيءَ جو ڙي چلڙو آڻي ڏي.“

ان بعد هڪ ڇوڪري هينئون لاڏو ڳائڻ لڳي ۽ ٻي ٻيهي جهمر هڻڻ لڳي.....

”لڳي سا تنبوري جي تار
خاصي سا تنبوري جي تار
سڪ سجڻ رک پاڻ وٽ
سڪ ڍولڻ رکُ پاڻ وٽ
پنهل پهريون خط لکيو ماڻ ۾
تہ پي مُئو اٿئي گهر آءُ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پيءُ مُئو تہ پلي مُئو
پيءُ مُئو تہ پلي مُئو
تون لڏُون خوب ورهاءِ.

لڳي سا تنبوري جي تار،
پنهل پيو خط لکيو ماڻ
تہ ماءُ مُئي اٿئي گهر آءُ
ماءُ مُئي تہ پلي مُئي
ماءُ مُئي تہ پلي مُئي
ٿُون چندن ڪاٺُ ٻاراءِ.

لڳي سا تنبوري جي تار
پنهل ٽيون خط لکيو ماڻ
تہ پيڻ پرڻي اٿئي گهر آءُ
پيڻ پرڻي تہ پلي پرڻي
پيڻ پرڻي تہ پلي پرڻي
تون ڏاجا ڏيوڻ خوب ڏيار.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

لڳي سا تنبوري جي تار
پنهل چوٿون خط لکيو مانءِ
تہ پٽ جائو اٿئي گهر آءُ
پُٽ جائو تہ پلي جائو
پُٽ جائو تہ پلي جائو
تُون ڇَتيون خوب ملهاءِ.

لڳي سان تنبوري جي تار
پنهل پنجون خط لکيو مانءِ
تہ زال مُئي اٿئي گهر آءُ!“

ان بعد جهمر هٽندڙ ڇوڪريءَ پهرين ڇوڪريءَ جي لاڏي جو جواب ڏيڻ شروع ڪيو:

”ڇني پڙهي ڇاتيءَ ڪيم ڏڪاءُ
ڪلڪ رهيم ڪن ۾ جتيءَ گاڏيءَ جاءِ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آيس گهر، ڏنم ماءُ، پيم ساهه
مون سان زال چٽر ڪئي....
آيس گهر ڏنم پيڻ، ٿريم نيڻ
مون سان زال چٽر ڪئي....
آيس گهر ڏنم پُٽ،
ٿيس خوش
مون سان زال چٽر ڪئي....

آيس گهر ڏنم زال، لٿم خيال
مون سان زال چٽر ڪئي....
سڪ ڍولڻ رڪُ پاڻ وٽ
سڪ سڄڻ رڪُ پاڻ وٽ
لڳي سا تنبوري جي تار
خاصي سا تنبوري جي تار." وغيره وغيره.

ان کان علاوه سنڌ جي مشهور ڳائڻي چندُر جا پڙ رڪارڊ ۽ راڳ دنيا ۾ رهندڙ سنڌين وٽ چڱا مقبول آهن. خاص ڪري هي رڪارڊ ڪيترين شادين ۾ ٻُڌڻ ۾ اچي ٿو:



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ڳايو لاڏا ـ پُنيون مُرادون،
پنيون مُرادون ـ شل ٿين شاديون
وسن اوطاقون ....

1. منهنجي لاڏل جي رمز نرالي،
رمز سان گڏ اتس سمجھ نرالي
نرالي جنهن جي آ چال متوالي ـ
نت نئيون لاڪون.....

2. منهنجي لاڏل جو جوڙُ نہ جڳ ۾،
دهل وڄن ٿا دَر تي دَڳ تي،
سڏڻ آئي اتس سالي متوالي ـ
پهري پوشاڪون.....

3. لاڏل کي ڪوسو واءُ نہ لڳندو،
وڏي حياتي جيءُ جيءُ جيئندو
واهر ٿيندس والي جنهن جو سوالي ـ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

شل وسن واديون.....

4. چندر چاھہ مان جھُمريون پايو
هڪ هٿ چيلھہ تي هڪ لهرايو
هڪ پريل هڪ خالي وڄي تالي-
گھوريو سون چانديون....."



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# نئون اڻ کھڙي پاسي ٿو لڳي

عجيب اتفاق رهيو آهي جو هيستائين جيترا دفعا به هانگ ڪانگ آيا آهيون، ته هر دفعي جهاز جو چيف انجنيئر بدلبو رهيو آهي. پهرين دفعي جڏهن هانگ ڪانگ آيا هُئاسين ته اسان جو چيف انجنيئر پنجاهه پنجونجاهه سالن جي پر جو مسٽر فخرالدين ايم ـ رضوي هو. (”ايم“ اکر ”منصور“ لاءِ هو) سندس نالو ته ڪو پيو هو پر هتي پڙهندڙ في الحال اهو سمجهن، جو ڪين نالي سان ڪوبه سروڪار نه هُئڻ ڪري ۾ نالا ته ڪهڙا به ٿي سگهن ٿا. هڪ اسان جي دوست جو نالو شير علي آهي. پر هو سچ لڦي ڪان پوءِ ٻليءَ جي پاڇي ڪان به پيو ڏڪندو آهي. اسان جي پُراڻي جهاز تي هڪ اليڪٽريڪل انجنيئر هوندو هو. نالو ”نورالدين“ هوس، پر عينڪ جو ساڄو ڪائو مائينس ست جو ۽ کاٻو ڪمپائونڊ گلاس هو (جنهن جو نمبر ڪيس به ياد نه هو). يا اسان جي نوڪر جو مثال وٺو. نالو قائم الدين اٿس، پر اڄ ڏينهن تائين عيد نماز به نه پڙهي اٿس. اسان جي ڪراچي آفيس جي *Receptionist* جو نالو ”مس شيرين ناز“ آهي، پر سندس ائبسٽرئڪٽ قسم جو ڳالهائڻ اهڙو ته



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بي سُرو آهي، جو هالن جي جنا ڪدڙي جو آواز بہ سُريلو آهي. يا اسان جي هڪ ڪراچي جي دوست جي پاڙيسري فنڪاره، جيڪا پهرين چڪلي ۾ شادين مُرادين ۾ ڳائيندي ۽ نچندي هئي (۽ هاڻ ون يونٽ ڪان وٺي فقط ريڊيو پاڪستان ڪراچي تان ڳائيندي آهي ۽ ڪراچي ٽي وي تي دانشورن سان ڳالهہ ٻولهہ جي پروگرام ۾ بہ ايندي آهي)، جو نالو تہ ز يب النساءِ آهي - يعني ”عورتن جي سونهن“، پر منهنجي خيال ۾ تہ ڪي - پي - ٽي جا مزدور بہ سونهن ۾ ڪائنس موچارا ٿيندا. سو سڄڻو نالن ۾ ذات پات جي چڪرن ۾ نہ پئجو.

ڳالهہ اسان جي چيف انجنيئر جي پئي هلي، جيڪو بس، مڙيئي، انگريزن جي وڃڻ ڪري،هندستان مان لڏي پاڪستان اچڻ ڪري، دير سان شادي ڪرڻ ڪري، سندس ڪو پير مرشد نہ هجڻ ڪري، رات جو دير سان سمهڻ ۽ صبح جو سوير نہ اٿڻ ڪري - ۽ ٻين ڪيترن ان قسم جي معقول ۽ غير معقول سببن ڪري (جن لاءِ ڪيترين ئي روايتون مشهور آهن)، جلدي چيف انجنيئر ٿي ويو. پنهنجي عمر جو گھڻو وقت ملڪي ۽ غير ملڪي ٻاڦ تي هلندڙ جهازن تي چيف انجنيئر رهيو ان بعد ڊيزل جهازن جو چيف



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انجنيئر ٿيو ۽ هي اسان جو مادرن، ايئرڪنڊيشنڊ ۽ تيز رفتار جهاز سندس پيو يا ٽيون ڊيزل جهاز هو. پاڻ جهازران ڪمپني مان تنگ هو ۽ ڪمپني منجائنس. (پوئين ڳالهه جي اسان کي تڏهن خبر پوندي هُئي جڏهن هو گهٽي پيئڻ ڪري آئوٽ ٿي ويندو هو.) عمر کان وڏيڪ پوڙهو لڳندو هو پر ڪيس اها غلط فهمي ويٺل هُئي تہ پاڻ پوڙهي اُٿ وانگر بہ ڪنوات لهي. (جو گذريل سال ڪيس هن ئي بندرگاهہ هانگ ڪانگ ۾ سندس هڪ پراڻي چيني ساهيڙيءَ همبستريءَ وقت ٻڌايو هو تہ : تون اهڙو ئي جوان آهين جهڙو ٽيهہ سال اڳ). سندس ان چيني ڪاڪڙ ساهيڙِي ـ جيڪا ڪانئس بہ پوڙهي لڳي ٿي، جي جڏهن ڳالهہ ڪندو هو ۽ ڪيس جڏهن ماءِ گرل (*My Girl*)يا ماءِ فيئر ليڊي چئي مخاطب ٿيندو هو تہ شرم اسان کي پيو ايندو هو. بهرحال هن عمر ۾ اسان جي چيف انجنيئر کي ڪي گهڻا شوق نہ هُئا، پر سِڪ وانگر فقط بہ شوق هئا: هڪ شراب پيئڻ (يا پيٽ اندر اوتڻ وڌيڪ موزون لفظ ٿيندو) ۽ ٻيو عورت. (ياد رهي تہ هڪ سِڪ لاءِ نوڪري مان رٽائرڊ ٿيڻ بعد هڪ ڏينهن فقط ڪچو پائي ٻير جي وڻ تي چڙهي، پڪل ٻير چوندي ڪائي رهيو هو تہ سندس ڪنهن دوست پُڇيس:



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”سردار جي، چا پيو ڪرين؟“

”بس يار هاڻ تہ فقط بہ شوق وجي بچيا آهن.“ سک ٽڏو ساهہ ڪڍي ٻڌايس، ”هڪ ڪپڙا پائڻ ٻيو فروٽ کائڻ.“).

سو اسان جي چيف انجنيئر جا بہ بہ شوق وجي بچيا هئا. جي جوانيءَ جي ڏينهن کان برقرار هئا. سندس ڪئبن چڱو خاصو بار-روم (Bar Room) هو. ڪنهن بہ شراب مان ترندو نہ هو. جپان جو ساڪي (Saki)، روس جو ووڊڪا (Vodka)، چين جو جڳ مشهور شراب موتائي (Moutaiy_Chiew) کان وٺي ڪونڙيءَ جي ڪنتريءَ تائين چڪيل، پيتل ۽ اوتيل هوس. بيئر، براندي، وسڪي، شئمپين، وينو جهڙيون ٻاراٽيون شيون تہ ليکي ۾ بہ ڪونہ آڻيندو هو. جو آيو سو اگهيو وارو اصول هوس. ساڳيو معاملو عورتن جي سلسلي ۾ هوس. سندس بار بار اهو چوڻ جي تہ سندس جواني اجا ديواني آهي، ظاهر تہ اهو ٿي لڳو تہ سندس جواني جي ڏيئي جو تيل کپڻ تي آهي ۽ اجهو ٿي سندس لاٽ ٻُجهي. پاڻ جواني جي ڏينهن جون ڳالهيون چشڪا ڏيئي ڪندو هو جڏهن هو پاٽي جي هڪ جهاز تي سيڪنڊ انجنيئر هو. جنهن جهاز جا هانگ ڪانگ ۾ ڏهہ پنڌ هوندا هئا ۽ هانگ ڪانگ چڙ تہ ان جهاز لاءِ هوم پورٽ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

(*Home Port*) هو. اوسي پاسي جي هڪ ٻن ملڪن ۾ قري وري هانگ ڪانگ اچي ديرو ڄمائيندو هو. ”ٻ ان زماني جي هانگ ڪانگ جي چا ڳالهه ڪجي.“ هانگ ڪانگ ايندي وقت اسان کي روز ڊنر کان پوءِ ٿڌو ساهه کڻي ٻڌائيندو هو. پر سندس ڳالهيون ٻڌڻ وارا سڀُ بي سُرا هئا. ڪنهن کي ڪپڙن خريد ڪرڻ جو شوق، ڪنهن کي پُراڻيون عمارتون ۽ جڳهيون ڏسڻ جو مرض، ڪنهن کي جهاز جي ڪمري ۾ ئي وقت گُذاري پئسا بچائڻ جو شوق ته ڪنهن کي پنهنجي ايندڙ انجنيئري جي امتحان جي پڙهائي جو فڪر.

هانگ ڪانگ ۾ باقي ٻه ڏينهن هئا ته جهاز جي ٻن جونيئر انجنيئرن، ففٿ انجنيئرن، فورٿ ۽ ٻن اليڪٽريڪل انجنيئرن کي مين انجن جي *Indicator Card* وٺڻ ۽ جنريٽر جا ڪاربن (*Bushes*) بدلائڻ بابت ٻُڌائيندي چيو هُئائين:

”جهاز پرينءَ هانگ ڪانگ پهچي رهيو آهي. آءُ توهان کي اهو ته هرگز نه چوندُس ته ڪو توهان ڪنهن ڏارئين عورت سان نه سمهو. اها هڪ اهڙي شيءِ آهي، جيڪا هر ماڻهوءَ کي خود ئي سوچڻ گهرجي ـ ۽ جيترو جلد اوترو بهتر.

آءُ توهان کي فقط اها ڳالهه سوچڻ لاءِ مجبور ڪندس ته



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

عورتون ٻن قسمن جون توهان سان ٽڪرائبيون: هڪ اُهي، جيڪي پنهنجو اگهه سنئون سڌو بنا ڪنهن هٻڪ جي چئي ڏينديون ۽ ٻيون اهي جيڪي خاموشي اختيار ڪري توهان کي ڪٿڻ ۽ ڪڇڻ لاءِ مجبور ڪنديون. جيڪڏهن پهرين قسم جي آهي ته توهان کي يڪدم ڄاڻ پئجي ويندي ته توهان ڪٿي بيٺا آهيو ۽ پاڻي ڪيترو اونهو آهي. لنگر ڪيرائجي يا نه. پر ٻيو قسم اهو آهي جنهن کان توهان کي خبردار رهڻ گهرجي. هوءَ اهوئي سوچيندي رهندي ته گراهڪ ڪٿي ٿو کُسي ۽ هوءَ هميشه توهان مان وڏي اميد رکندي ۽ توهان پڪائي ڪندا رهندا. بهرحال دنيا ۾ ان کان وڏيڪ ٻي ڪابه ذلالت ناهي، ته جهاز جو هڪ جوابدار آفيسر، توهان جهڙو خسيس ڳالهه لاءِ هڪ ڪِني رن سان اگهه تي بحث ڪندو رهي.“

”سائين، هانگ ڪانگ ۾ ’ٽاور پيڪ‘ (*Tower Peak*) ضرور ڏسنداسين.“ هڪ جونيئر انجنيئر وچ ۾ ڳالهايو.

”هون!“ چيف انجنيئر خفي ٿي وراٽيو ڄڻ ڪواب ڪائيندي ڪنهن کي هڏو ڦاسي پوي. ”ٽاور پيڪ به ڏسڻ جي جاءِ آهي. آءٌ ته جڏهن ڇٽيهون دفعو هانگ ڪانگ آيو هوس، شادي ڪري پنهنجي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

زال سان گڏُ، تڏهن اها ڏنم. ان کان اڳ رڳو هانگ ڪانگ جا ڪلب، چڪلا، بار ۽ هوٽل جي خبر هيم.“

جهاز جڏهن هانگ ڪانگ پهتو ته هڪ ڏينهن شام جي چانهه تي، ڪنهن همراهه هانگ ڪانگ جي معاشي ترقي ۽ محنت جو ذڪر ڪيو. ڪنهن چيف انجنيئر کان به ڪٽي راءِ ورتي، ۽ پوءِ ته ٻئي ڪنهن کي ڳالهائڻ جو موقعو ئي نه مليو.

”ها واقعي هانگ ڪانگ ڏاڍي ترقي ڪئي آهي. هاڻ ته ڪا ڇوڪري ڪنگهي به ڪانه ٿي! نه ته اڄُ کان فقط پنج سال اڳ تائين، اها حالت هُئي، جو جهاز اجان پري ائنڪريج (ڪُلئي سمنڊ) تي بيٺو هوندو هو ته ڇوڪرين جا ٽولا ٻيڙين رستي جهاز تي پهچي ويندا هُئا. هڪ هنگامو متل هوندو هو. حالت اها هوندي هُئي جو اسان ڪمرن کي اندران ڪلف چاڙهي وهندا هئاسين. ڏکا ڏئي ڪيبو هون ته به ڇوڪريون نه نڪرنديون هيون. چونديون هيون ته: هاڻ آيون آهيون ته ٻيو نه ته فقط ماني کائڻ ڏيو ۽ رات ٽڪڻ لاءِ ڇڏيو. هاڻ ته سائين سيني جو نڪُ مٿي آهي. نوڪريون، ڏنڌا، پورهيا ايترا ته ڏسندي ئي ڏسندي وڌي ويا آهن، جو هتي جي سيني ماڻهن کي ته سٺن پگهارن واريون نوڪريون ۽ ڌنڌا آهن، پر ڌارين ملڪن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جا بہ ڪمائڻ لاءِ هتي ٿا اچن. ڏسندي ئي ڏسندي هانگ ڪانگ جو سڪو چوٽ چڙهي ويو آهي. آمريڪا جي ڊالر ۽ انگلنڊ جي پائونڊ کي بہ ڪو هتي نٿو ڪنگهي. هاڻ تہ ڪا چوڪري بار ۾ پيئڻ لاءِ ڪمپني تي ڏئي تہ ان جا بہ پنجويهہ هانگ ڪانگ ڊالر تي وٺي."

هڪ رات ٻارهين وڳي ڌاري، چيف انجنيئر جي ڪئبن جي بتي ٻرندي ڏسي انجڻ جي مرمت لاءِ ٿاهيل لسٽ وجي ڏني مانس. جيئن صبح ساڻ هانگ ڪانگ واري آفيس ڏي موڪلي سگهي. پاڻ اڪيلو پي رهيو هو. سڄي جهاز تي سندس پيالي پائي - ريڊيو آفيسر هيٺر تي بيدا تري رهيو هو. ڪجي وودڪا جو گلاس ڀري منهنجي اڳيان رکيائين. آءٌ ڪلڻ لڳس تہ چيائين:

"ڪمال آهي الطاف! تون ڪهڙو سنڌي آهين؟ منهنجو هڪ سنڌي دوست بدين پاسي جو زميندار آهي. خاص شراب پيئڻ لاءِ فصل لهڻ تي ڪراچي اچي رهندو آهي."

"خير مون کان نہ هلندي. بدين يا ٺٽي جو زميندار ڀلي عيش ڪري. هونءَ سنڌين جي ڏين ڌرم ۾ اهو لکيل ڪونهي تہ هو ضرور پيئن." مون وراڻيو.

"يار تڪلف نہ ڪجُ. آءٌ تنهنجو آفيسر آهيان تہ ڊيوٽيءَ وقت.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ان بعد دوست آهيون.“ چيف انجنيئر چيو.

”تڪلف جي ڳالهه ناهي، سائين. زور ٿا ڪريو ته ڪمپني خاطر ڪو بيئر يا ليمنڊ هجيوَ ته اهو ڪٽي ڏيو باقي هيءَ نجُ ڪچي ووڊڪا منهنجا آندا ساڙي ڇڏيندي.“

”اڙي يار، بيئر يا ليمنڊ ڪي ڪير ڪافر ٿو شراب سڏي، پيلا ويهه ته خبرون چارون ڪريون.“

”پڇو جيڪي وڻناوَ“ مون چيو

”چيف انجنيئريءَ جو امتحان ڪڏهن ٿو ڏين؟“

”بس سائين، سي - ٽائيم (*Sea Time*) پورو ٿي ويو آهي. پڙهائيءَ ۾ مشغول آهيان. سوچيان پيو ته هن سال ڪراچي يا لنڊن وڃي ته امتحان لاءِ لهي پوان. پاڻ توهان ڪجهه ٽيوشن ڏيو.“

”اڙي يار، هيءَ منهنجي عمر آهي پڙهائڻ جي“، هو ٽهڪ ڏئي چوڻ لڳو: ”حساب ته لڳاءِ ان ڪي ڪيترا سال ٿيا، جڏهن مون چيف انجنيئريءَ جو امتحان ڏنو هوا 1949ع جو زمانو هو اُهو. بلي بلي! تازو چين ۾ انقلاب آيو هو. مائوزي تنگ اهڙي ته ٻاهه ٻاري ڏني، جو سٽڪن جي ڊپ کان شنگهائي، پيڪنگ ۽ ڪئنٽن جون سيُ رنڊيون ڪنڊيون چين ڇڏي، اوسي پاسي جي ملڪن هانگ ڪانگ،



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

فلپين ۽ تائيوان ۾ اچي انبار ٿيون هيون. هاڻ چينين جا پڻ قسم آهن. هڪڙا شريف ۽ ايماندار جيڪي مائوزي تنگ وٽ ئي رهيا پيا آهن ۽ پيا هي لاهه، جيڪي هانگ ڪانگ، سنگاپور ۽ تائيوان پاسي اچي نڪتا آهن.....“

ريڊيو آفيسر ترِيل بيدا اچي اڳيان رکيا. فراءِ بيدا هڪ پليٽ ۾ ۽ آمليٽ ٻيءَ ۾. ساڳيا بيدا هُئا، پر فرق پچائڻ جو هو. ڊبل روٽيءَ جي ٻن پترن جي وچ ۾ آمليٽ بيدو رکي، سئنڊوچ ٺاهيو هئائين.

اهڙيون ٻيون انيڪ ڳالهيون اسان جي چيف انجنيئر جون، جي ڪڏهن ڪڏهن ياد ايندڙيون رهنديون آهن ۽ هن کي هميشه اها شڪايت هوندي هُئي ته سندس سجو انجنيئري اسٽاف حد کان وڌيڪ شريف آهي. جيتوڻيڪ ان وقت جي ڪئپٽن کي ان کان مختلف شڪايت هُئي، سندس ڊيڪ آفيسرن بابت. خاص ڪري ڪئڊٽن لاءِ:

”..... اڄڪلهه جا ڪئڊٽ ته ڏسو. رڳو فئشن ۽ نخري تي زور اٿن. جمعو جمعو اٺ ڏينهن به نه ٿيا اٿن ته رُڳو *Navigation* جو پيا سوچين، باقي *Seamanship* کان پرو ٿو وٺين. اسان ڪئڊٽ هوندا هئاسين ته صبح کان شام تائين ڊيڪ تي چپنگ ۽ پيئنٽنگ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۾ گُذاريندا هُئاسين. موڪل جو تہ سوچيندا ئي نہ هُئاسين. جيڪڏهن چيف آفيسر يا ڪئپٽن ڪنهن پورٽ ۾ خوش ٿي خرچي ڏيندو هو تہ گڏ ڪندا هئاسين ۽ وطن ورڻ تي پائرن پينرن لاءِ شيون وٺي ويندا هُئاسين. پر اڄُڪلهہ جا ڪئڊٽ الامان! ڪين ڪنهن پورٽ ۾ سندس گهٽ پگهار جو سوچي چاليهہ پنجاهہ روپيا ڪن خرچي جا ڪٽي ڏي، تہ يڪدم ٻئي ڏينهن ڊيوٽيءَ کان موڪل وٺي رات ٻاهر وچي گُذاريندا.“

ان ڪان پوءِ واري دفعي جڏهن هانگ ڪانگ آياسين تہ نئون چيف انجنيئر ٽيهن سالن جو نوجوان، گهٽ تجربي جي هوندي بہ بيحد هوشيار سيد اڪبر غازي هو. طبيعت ۽ عادتن ۾ پهرين کان بلڪل نرالو. هر وقت جهاز جي انجن ۽ پنهنجي زال جو فڪر رهندو هوس. ڊسيپلين ۽ يونيفارم جو پابند. پهرين ڏينهن ئي سڄي اسٽاف کي جهاز ڪمپني ۽ سندس اصول ۽ قائدا قانون واضح ڪيائين تہ ڪنهن بہ انجنيئر آفيسر کي ڪنهن بہ ڌارئين بندرگاهہ ۾، ڪنهن بہ ڇوڪريءَ سان شادي يا شادي بابت ڪو وعدو وَچن ڪرڻو ناهي انجڻ روم وارو چئمپل ڊائننگ سئلون ۽ سموڪ روم ۾ پائي هلڻو نہ آهي، ريفريجريشن انجنيئر کي خط



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

استوا وارن ملڪن يا سمنڊن تان لنگهڻ وقت بنا پُڇڻ ۽ ٻُڌڻ جي ايئرڪنڊيشن هلائڻو آهي، ٽرڊ انجنيئر ڪي هر ڇنڇر ڏينهن جهاز جي *Life_Boat* جي انجڻ ٽيسٽ ڪرڻي آهي، چاهي جهاز ٻڏڻ جو خوف هُجي يا نہ. بيمار انجنيئر کي ڪنهن ملڪ جي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ وقت ڪنهن بہ نرس جي ڪمري ۾ وڃڻ جي اجازت ناهي ۽ نہ چاڪ ٿي اچڻ وقت ڪنهن نرس کي دعوت ڏئي جهاز جي ڪئبن ۾ آڻڻو آهي. باهہ وسائڻ لاءِ *Fire_Extinguishers* ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ هميشہ تيار رکڻا آهن ..... وغيره وغيره.

پهرين هفتي ئي مونکان جونئر انجنيئرن بابت پڇيائين تہ:

”هو فرصت جي وقت سمنڊ تي ڇا ڪندا آهن.“

”سائين ڪي ’آداب عرض‘ پڙهندا آهن. ڪي اخبار جهان جو مستقل ڪالم ’تين عورتين تين ڪهانيان‘ پڙهندا آهن. ڪي ٽيبل ٽينس کيڏن ۽ ڪي سگريٽ جي پاڪيٽن تي *Flash* کيڏن.“

”هاڻ توهان اهي ڏنڊا ڇڏي ٻي *Voyage* کان انجنيئري جي ڪتابن جو دور ڪندا ڪريو ۽ ٽيڪنالاجي جي دنيا ۾ نت نيون ٿيندڙ ايجادن سان واهپو رکو.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نماز روزي جو ايترو ئي پابند، جيترو جهاز جو سيڪنڊ آفيسر روزانو صبح جو اٿي *Sextant* تي سائيٽ وٺڻ جو. رات جو ٽين وڳي اٿي تهجد پڙهندو هو. انجڻ روم جي هڪ هڪ مشين سان گهرو تعلق ۽ فڪر رهيس ٿي.

”الطاف جنريٽر جو ڇا ٿيو؟“

”خدا جي فضل سان هاڻي ٺيڪ آهي *Locating Bearing* بدلائڻ سان *Lubricating* جو مسئلو حل ٿي ويو آهي. سندس ٽربو چارجر به صحيح ڪم ڪري پيو.“

”او ويري گُڊ. ويري گُڊ! آءٌ اڄ تمام گهڻو خوش آهيان. توکي هينئر ئي ٻه رڪعتون نفل شڪراني جون ادا ڪرڻ کپن. پروردگار جون مهربانيون آهن، جيڪو برن ۽ بحرن ۾ بندي کي پيو هلائي نه ته ڪمزور انسان کي ڇا طاقت آهي. تون اهو نٿو محسوس ڪرين ته بي صورت ۾ پاڻ کي سڄو ڏکڻ چيني سمنڊ ۽ هندي وڏو سمنڊ هڪ ئي جنريٽر تي لتاڙڻو پوي ها ۽ اهو ڪيڏو نه جوکائتو ڪم هو!“

هانگ ڪانگ پهچڻ کان اڳ پُڇيائين، ”الطاف هانگ ڪانگ ۾ هڪ تمام وڏي ۽ خوبصورت مسجد اٿئي.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”هڪ ته ڪولون پاسي ناڻن روڊ تي، پارڪ جي وچ ۾ نظر اچي ٿي.“ مون ٻڌايومانس.

”ها. ’ميرامار‘ هوٽل ڪان ٿورو اڳتي. ڪڏهن مون سان ٿون جمعي جي رات اتي هلجانءِ. وڏا عالم ۽ علماءَ اچي ٿا گڏ ٿين، جن جون ڳالهيون ٻڌڻ سان انسان جي اندر ۾ هڪ نئون اجالو اچيو وڃي.“

ڪراچي جڏهن جهاز پهتو ته سندس زال بيمار ٿي پئي ۽ آخري ڏينهن تائين اسپتال ۾ هئي. نتيجي طور پاڻ اسان سان گڏ Sail ڪري نه سگهيو. چيف انجنيئر وري نئون آيو آهي ۽ جونيئر انجنيئر ڪنهن مفڪر يا سائنسدان وانگر ان ڪي جاچي رهيا آهن ته: نئون اٿ ڪهڙي پاسي ٿو ليٽي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڪجهه هانگ ڪانگ جي تاريخ جاگرافي بابت

## راڪاس جي پير جو ننهن

## اڳ جو چين سنڌي وڏيري مثل هو

## DO NOT AWAKE YELLOW LION

هانگ ڪانگ (وڪتوريا ٻيٽ) ۾ سندس ٻيو حصو ڪولون ائين سمجهڻ گهرجي، جيئن سنگاپور ٻيٽ ۾ ملائيشيا جي پوڇڙ جو حصو ’جوهر‘. يا جيئن اسان وٽ منوڙو ٻيٽ ۾ پاڪستان جو آخري پوڇڙ ڪياماڙي آهي. ڪولون بہ ڪياماڙي وانگر آهي، جو عوامي چين جهڙي راڪاس جي پير جو ننهن سمجهڻ گهرجي. ڪولون جي ريلوي اسٽيشن کان ڪئنٽن (عوامي چين) جي ريلوي اسٽيشن فقط نوي ميل آهي ۽ روزانو ڪولون ۽ ڪئنٽن جي وچ ۾ مسافر ۽ مال گاڏيون هلن ٿيون. هانگ ڪانگ ۾ ڪيترا چيني اهڙا آهن، جن جا مائٽ مٽ اجا تائين عوامي چين ۾ رهن ٿا. هانگ ڪانگ جي لووو اسٽيشن بعد لوڪماچو (*Lokmachau*) اسٽيشن پوليس ۽ اميگريشن جي چونڪي آهي. جتي ايندر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ويندڙن جي سخت چڪاس ڪئي ويجي ٿي. پهرين ايتري سختي نہ ٿيندي هُئي، پر ڏينهون ڏينهن جڏهن عوامي چين مان گهڻا چيني ڀڄي هانگ ڪانگ پاسي (ٻين لفظن ۾ آزاد دنيا ۾) اچڻ لڳا ۽ هانگ ڪانگ جي آدمشُماري حد کان وڌي وئي تہ ٻنهي ڌرين (عوامي چين ۽ هانگ ڪانگ جي انگريز سرڪار) خشڪي ۽ سامونڊي بارڊرن تي پهرو بيهاري ڇڏيو. شروع شروع ۾ هانگ ڪانگ ڪالوني جي آدمشُماري فقط پنج هزار هُئي.

1898ع ۾ ادائي لک ٿي وئي. 1921ع ۾ ڇهن لکن کان بہ چڙهي وئي ۽ 1941ع ۾ پندرهن لکن تائين وڃي پهتي. ٻي جنگ عظيم ۾، سن 1941ع ۾ جپانين هانگ ڪانگ تي قبضو ڪيو ۽ 1945ع ۾ آڻ مڃڻ وقت هانگ ڪانگ وري انگريزن جي قبضي ۾ آيو. جنگ ڪري واپار وڙو هنر ڌنڌا سڀ بيهي ويا هُئا. انگريزن اوسي پاسي ۾ رهندڙ هنرمند چينين کي گهُرائي هانگ ڪانگ ۾ رهايو ۽ ٿورن ئي سالن اندر هانگ ڪانگ وري ترقي ڪرڻ لڳو. 1949ع ۾ عوامي چين ۾ انقلاب آيو ۽ شنگهائي تي ڪميونسٽن جو قبضو ٿيو. شنگهائي جيڪو دنيا جو ٽن ڏينهن ۾ مشهور ترين شهر هو مائوزي تنگ جي انقلاب تي، ان جون سڀُ بئنڪون،



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

واپاري ڪمپنيون ۽ دور دراز ملڪن ڏي ويندڙ جهازن جون آفيسون سڀ هانگ ڪانگ اچي ويون. هانگ ڪانگ ۾ اڄڪلهه اڻ ڳڻت شپنگ آفيسون آهن. ڇيو وچي ٿو تہ تن سوَن ڪان بہ مٿي ٿينديون.
ٽئڪس فري ملڪ هئڻ ڪري ۽ واپار جي سهوليتن ۾ ڪمائي جي وڏندڙ ذريعن ڪري، دنيا جي ڪند ڪڙڇ جا ماڻهو هتي اچڻ لڳا.
1947ع ۾ هندستان پاڪستان ٿيو. سنڌ جا هندو جيڪي واپار ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هُئا، تن جو وڏو حصو هتي هانگ ڪانگ ۾ اچي رهيو. جتي پهرين ڪان ڪجهہ هندو سنڌي واپار جي سهوليتن ۾ سولاين ڪري لڏي آيا هئا. بهرحال 1950ع ڪان پوءِ بہ ڏينهون ڏينهن هتي جي آدمشماري وڌندي ئي رهي ٿي ۽ زمين وچي ٿي ڪُتندي. حالت اها آهي جو سمنڊ جو ڪيڏو حصو پنجهو ۾ پٿرن سان پري سڪي (زمين) ٺاهي ويئي آهي. هانگ ڪانگ جو ڪناٽ روڊ، وان چائي، ڪئينس روڊ وغيره سڀ اڄ ڪان ٽيهہ سال اڳ سمنڊ هو. پَٽَ جي اگهہ جي اها حالت آهي جو هزار روپيا فٽ بہ سٺي هنڌ تي ڏکيو ٿو ملي.

هانگ ڪانگ ۽ عوامي چين جي وچ ۾ ”شام چُن“ (*Shamchun*) نالي ندي، سرحد ٺاهي ٿي ۽ ”شاتائوڪاڪ“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

(Shataukok)نالي ڳوٺڙو بلڪل سرحد تي آهي، جنهن جو اڌ هانگ ڪانگ جو حصو آهي ته اڌ عوامي چين جو.

ڪنهن زماني ۾ ته هانگ ڪانگ آدمشماري توڙي ترقيءَ جي لحاظ کان هڪ غير آباد ٻيٽ هو جنهن تي ڪجهه مهاڻا رهندا هُئا ۽ مڇيون ڦاسائي پيٽ قوت ڪندا هُئا. ان کان علاوه بحري قزاقن (Pirates) جو پڻ اڏو هو جي واپاري ٻيڙن کي سمنڊ تي ڦُري اچي هانگ ڪانگ ۾ پناهه وٺندا هُئا.

پورچوگيز پهريان يورپين هئا جن آفريڪا جو ڪيپ آف گُڊ هوپ لتاڙي هيڏانهن مشرق طرف اچڻ شُروع ڪيو. هندستان، سلون، ملايا، انڊونيشيا طرف وڌي اڳتي چين طرف پڻ پهتا. ان کان پوءِ انهن پُٺيان انگريزن گس ڏٺو. پوءِ ته سائين بس روز "سلاماليڪم جاڙا خان، اسان اچي ويا آهيون - پنهنجي ڪُتي کي ته جهلجان." وارو لقاءُ هو. پهرين واپار جي بهاني سان سندن جهاز اچڻ شُروع ٿيا ۽ چين جي شهر ڪئنٽن (Canton) ۾ پير پُختو ڪيو پر ڪئنٽن انگريزن کي پاڻ ۾ ڪونه پيو جو انهن ڏينهن جي چين حڪومت جا ساڻن شرط شروط ۽ نمونا اهڙا ته ڏنگا ڦڏا رهيا جو ايسٽ انڊيا ڪمپني جي چوڻ تي برٽش حڪومت ڪنهن ٻي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

الڳ ٿلڳ مناسب جڳهه. واپاري چونڪي لاءِ ڳولڻ لڳي. (هيءَ اهائي انگلنڊ جي ايسٽ انڊيا ڪمپني هُئي جيڪا راڻي ايلزبيٿ پهرينءَ 1600ع ۾ هندستان موڪلي هُئي ۽ 1608ع ۾ سندس پهريون جهاز ڪئپٽن وليم هاڪنس جي ڪمانڊ هيٺ سورت پهتو هو.) بهرحال انگريزن هانگ ڪانگ جي ٻيٽ تي 1842ع ڌاري قبضو ڪيو جيڪو انهن ڏينهن ۾ (يعني فقط سوا سؤ سال کن اڳ) هڪ ويران جڳهه هئي. جنهن لاءِ انگلنڊ ۾ ته خوب گلا ڪئي وئي ته هھڙي جڳهه ڪيئن واپاري مارڪيٽ ٿي سگهندي. (هي ان سن جي لڳ ڀڳ جي ڳالهه آهي جڏهن لارڊ ايلنبرو سنڌ ۾ سرچارلس نيپيئر جي سالاري هيٺ لشڪر موڪليو. جنهن مياڻيءَ ۽ دُٻي جي لڙائيءَ ۾ ميرن کي شڪست ڏئي 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي).

هانگ ڪانگ ٻيٽ جي ايراضي اوٽيهه چورس ميل ٿيندي.هانگ ڪانگ چيني لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”خوشبودار بندرگاهه“ (هانگ معنيٰ خوشبوءِ ۽ ڪانگ معنيٰ بندرگاهه) اهو ان تي نالو ان ڪري پيو. جو انهن ڏينهن ۾ اوسي پاسي جي سمنڊ ۾ مڇيون مارينڊڙ مهاڻا هتان پيئڻ جو پاڻي کڻڻ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ايندا هُئا. جو هتي ابردين جي پرسان هڪ مٺي پاڻيءَ جو چشمو هو (جيڪو اڃا تائين موجود آهي) ۽ ان پاڻيءَ کي خوشبودار سمجهيو ويندو هو. (جيئن اسان وٽ ڳوٺن ۾ عام پاڻيءَ کي ”مٺو پاڻي“ سڏيو وڃي ٿو. ۽ عام طرح ائين ٻُڌڻ ۾ ايندو ته. ”ابا فلاڻي کوهه جو پاڻي مٺو آهي“ ان جو مطلب اهو هرگز ناهي ته ان کوهه مان روح افزا يا ٺٺي جي شربت جا ٻُڪ پرجيو ٿا نڪرن. ان جي پيٽ ۾ واٽر ڪورس يا شاخ جو ميرو پاڻي، يا اها زمين جنهن جي تهه ۾ لوڻيات (*Salts*) گهٽ آهن اتي جي کوهه جو پاڻي اڻ وٽندڙ ذائقي جو ٿئي ٿو جنهن کي ٻاڙو پاڻي سڏجي ٿو). اهڙي طرح اسان جهڙا انسان جن کي بقول شاهه لطيف جي:

”ڪيڙائن ڪارو سنجهيئي ساريو

آيل! امارو آهين پرئين پار جو.“

۽ جن جو ڏينهن رات واهپو سمنڊ جي کاري ۽ ڪکي بوءِ واري پاڻيءِ سان رهي ٿو. تن لاءِ هي پيئڻ جو پاڻي جيڪو بين لاءِ ڪٽي عام هُجي، وڏي حيثيت رکي ٿو ۽ خوشبودار ۽ مٺو لڳي ٿو. اڄُ جي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ماڊرن زماني ۾ جڏهن هرهڪ جهاز ننڍڙو شهر آهي ۽ سندن تيز رفتاريءَ دنيا جي بندرگاهن کي ڳنڍي ڇڏيو آهي ۽ هر جهاز تي پاڻي ناهڻ جي مشين (*Evaporator*) آهي ۽ جيتوڻيڪ ڪربلا جو قضيو ۽ عليءَ جي اولاد جي شهادت جون سختيون، اڄُ جي ساموندي ۽ وڻجاري کي وسري ويون آهن، تہ بہ ايترو آهي جو هو پيئڻ جي عام پاڻيءَ کي فقط پاڻي نہ پر عزت سان سنو پاڻي (*Fresh Water*) سڏي ٿو۔ ۽ اڪثر هر جهاز تي نون آيلن کي نصيحت ڪئي ويندي آهي تہ: جهاز تي تازو پاڻي ضايع نہ ڪريو. ڪيترن بندرگاهن ۾ (مثال طور دُبئي، دوحا، قطر، بيروت ۽ بيا اهڙا جن ۾ درياءَ يا کوهہ ناهن ۽ سمنڊ جي کاري پاڻيءَ مان مشينن ذريعي مٺو پاڻي ناهيو وڃي ٿو يا بارش جو پاڻي گڏُ ڪيو وڃي ٿو)، جهازن لاءِ پاڻي ونبو آهي تہ تمام گهڻي قيمت ڏيڻي پوندي آهي ۽ تمام خيال سان پاڻي خرچ ڪرڻو پوندو آهي. هارِ وبرِ لاءِ تہ سمنڊ جو پاڻي استعمال ڪبو آهي. ساڳي طرح اوسي پاسي ۾ پاڻي نہ هُجڻ ڪري هانگ ڪانگ جي انهيءَ چشمي جو وڏو قدر ڪيو ويو ٿي، آفيمي جنگ (*Opium War*) جي چڪرن ۾ انگريزن ۽ فرينچن جي فتح ۽ انهن چڪرن ۾ انگريزن کي 1942ع ۾ هانگ ڪانگ بيٺ ملي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ويو. (فرينچن ۽ انگريزن زوريءَ چينين کي آفيم کائڻ تي هيرايو. جنهن ۾ هو ڪامياب ٿي ويا ۽ سڄو چين، نشئي ۽ آفيمي بڻجي ويو. هو ۽ ڏارين کي جيئن ٿي وڻيو تيئن ٿي لُٽيو. اڏايو ۽ عيش ڪيو. عوامي چين جا شهر شنگهائي، ڪئنٽن، پيڪنگ وغيره جي هينئر هڪ مسجد يا ڪليسا وانگر پاڪ ۽ خشڪ لڳن ٿا، سي ڪنهن زماني ۾ دنيا جا مشهور عياشيءَ جا اڏا هُئا ۽ هيءَ چيني قوم جنهن کان هاڻ سڄي دنيا ڏڪي ٿي موالي ۽ چرسين جي روپ ۾ فٽ پاٿن تي نشي ۾ ڌُت هُئي ۽ ماني ٽُڪر لاءِ پئي واجهائيندي هُئي. چاڪاڻ جو ڏارين کي سندن ڏکندڙ نس جي خبر پئجي وئي هُئي).

هانگ ڪانگ، ڪولون ۽ ڪمبوڊيا توڙي جي سنگاپور جي اڌ کن آدمشُماري چيني ماڻهن جي آهي ته ملائيشيا جي به. پوءِ سيني چينين جو نسل ۽ شڪل صورت ڪٽي ساڳي آهي، پر مذهب، ملڪ، زبان ۽ قوميت جُدا آهي. پاڪستان ۾ جيڪي اڄڪلھ چيني طب ۽ پوشيده بيمارين جون اسپتالون کُلي پيون آهن، سي ڪي عوامي چين جا چيني نه آهن ۽ نه ڪراچي جي چيني هوٽلن جا مالڪ. اهي سڀ چيني نه فقط مختلف ملڪن ۽ قوميتن جا آهن پر سندن مذهبي، سياسي ۽ سماجي نظريا پڻ الڳ الڳ آهن.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تائيوان جا چيني ”عوامي چين“ سان نفرت ڪن ۽ عوامي چين جا رهاڪو تائيوان سان. هانگ ڪانگ جا ڪي چيني عوامي چين جي حُڪومت ۽ سياسي نظرئي ڪي ساراهين ته ڪي سخت ڏڪارين. سنگاپور جا چيني پنهنجو پاڻ کي سنگاپور سان منسوب ڪن ۽ سنگاپوري سڏائيندي فخر محسوس ڪن ته ملائيشيا جا چيني ملائيشيا سان. جيئن عربن جو ڪٽي مثال وٺجي ته عرب معنيٰ اهو نه ته ڪو عربستان (*Saudi_Arabia*) جو رهاڪو هُجي. ڪويت جا رهاڪو به عرب سڏائين، ته مصر جا به عرب. اهڙي نموني سان قطر، شام، عراق، لبنان وغيره جا پڻ. جيتوڻيڪ لبنان جا رهاڪو مسلمان ۽ ڪرسچن ٻئي آهن. (پنجاهه سيڪڙو ڪن آدمشُماري عيسائي آهي ته پنجاهه سيڪڙو مسلمان) پر ته به ٻئي ڌُريون پاڻ کي عرب سڏائين ۽ ساڳي زبان عربي ڳالهائين. (ايتريقدر جو فلسطين (*P.L.F*) جو اڳواڻ ڊاڪٽر هباش ڪرسچن آهي، پر هو پاڻ کي عرب سڏائي ۽ اسرائيل جي خلاف آهي) اهڙيءَ طرح چيني آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته مڙني چينين جو جيڪي ملائيشيا، سنگاپور، تائيوان، ويٽنام، ڪوريا، هانگ ڪانگ کان ويندي پاڪستان، تنزانيه، سومالي لئنڊ يورپ يا آمريڪا ۾ رهن ٿا.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اصل ملڪ ڪنهن زماني ۾ عوامي چين (*Mainland China*)هو.
پوءِ ڪن ”هئن حُڪومت“ (*Han_Dynasty*) جي ڏينهن ۾ چين
ڇڏيو ته ڪن ”يئان“ يا ”منگ“ خاندان جي ڏينهن ۾ دور دراز
ملڪن ۾ واپار وڙي ۽ بين سهوليتن جي ڪري هميشه لاءِ وطن ڇڏي
لڏي ويا ته ڪي مائوزي تنگ جي انقلاب ڪي نه پسند ڪرڻ ڪري
ڀڄي نڪتا. سو هتي جڏهن آءٌ چيني لفظ استعمال ڪريان ٿو ته
منهنجو مطلب هانگ ڪانگ جي رهاڪو چينين سان آهي.

اڄُڪلهه عوامي چين جي چينين ۽ دنيا جي ٻين چينين ۾ وڏو
فرق اهو آهي ته عوامي چين جا باشندا اخلاقي طرح سيني ڪان
اتاهان ۽ اعليٰ آهن. انهن جو ۽ ان ملڪ جو تفصيل الڳ عوامي
چين جي شهرن (شنگهائي، سئم ڪانگ، ڪئنٽن ۽ پيڪنگ
وغيره) مان ئي لکندُس.

بهرحال مجموعي طور سنگاپور، ملائيشيا ۽ هاڻ هتي (هانگ
ڪانگ) جي چينين ۾ هڪ ڳالهه ڏٺي اٿم ته هو بيحد محنتي
اٽورچ ۽ ذهين آهن. خبر ناهي ڪنهن چيو ته: چيني چرسي ۽
سست آهن. جي ها. اهو صحيح هو، پر اها ماضيءَ جي ڳالهه هُئي
جڏهن واقعي چيني دنيا جي سست ۽ ڪاهل قوم هئي ۽ هنن ڪي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪافي سزا جنگ جي روپ ۾ ۽ بُک بيروگاري جي شڪل ۾ پوڳڻي پئي. پر هاڻ چيني اهڙا تہ بيدار ٿيا آهن، جو ٻچو ٻچو ترقيءَ جي منزل ڏي پڪي عزم ۽ ولولي سان هر مشڪل کي منهن ڏيئي وڌندو نظر پيو اچي.

جي جهنگ ڪندو تنگ تہ ساڙي اچبو.
هوندو جي بيابان تہ لتاڙي اچبو.
او منزل مقصود، هي وعدو آهي،
آيو جي اپُ تہ بہ ڦاڙي اچبو.

هاڻ تہ چيني اهڙا پيدا ٿيا آهن جو مونکي سڄي دنيا ۾ چينين جهڙي محنتي قوم ڪٿي بہ نظر نٿي اچي! هو صبح شام، ٻارين ٻچين پورهئي ۾ رڌل رهن ٿا ۽ اهوئي سبب آهي جو چيني سڀ کان اڳتي وڌندا وڃن. مثال طور ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ ملئي مسلمان، هندو ۽ چيني رهن ٿا ـ ساڳين حالتن ۽ سهوليتن هيٺ. پر ان هوندي بہ چيني هر ڪم ـ پورهئي، واپار، هنر ۽ نوڪريءَ ۾ ٻين کان اڳتي وڌيل آهن. ساڳيو عالم هانگ ڪانگ جو آهي. اڄ ڪلهہ تہ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دنيا جي ٻين ملڪن وانگر چيني نوجوانن ۾ بہ اهڙي سُجاڳي ۽ قوميت جو جذبو پيدا ٿي ويو آهي جو مون کي ائين پيو لڳي تہ اهو وقت تمام ويجهو اچي پهتو آهي، جڏهن يوگنڊا (آفريڪا) جي عيدي امين وانگر هتي جا چيني بہ ڌارين کي تيڙ ڀڄائيندا.

ڪافي عرصي کان هانگ ڪانگ انگريزن جي حڪومت هيٺ آهي. هتي راڻي ايلزبيٿ جي تصوير جا سڪا، نوٽ ۽ پوسٽ جون ٽڪليون هلن ٿيون ۽ اجا تائين سڏي يا اٽسڏي طرح انگريزن جي قبضي ۾ آهي. اها انگريز سرڪار جنهن لاءِ ڪنهن زماني ۾ چيو ويندو هو تہ ان حڪومت جو سجُ ڪڏهن بہ غُروب نہ ٿيندو پر پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي سڄي مشرق ۾ انگريزن جو سجُ گنگا، راوي، سنڌو ندي ۽ ميڪانگ نديءَ ۾ ڪڏهن ڪو ٻُڏي ويو. هاڻي هزارين لکين سپاهي پئسفڪ سمنڊ جي هن جابلو ٻيٽ ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪري رهيا آهن تہ جيئن سندن حڪومت جو سجُ جيڪو اڄُڪلهہ فقط هانگ ڪانگ جي ٽڪرين مان اڀري ٿو ڪٿي پرل نديءَ ۾ ٻُڏي نہ وڃي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڪجھ يادون- ڪجھ ڏنگ

## ”آئون نيو سنڌي آهيان“
## مون ڪي ڪلڻ ڪپي يا روئڻ؟

انسان جي هر روز جي زندگيءَ ۾ انيڪ واقعا درپيش اچن ٿا. صبح کان شام تائين انيڪ جذبا ۽ *Moods* بدلجن ٿيون. هو بيشمار نظارا پسي ٿو ۽ ڳالهيون ٻڌي ٿو ۽ پوءِ وقت گذرڻ تي سڀُ پراڻيون ڳالهيون، جذبا، احساس، نظارا، *Moods*، ماضيءَ جي کنڊرن ۾ دفن ٿيو وڃن. پر انهن ۾ ڪو هڪ اڌ اهڙو بہ جذبو، واقعو ڳالهہ، نظارو يا احساس ٿئي ٿو جو انسان جي دل ۽ دماغ تي ڪافي اثر ڇڏي ٿو ۽ وقت جون ٻرانگهون هن کي لتاڙڻ سان بہ ڏڏڙ ۾ دفن نٿيون ڪري سگهن.

*The day have vanished, tone and tint,*
*And yet perhaps the hoarding sense,*
*Gives out at times (He knows not whence)*



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

*Little flash, a mystic hint.*

هڪ ڏينهن اڪيلو فيريءَ ۾ ڪولون پئي ويس. منجهند جا ٻہ ڪن ٿيا هوندا. سجي فيري چيني مردن، عورتن ۽ ٻارن سان پيري پئي هُئي، جو Rush_Hour هو. آءٌ پنهنجي ئي خيالن ۾ ويٺو هوس تہ اوچتو منهنجي نظر بلڪل اڳيان ويٺل ڇوڪريءَ تي پئي. ڇوڪريون تہ ڇوڏاري ڪيتريون ئي ويٺل هيون، پر هانگ ڪانگ ۾ پهريون دفعو هو جو مون ڪنهن ڇوڪريءَ کي پوتيءَ (گنديءَ) ۾ اوڍيل ڏٺو. ڏاڍو تعجب لڳو ۽ تجسس پڻ. هلندڙ فيريءَ ۾ ئي ٿورو نمي پاسيرو ٿي سندس منهن ڏٺم تہ پنهنجي پاسي جي هُئي - يعني اندوپاڪ جي، پر رنگ صاف ڪير جهڙو. خوبصورت چهرو. سورهن سترهن سالن ڪن جي ٿيندي. هوءَ سفيد چولي ۽ سفيد شلوار ۾ ملبوس هُئي. آءٌ ڏاڍو متاثر ٿيس تہ هيءَ پدمڻي ۽ نوريءَ جي روپ ۾ خوبصورت هيلن آف ٽراءِ يا موناليزا ڪير آهي. سندس هنج ۾ ڪجهہ نوٽبڪ ۽ ڪتاب هئا - شايد هانگ ڪانگ (ٻيٺ پاسي) ڪان اسڪول مان موٽي ڪولون پنهنجي گهر ڏي پئي وڃي يا تہ گهر هانگ ڪانگ پاسي هُجيس ۽ شام واري شفٽ ۾ اسڪول لاءِ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪولون ڏي پئي وڃي. سنڌي تہ ٺهي ٿي نہ ٿي سگهي جو هتي هانگ ڪانگ ۾ سڀُ سنڌي عورتون ساڙهي بدران چوڪريون بيل باٽمز پجاما يا پتلونون پائين. سک عورتون ۽ چوڪريون شلوار قميصون ضرور پائين، پر پوتي هميشہ ڳچيءَ ۾ مفلر يا هار وانگر رکن. ڪير ٿي سگهي ٿي آخر؟ پر ۾ جي وينل هجي ها تہ پڇڻ ۾ ڪو آر نہ ٿئي ها. پر اڳيان وينل پنيري ماڻهوءَ کان ڪجهہ پڇڻ مناسب نٿي لڳو. بهرحال ان راءِ تي پهتس تہ پڪ ڪا ڪوجا يا بوهري چوڪري آهي ۽ تازو ويجهڙائيءَ ۾ هتي ڪا گهُمڻ آئي آهي. ڪجهہ ڏينهن پيا بہ رهندي تہ هتي جي ماحول مطابق لباس پائڻ شُروع ڪندي. جيئن چوڻ مشهور آهي تہ:

” *While in Rome, do as Romans do*“

فيري ڪولون وٽ اچي پهتي ۽ سڀ پنهنجين بينچن تان اٿي فيريءَ جي در وٽ، درُ کلڻ ۽ فيريءَ جو دڪي (*Jetty*) سان لڳڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. هوءَ ان وقت منهنجي بلڪل سامهون بيٺي هُئي. سڀ خاموش بيٺا هُئا. ان وقت، يعني چينين جي ميڙ ۾ ڊارئين زبان ڳالهائڻ معنيٰ ڪين خار ڏيارڻ. سو ماٺ ۾ ئي رهڻ ستو سمجهيم - ۽ ڪجهہ اهو بہ سوچي تہ جي هن محترمہ جواب نہ ڏنو تہ هيڪاندو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پرئي راڄ ۾ خواري ٿيندي ـ ۽ ان جو وڏيڪ ڏيُپ هو. چاڪاڻ جو پاڪستان جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي ڇوڪرين وانگر جيڪي ڏارين سان ته ڏاڍي چاهه ۽ نيازمنديءَ سان ڳالهائيندڀون آهن، پر سندن ڪاليج يا يونيورسٽيءَ جي ڪلاس ميٽ ڇوڪرن سان ڳالهائيندي اڪثر ڪيٻائيندڀون ۽ نفرت ڪنديون آهن. اهڙي طرح اسان جون پاڪستاني ڇوڪريون ٻاهرن ملڪن ۾ ڏارين سان ته تمام آزاد نموني ڳالهائيندڀون ۽ ملنديون رهنديون آهن. (خاص ڪري يورپ ۽ آمريڪا پاسي ته) پر پنهنجي هم رنگ يا هم وطني جي ويجهو ايندي ايڏي نفرت ڪنديون آهن، جيئن برهمڻ پيچي اڇوت کان. (پر اهو به آهي ته ڪن حالتن ۾ سندن اهو قدم صحيح ۽ حفاظت وارو ثابت ٿئي ٿو.)

بهرحال منهنجي دل ۾ هورا ڪورا ٿي ته هن ڇوڪريءَ کان ضرور پُڇان ته هوءِ ڪير آهي. درُ کُلڻ تي ٻاهر جهڙو هڪٻئي جي ويجهو ويجهو نڪري سئلسبري روڊ (*Salisbury Road*) تي بس اسٽاپ ڏي وڏياسين ته سندس چهري جو رُخ پاڻ ڏي ڏسي انگريزيءَ ۾ پڇيومانس: ”توهان هتي هانگ ۾ چا ويجهڙائيءَ ۾ آيا آهيو؟“

”نه اسان ڪي هتي هانگ ڪانگ ۾ آئي به پنج سال ٿي ويا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهن. ۽ توهان؟“ هن موٽائي مون کان پڇيو ۽ بس اسٽينڊ جي هڪ ويڪري ٿنڀي کي ٽيڪ ڏئي بس جو انتظار ڪرڻ لڳي.

”آءٌ هڪ پاڪستاني جهاز تي انجنيئر آهيان ۽ حيدرآباد ضلعي جي هڪ ڳوٺڙي جو رهاڪو آهيان.“ مون ساڌس اڙدوءَ ۾ ڳالهايو جو ڏنم ته هوءَ صاف انگريزي ڳالهائي نه سگهڻ ڪري پنهنجي ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهائي نه پئي سگهي.

”منهنجا مائٽ به ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا. اسان به ڪجهه وقت ڪراچيءَ ۾ هئاسين. پوءِ ڊيڊيءَ کي هتي واپار جو سنو وجهُه لڳي ويو ۽ هاڻ پنجن سالن کان اسان هتي رهون ٿا.“ پاڻ صاف ۽ صحيح اڙدوءَ ۾ جواب ڏنائين.

”دراصل توکي پوتيءَ ۾ ڏسي تعجب ٿيو ته توکان پڇان ته ڪير آهين. منهنجي خيال ۾ توهان اسماعيلي آهيو؟“

کلي ورائڻ لڳي: ”نه نه. اسان ته سنڌي آهيون.“

”سنڌي آهيو؟“ مون کي تعجب لڳو ”ته پوءِ توهان کي سنڌي به ڳالهائڻ ايندي هوندي؟“

”نه، سنڌي ته ڪانه ٿي اچي.“

”تون ئي ته چوين ٿي ته سنڌي آهيان ۽ وري ڳالهائڻ به ڪونه



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٿو اچيئي ـ اهو چڪر ڪيئن؟“ آءُ وائڙو ٿي ڪائنس پڇڻ لڳس.

”او منهنجو مطلب آهي. منهنجو مطلب آهي........“ هن مرڪندي پر ڪجهه شرم ۽ ندامت محسوس ڪندي چيو ”آءُ نيو سنڌي (*New Sindhi*) آهيان.“

”اهو به سنو جو تون پاڻ کي ”نيو سنڌي“ ته سمجهين ٿي ۽ سو به هانگ ڪانگ ۾ رهي. چئبو ته زبان اڙدو اٿئي پر دل سنڌي اٿئي.“ آءُ کلڻ لڳس (الائي اهڙن موقعن تي انسان کي کلڻ کپي يا روئڻ؟) هن به يڪدم کلي وراڻيو ”توري توري زبان به سنڌي ٿيندي وڃي. اسان وري لڏي واپس ڪراچي پيا وڃون.“ هڪ پوڙهو رڪشا وارو چيني، ٿاتل گنجيءَ ۽ ميري پتلون ۾ رڪشا جون گهوڙيون ڪڇ ۾ ڦاسائي اسان جي پرسان اچي بيٺو. هن سمجهيو بس ۾ اجان دير آهي، سو اسان سندس رڪشا ۾ ئي چڙهي ڪيس پنجاهه سينٽن جو پورهيو ڪمارايون. مون ڪيس هٿ سان انڪار جو اشارو ڪيو ۽ سندن ڪن پل اڳ جو نهيل اميدن جو مينار سندس ڪبي چيلهه وانگر چبو ٿي، ڪري، ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. ۽ پنهنجي غربت ڏي ڏسي، پوڙهو اسان جي صاف ڪپڙن، پريل جسم ۽ ڀهڪندڙ چهرن ڏانهن اهڙي نفرت سان ڏسڻ لڳو. جيئن ڪو اعليٰ تعليم حاصل



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪيل لائق بيروزگار نوجوان، پنهنجي وطن ۾ ڪنهن ڏارئين گهٽ تعليم حاصل ڪيل ۽ نڪمي کي وڏي عهدي تي ڏسي. معمونہ (سندس سچو نالو فرخنده معمونہ ڪتاب تي لکيل هو)، ان پوڙهي رڪشا چڪيندڙ چينيءَ جي نفرت ڀري نگاهن ڏي نهاري، پوءِ مون ڏي ٿورو وڏيڪ ويجهو اچي راز واري انداز ۾ چيو: ”هنن چينين کي بہ انگريزن صحيح سُڄاتو هو. هاڻ هي بہ بنگالين وانگر ڏارين کي هانگ ڪانگ مان ڪيڍڻ جي فڪر ۾ آهن. اسان هانگ ڪانگ ان ڪري پيا ڇڏيون. ڊيڊي چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن اوچتو هي اسان کي ڀڄائين ۽ سڀُ ڪجهہ هتي رهجي وڃي ان کان بهتر آهي تہ اڳواٽ سڀُ ڪجهہ وڪڻي سنڌ هلي مقيم (*Settled*) ٿجي. امان چوي ٿي تہ سنڌ هلڻ کان اڳ اسان سڀ پائر پينريون ڪجهہ سنڌي سکي وٺون.“ هوءَ اهو چئي منهنجي منهن ۾ تڪڻ لڳي. پر آءٌ خاموش ٿي رهيس. (اهڙن موقعن تي خبر ناهي تہ انسان کي کلڻ کپي يا روئڻ؟). هن پنهنجي ڪتابن جي پڙيءَ کي اٿلائيندي پٿلائيندي هڪ ننڍڙي چوپڙي ”سنڌي اردو بول چال“ ڪڍي مون کي ڏيکاري. اها هنن ڪراچي مان پوسٽ ذريعي گهرائي هُئي. ان ڪتابڙي جي پرسان رکيل ڪتاب جو نالو اسلامي تاريخ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

(*Islamic History*) هو. ڪائنس سندس پيا اسڪولي *Subjects* پڇيم. پاڙ ٻُڌايائين ته هوءَ ڪولون ۾ رهي ٿي پر اسڪول لاءِ روز هانگ ڪانگ وڃي، جو اتي هڪ اسڪول ۾ مذهبي تعليم پڻ ڏني وڃي ٿي. ”مون کي به ننڍڙيون ڀينريون آهن ۽ هڪ وڏو ڀاءُ، جو دڪان تي صبح جو وهي. توهان کي هانگ ڪانگ ڪيئن ٿو لڳي؟“

هڪڙي بس منهنجي منزل جي اچي وئي هُئي. هوءَ مون سان ائين ڳالهائي رهي هُئي ۽ گهر اچڻ جي دعوت ڏئي رهي هُئي، ڄڻ هوءَ مون کان ننڍي نه، پر مون جيڏي يا مون کان به وڏي عمر جي هجي، ”منهنجي هڪ سنڌي ڇوڪري پين فرينڊ (قلمي دوست) سکر ۾ آهي. هن سال ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ورتي اٿس.“

”هوءَ سنڌين بابت ڇا لکندي اٿئي ته سنڌ ۾ مريض گهڻا ۽ قبرستان گهٽ آهن، سو ڊاڪٽرياڻي ٿي رهي آهيان.“ مون ڪائنس کلندي پڇيو.

”نه هوءَ لکندي آهي ته سنڌ جي تهذيب تمام گهڻي پُراڻي آهي، هتي ڪيترين ئي قومون آيون - ايراني، يوناني، توراني، پٺاڻ، پنجابي، ترڪ، عيسائي، عرب، پارسي، ڪوجا، بوري ۽ سڀُ رچي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بسي ويون. سنڌ هڪ مها ساگر مثل آهي. جنهن ۾ هر شيءِ جذب ٿيو وڃي.“

”تنهنجي قلمي دوست ڊاڪترياڻيءَ کي اها خبر هئڻ کپي ته سنڌ هڪ مهاساگر وانگر نڊڙڪي ناهي، جنهن ۾ هر ڪني سني شيءِ اڇلڻ تي، هو ڳهي وڃي، پر سنڌ هڪ تندرست انسان جي جسم مثل آهي، جنهن ۾ هر سني شيءِ ته ٽڪي سگهي ٿي، پر زهريلي شيءِ کي اهو جسم ٻاهر ٿُوڪاري ڇڏي ٿو. پوءِ چاهي اها زهريلي شيءِ پنهنجي ٻاهران کهڙا به چانديءَ جا ورق ويڙهي اچي. توکي تنهنجي سکر جي سهيليءَ *Miss guide* ڪيو آهي.“

اسان کي ڳالهائيندي چڱو وقت گُذري ويو هو. ايتري ۾ ”هنگ هم“ لاءِ ٻي بس به اچي و ئي ۽ آءُ ڪانئس اجازت وٺڻ لڳس. هن مسڪرائيندي هٿ لوڏيو ۽ آءٌ ڪيس پنهنجي هانگ ڪانگ جي ائڊريس جو ڪارڊ ڏئي اچي بس ۾ ويٺس. سخت گرمي ۾ اڄ ۾ ساهه منجهي رهيو هو. پوءِ جڏهن بس سالسبري روڊ تان ٿور هلي ڪولون جي سپ کان ڏکهي ۽ ويڪري رستي ”ناٿن روڊ“ تي ڊوڙڻ لڳي ۽ سامونڊي هوا جي گهميل هير لڳي ته آءٌ شاهه عبداللطيف آف يٽ جي مصنف ”اي ـ ٽي ـ سورلي“ جو سنڌين لاءِ لکيل ان ڪتاب تي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انتساب وارو شعر جهونگارڻ لڳس:

## “DEDICATED TO THE PEOPLE OF SINDH.”

*Oh! Friendly folk, with whom I’ve lived*
*And felt the beat of violent sun*
*And heard sharp argument and seen*
*How Indus waters errant run,*
*No chronicle of kind and wars,*
*Your lovely hamlet bard unfolds*
*The wonder of his melodies*
*Enthralled a rustic people holds*
*Oh! Friendly folk……………*



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# بليڪ پيئر جو گوڙ ۽ ماڻ.

## دڙي چڪي لاڄڪ لاڄڪ ...

هانگ ڪانگ ۾ اسان جو جهاز دڪي سان لڳي بيهڻ بدران هر دفعي هانگ ڪانگ بيٽ ۽ ڪولون جي وچ ۾ لنگر ڪيرائي بيهي ٿو يا ڪنهن *Buoy* سان ٻڌو وڃي ٿو. پوءِ آفيس طرفان هڪ لانچ جهاز جي عملي ڪي، بندرگاهه ڪان جهاز تائين پهچائيندي رهي ٿي. لانچ ڪي ان پنڌ لاءِ ويهه پنجويهه منٽ ڪن لڳن ٿا. ڏينهن جو نائين وڳي ڪان، شام جي انين وڳي تائين هي لانچون ڦيرا ڪن. ڪلاڪ ڪلاڪ بعد لانچ بليڪ پيئر(*Black_Pier*) تان جهاز لاءِ ڇُٽي ۽ جهاز تان واپس بليڪ پيئر تائين ماڻهو آڻي. (بليڪ پيئر، استار فيري استيشن جي بلڪل لڳ ڀڳ، ڪناٽ روڊ تي آهي، جنهن جي ڀئي پاسي جنرل پوسٽ آفيس، مندران هوٽل ۽ ٿورو پري هانگ ڪانگ هلٽن هوٽل آهي) شام جو اٺين وڳي ڪان پوءِ هيءَ لانچ ٻن ٻن ڪلاڪن بعد ڦيرا ڪري ۽ رات جو ٻارهين ڪان صبح جو نائين تائين ٽن ٽن ڪلاڪ بعد.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بليڪ پيئر وٽ ڪجھہ اھڙو نظارو رھي ٿو ۽ نمونو رھي ٿو جھڙو ڪياماڙيءَ جي ڪپ وٽ. جتان ٻيڙيون ۽ لانچون منھوڙي، ھاڪس بي، سئنڊس پٽ، بابا ڀٽ آئلنڊ ۽ جھازن جي ائنڪريج ڏي ويندڙيون آھن. ڪجھہ ان طرح بليڪ پيئر آھي، جتان ٻيڙيون جھازن جي ائنڪريج تي بيٺل مختلف جھازن، گرين آئلنڊ، چنگ بي، پڪنڪ بي، لنتو بيٽ ۽ مختلف ھنڌن تي وڃن ٿيون. فرق فقط اھو آھي تہ ”ڪياماڙي“ کان ”بليڪ پيئر“ ماڊرن، ڪشادي ۽ صاف سٿري آھي. چوڏاري ويھڻ لاءِ پٿر جون بينچون ۽ ڪنڊ تي ھڪ جنرل اسٽور پڻ آھي، جنھن ۾ سگريٽ، چاڪليٽ، ڪٽمنڙن، بسڪيٽن سان گڏ ٿڌي بيئر ۽ ڪوڪا ڪولا جا دٻا، ٽائيم ۽ پلي بواءِ رسالي کان ڪاچا، ڦُلا، ٽيبل ٽينس جا بال، آئيسڪريم، بيٽري سيلن تائين ڪيتريون ئي شيون ملن.

ھانگ ڪانگ ۾ ھر وقت ۽ ھڪ ئي وقت گھڻ ۾ گھڻ ٿيھہ چاليھہ کن جھاز بنا دڪي (*Jetty*) جي سمنڊ ۾ بيٺل ٿين. (بندرگاھہ جي ڪپ تي خالي جڳھہ نہ ھئڻ ڪري يا پئسو بچائڻ لاءِ جھاز کي جيٽيءَ سان لڳائي بيھارڻ بدران جھاز جا مالڪ جھاز کي سمنڊ ۾ بيھارڻ کي ترجيح ڏين ٿا جو دڪي سان جھاز کي



ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

لڳائي ٻيهڻ جي روزانا مسواڙ هزارين روپيا ٿئي ٿي) ۽ بنا دڪي جي سمنڊ ۾ ائنڪريج يا (*Buoy*) تي بيٺل جهاز پنهنجي لاءِ لانچ جو بندوبست ڪري ڇڏيندا آهن. جا سستي پوي ٿي ۽ في ڦيري جا پنجويهه روپيا ڪن بل ٿئي - بلڪ يڪي هفتي ٻن لاءِ لانچ ڪي مسواڙ تي رکڻ سان ان ڪان بہ گهٽ خرچ اچي ٿو. اهڙي طرح سمنڊ ۾ بيٺل جهازن جو عملو انهن لانچن ذريعي هانگ ڪانگ شهر ۾ اچڻ لاءِ هن بليڪ پيئر تي اچي لهندو آهي يا جهاز تي واپس وڃڻ لاءِ پنهنجي ٻيڙيءَ جو انتظار پڻ هتي اچي ڪندو آهي. ان ڪري بليڪ پيئر جيٽيءَ تي ڀانت ڀانت جا، مختلف ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو نظر ايندا. ڪٿي ڪينيا (آفريڪا) جي شيدين جو ٽولو سگريٽ پي رهيو هوندو تہ ڪنهن ڪنڊ ۾ آمريڪن نشي ۾ چُور منگهو پير جي مست واڳن وانگر نظر ايندا. ڪنهن بينچ تي بيلجم ۽ جرمنيءَ جا خلاصي بيئر جا دٻا بہ خالي ڪري رهيا هوندا تہ پنهنجن ڊيڪ آفيسرن ۽ انجنيئرن ڪي گارين بہ ڏئي رهيا هوندا، جيسين ڪو ڊيڪ آفيسر ۽ انجنيئر اچي مٿان ڪڙڪي. ڪٿي ناروي ۽ سئيڊن جا سيلر سنڌن جهازن تي ڪم ڪندڙ چوڪرين (*Stewardesses*) ڪي تنگ پيا ڪندا، تہ ٻئي پاسي ايشيا جي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

غريب ملڪن ۾ پاڪستان بنگلاديش، هندستان ۾ سلون جا خلاصي لانچ اچڻ جو انتظار جو وقت گذارڻ لاءِ پنهنجي ڪيل خريداري هڪ ٻئي کي پيا ڏيکاريندا. ڪو پنهنجي زال لاءِ ورتل سلڪ جي ساڙهي کولي پيو ڏيکاريندو ۽ بحث پيو ڪندو: ”ايترو ڪپڙو ورتو اٿم جو بلائوز به ان مان ٿي ويندو.“ ڪو پنهنجي پُٽ لاءِ ورتل بيٽري تي هلندڙ بندوق مان ٺڪاءَ ڪڍي پيو ڏيکاريندو ته ڪو بينچ جي ڪنڌ تي ويهي ورتل رانديڪي کي چاٻي ڏيئي پاٽمُرادو چيڪ پيو ڪندو ته واقعي چاٻي ڏيڻ سان باندر تاڙيون وڄائي ٿو يا نه. ڪو پنهنجي ٽيپ رڪارڊر ۾ ڪئسٽ وجهي وڄائيندو ۽ پر ۾ بيٺل پيو بنگالي ٽوڪيندس: ”ڏر شالا اڙڏو شونين؟!“ ۽ اگلو يڪدم *Eject* جو بٽڻ دٻائي پهريون ڪئسٽ ڪڍي پيو بنگاليءَ جو وجهندو ۽ اوسي پاسي پاڪستاني خلاصين کي بيٺل ڏسي، انهن کي ساڙڻ لاءِ ٽيپ رڪارڊر جو آواز مٿي ڪندو ۽ بليڪ پيئر جي ٻي ڪنڌ تائين بنگالي گاني جو آواز پيو پُرندو: ”دُتي چَڪي لاجڪ لاجڪ، سهاڳ ڪاجل پوري چي. نين نين، بڪل بڪل ......“ پر پر ۾ بيٺل اسان جا مڪراني، ڪڇي ۽ سنڌي ڪيڏا نه لاتعلق، الڳ ٿلڳ ۽ غير جانبدار آهن. ”سچُ پڇُ ته جٿُ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٽيڻ ٻه.“ بقول ماڻڪ جي، ”هڪ نعمت پري نجات آهي. ڏاهپ جي ڏنگن کان ته ماڻهو ڇُٽل رهي ٿو.“ اسان جي سنڌي، ڪڇي ۽ مڪراني خلاصين جي صحت تي ڪهڙو اثر پوي؟ مشرقي بنگال ”ايسٽ پاڪستان“ هو ته چا ۽ هاڻ گذريل ٻن سالن کان اهو ”بنگلاديش“ ٿي ويو آهي ته چا ٿيو.

جهاز تان ايندي وقت ٻيڙيءَ جي اچڻ ۾ اجا پنج ڏهه منٽ پيا هوندا ته سڀ تيار ٿي گئنگ وي (جهاز جي ڏاڪڻ) وٽ آنڊ مانڊ ۾ چڪر پيا هڻندا. يونيفارم لهڻ تي سڃاڻپ نه رهندي آهي ته ڪهڙو بٽلر، ڪهڙو بورچي، ڪهڙو ڪئپٽن، ڪهڙو ڪئارٽر ماسٽر آهي، ڪو پلي بواءِ پيو لڳندو ته ڪو ڪائو بواءِ (*Cow Boy*)، ڪو ٿاءِ ڪوٽ ۾ ته ڪو ٻٽڻ واري قميص ۽ ايليفنٽ باٽمڊ پتلون ۾ سرڪس جو مسخرو پيو لڳندو.

سيارو هوندو ته رنگ برنگي ڪئين نموني جا سوئيٽر، ڪوٽ، جرسيون، ڪارڊيگن، چيسٽر، جئڪيٽون نظر اينديون ۽ اونهاري ۾ وري ڪيترن قصيمن جون قميصون، رنگن کان علاوه هر هڪ کي پنهنجي پسند جو عطر، ڪريم، لوشن سينٽ، ويزلين، هيئر آئل ۽ ڊيوڊورنٽ لڳل هوندو ۽ جهاز جي گئنگ وي وٽ ان مهل هڪ ئي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وقت ماحول شنيل، ايوان، پرٽ، توباڪ، ارامس، ياربلي، مئڪس فئڪٽر، انٽيميٽ ۾ ايمر - جي فائيو جي مليل جُليل هُٻڪاءَ ۾ رنگين هوندو. هر هڪ کي شهر وچڻ جي جلدي هوندي، ڪنهنجي ڊيٽ (ساهيڙِي) بليڪ پيئر تي سندس انتظار ۾ به اڌ تي ٿئي ته ڪنهن جي پندرهن منٽ دير ڪري شايد ياشيڪا ڪئميرائن جي فئڪٽري ئي بند نه ٿي وڃي ۾ هو متان ڪئميرا خريد ڪرڻ کان محروم رهجي وڃي. ڪنهن کي مغرب جي نماز ڪولون يا هانگ ڪانگ جي مسجد ۾ باجماعت سان پڙهڻي آهي، سا تي قضا ٿئي، ته ڪنهن جي ايڪسريٽيڊ (فقط بالغن لاءِ) انگريزي فلم مس ٿي ٿئي. ان آنڌ مانڌ جو نمونو هر جهاز جي عرشي تي ڪجهه اهڙو هوندو آهي جهڙو يونيورسٽي، انجنيئرنگ ، ايل ايم سي ۾ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جي شاگردن ۾ شهر ويندڙ بس لاءِ هوندو آهي ۾ مزي جي ڳالهه ته جهڙي طرح اهي حيدرآباد ايندا آهن ته چوندا آهن، يا هڪ ٻئي کان پُڇندا آهن ته. ”شهر“ هلبو يا هلو ته ”شهر“ مان ٿي اچون، اهڙيءَ طرح جهاز جو عملو به هڪ ٻئي کي ائين چوندو آهي.

پوءِ چاهي جهاز ڪناري کان پنجن منٽن جي فاصلي تي بيٺو هُجي، يا ڪناري تي لهي پوءِ پلي جهنگ گهُمي اچن يا سمنڊ جي ڪناري



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تي وهنجي اچن، تہ بہ چوندا تہ ”شهر“ مان ٿي آياسين. اهو اصطلاح نہ فقط اسان وٽ استعمال ٿئي ٿو پر آمريڪا جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڻ عام طرح شاگرد استعمال ڪن. پر اتي ”شهر“ بدران *Down_Town* چون.

بليڪ پيئر جي مٿان ڪُڏ تي، ڪلئي آسمان هيٺان، ٿوري ٿوري فاصلي تي بن قطارن ۾ پٿرن جون ڏگهيون بينچون پيل آهن، جن جا منهن آمهون سامهون هجڻ بدران مختلف پاسي آهن. جيئن ان تي وهندڙ جي پٺ هڪٻئي ڏي ٿئي. هتان هانگ ڪانگ بيٽ ۽ ڪولون جو ڪنارو چٽيءَ طرح ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ رات جو پري پري ڪيترن شين جي مشهوريءَ جون پرندڙ نيان رنگين بتيون چٽيون نظر اچن. مرسڊيز بينز ڪئنن، ٽويوٽا، آسائي پينٽڪس، سٽيزن، نئشنل، ڪالٽيڪس، راڊو وغيره جون بتيون سڄي رات چمڪنديون رهن ٿيون.

بليڪ پيئر تي هيٺ گوڙ گهمسان، اچ وڃُ ۽ آند مانڊ جي زندگي هوندي آهي تہ مٿي خاموشي، سانت، رومانٽڪ ماحول ۾ پيار جي دنيا پنهان هوندي آهي. هينيان ڏاڪڻ چڙهي مٿي اچڻ تي جڻ ڪراچي جي گوڙ گهمسان مان ميرپور بٺوري جي ماٿ ۾ پهچي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وياٿو. هانگ ڪانگ ۾ ان جهڙيون رومانٽڪ ۽ سُڪون واريون الڳ ٿلڳ جڳهيون تمام گهٽيون آهن. جتي نوجوان جوڙا پيار ونديندي ۽ مستقبل جا منصوبا ٺاهيندي، فرار وادي (*Escapism*) جي دنيا ۾ مگن نظر ايندا.

ڏينهن جو ته اس ۾ تپش هوندي آهي ۽ هرڪو آفيس، ڪاليجن ۽ ڌنڌي ۾ رڌل هوندو آهي. ٿوري شام ٿيندي ته ٿڌڪار ۽ جهونجهڙڪو ڇانئبو ويندو ۽ نوجوان جوڙا هٿ هٿ ۾ ڏيئي يا ٻانهن جا نانگ هڪ ٻئي جي چيلهه ۾ ورائيندي مٿي چڙهندا ۽ بين جوڙن کان ڇڳا ڇڳا ٿي انهن بينچن تي ويهي پنهنجي دنيا ۾ مگن ۽ مست ٿي ويندا آهن. پلي پيو ڪو جوڙو ويجهو به ويٺو هجي ۽ ڇا به پيو ڪري، ته به ٻيو واري جوڙي کي ڪا پرواهه يا سروڪار نه رهندو آهي. هر هڪ جي اڳيان مانيءَ جو پريل دسترخوان هجي ته هو ٻئي جي کائڻ جي طريقي يا ڀڳيي ۾ چو سڪٽي نظر وجهي.

ڪنهن ڪنهن بينچ تي شام ٽاڻي، ڪا محترمه يا آدم جو *Representative* اڪيلو به ويٺل ڏسڻ ۾ ايندو جو پيار جي پيڙيءَ ۾ سوار ٿيڻ لاءِ پنهنجي پيچيءَ جو منتظر هوندو ۽ اخبار يا ڪنهن ڪتاب جا ورق ورائيندو رهندو. جيئن پيا سمجهن ته هو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پڙهڻ ۾ مشغول آهي. جيئن ئي ڏاڪٽر تي ڪنهن جي پيرن جو آواز ٿيندو تہ انتظار ۾ چڙا ويٺل سڀُ اخبارن تان نظرون ڪٽي سامهون نهاريندا تہ اجهو سندس سنگتي يا سهيلي تہ نہ اچي وئي.

### ويٺي ڏسان راهہ، تہ اجهي آيا سُپرين.

پوءِ جنهن چيني ڇوڪريءَ جو بواءِ فرينڊ (محبوب) هوندو ان جا خوشيءَ ۾ پيلا ڏند ٻاهر نڪري ايندا. ڇوڇيون اڪيون وڏيڪ ڇوڇيون ٿي ويندريون ۽ ٻير جي ڪکر وانگر هڪ ٻئي سان چهٽي ويندا آهن ۽ انهن لاءِ تہ واقعي ڳاڙهن ٻيرن جي رُت اچي ويندي آهي. باقي ٻيا ڏاڪٽر جي طرف ڪان پنهنجيون نماڻيون ۽ منتظر اکيون ڦيرائي وري پنهنجي اخبار ڏي اهڙي بيزاري ۽ ٿڪاوٽ سان ڪندا، ڄڻُ هو اکين جا تارا نہ پر ڪو ڳرو پلنگ يا ميز سوري رهيا هجن.

شام ۾ اونداهي ايندي ويندي آهي. ٽيمون مڪمل ٿينديون وينديون آهن، جن جو جوڙيوال ساٿي نہ ايندو آهي اهو غمگين شڪل ٺاهي اٿندو آهي. ٻُڏندڙ سج وانگر سندس منهن جي جوت



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جَهڪي هوندي آهي. هڪ ميل ڊوڙ ۾ هارائيندڙ رانديگر وانگر ڍرڪيل ۽ ليڙين ٽنگن سان هو ننڍا ننڍا قدم کڻي، ٻين جوڙن ڏي حسرت ڀري نگاهن سان ڏسي واپس هليو ويندو آهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# اهڙي مرد ڪي مرد چوڻ مرد جي بيعزتي آهي!

## جان جا چور، مال جا چور ۽ ايمان جا چور!

هڪ رات منهنجو دوست انجنيئر زيدي ۽ آءٌ، ڪولون ڪان پري وارا ڳوٺ گهمڻ لاءِ ريل گاڏيءَ ۾ هليا وياسين ۽ گهمندي گهمندي وڃي چين جي سرحد ويجهو نڪتاسين. واپسيءَ تي گاڏيءَ بدران لائيٽ بس ذريعي ڪولون آياسين. (لائيٽ بسون ننڍڙيون بسون ٿين، جي هانگ ڪانگ ۽ ڪولون ۾ عام جام هلن. منجهن ڏهه ڪن ماڻهو ويهن، ٽڪيٽ وڏي بس کان ٿوري گهٽي ٿئي، پر ان کان وڌيڪ آرامده ۽ تيز رفتار آهن). واپسيءَ تي ڪولون مان فيريءَ ۾ چڙهي هانگ ڪانگ پاسي استار فيرس اسٽيشن تي پهتاسين ۽ قدم تڪا تڪا کڻندا "بليڪ پيئر" ڏي، رات جو ٻارهين وڳي جهاز ڏي ويندڙ لانچ لاءِ اچڻ لڳاسين. پهتاسين ته خبر پيئي ته ڪجهه منٽ اڳ لانچ جهاز لاءِ ڇُٽي وئي ۽ هاڻ ٻي لانچ رات جو ٽين وڳي ملندي. اهو ٻڌي ڏاڍو بور ٿياسين. سجو ڏينهن هلڻ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪري ٿڪُ اهڙو هو جو ننڊ پئي آئي ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو اٿڻو به هو جو جهاز کي هڪ *Buoy* تان هٽائي ٻي ويجهي وٽ آڻڻو هو. ٽين وڳي واري پيڙيءَ ۾ ڪنهن به صورت ۾ پهچڻو هو جو ان ڪان پوءِ ٻي وري ڇهين وڳي وڃڻي هُئي. نيٺ فيصلو ڪيوسين ته ڪنهن هوٽل ۾ هلي رهڻ بدران هتي بليڪ پيئر جي ڪُڏ تي ٽي ڪلاڪ پيڙيءَ جو انتظار ڪرڻ ڪپي.

منهنجي نيت هُئي ته ٿَڪُ ڀڃڻ لاءِ مٿي بينچ تي ڊگهو ٿي سمهي رهندس. اسان ٻئي دوست مٿي آياسين. ڪافي جوڙا ويجي چُڪا هُئا. هڪ ٻه ڪنهن ڪنڊ واري بينچ تي اجان ويٺل هئا ـ هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي چپ چپن سان ملائي، زمان ۽ مڪان کان شايد ڏُور ڪنهن نرالي دنيا ۾.

زيديءَ چيو ”لڳي ته سخت عجيب ٿو ته ڀاڻ ٻئي نرَ پيا هلون. هتي ته سڀُ جوڙا وينا آهن ۽ هتي فقط عاشقن کي اچڻ جي اجازت آهي.“

”لالا پوءِ ڇا آهي. ڀاڻ به ته ڪنهن زماني ۾ ڪنهن نه ڪنهن سان عشق ڪيو.....“

”۽ هاڻ ٻين جو ڪم ڦٽائڻ پهتا آهيون. ائين نه؟“ زيديءَ اڌ ۾



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

منهنجو جملو ڪپيندي چيو.

”تہ پوءِ پلا ڪٿي وڃي بہ چيني چوڪريون مسواڙ تي وٺي اچُ.

بازار اجان بند ڪانہ ٿي آهي.“

زيديءَ جواب ڏيڻ بدران مون ڪي گھُوري ڏٺو ۽ شايد ڪجھ چوڻ تي هو پر ان کان اڳ مون چيومانس:

”ها، ها. ان ۾ تعجب جي ڪهڙي ڳالھ آهي. زمانو ترقي ڪري ويو آهي اڄُڪلھ. غالب جي زماني ۾ ئي بازار ۾ دليون، جگر، گردا ۽ آنڊا ملندا هُئا، تڏهن تہ هن هڪ شعر ۾ چيو آهي تہ:

لي آئين گي بازار سي جاڪر دل و جان اور.“

اسان ٻئي هڪ بينچ تي سامان رکي ويٺاسين. پر زيدي اجان خاموش هو. ڪيس چيم تہ، ”لانچ اچڻ ۾ اجان بہ ٽي ڪلاڪ آهن تيسين تون هن بينچ تي پٺي سنئين ڪر ۽ آءُ پر واري بينچ تي ٿو وڃي ڪِران.“

”نہ يارا مون کي هن پٿر جي بينچ تي هرگز ننڊ نہ ايندي.“ زيديءَ چيو. ”آءُ جاڳندو ئي رهان ٿو.“

”تہ لالا ڀيو چا ڪيپي. هي منهنجو سامان بہ پاڻ وٽ سوگھو ڪر ۽ ٻيڙِي اچڻ جو انتظار ڪر تہ آءُ تيسين:



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تيري زانو پہ سر رکھ کي ابھي سوتا ھون،
انقلاب آئي تو مجھ کو جگانا ساقي.“

”يار ننڊ تہ نہ ڪر. اڪيلو آءٌ بور ٿيندُس.“ زيدي، جو ڪچهريءَ جو ڪوڏيو آهي تنهن پيڙي اچڻ تائين خبرون چارون ڪرڻ تي چاهيون. پر آءٌ جوتا لاهي پٿر جي بينچ تي ڊگهو ٿي سمهي پيس. زيديءَ مون کي سمهندو ڏسي هڪ دفعو وري دل شڪستو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي:

”چا تي ڪلاڪ ان پٿر جي بئنچ تي سمهي سگهندين؟“

”پنهنجي ملڪ ۾ خبر ناهي ڪيترا اهڙا انسان آهن جي سڄي زندگي پٿر جي فٽ پاٿ تي گذاريو ڇڏين. آءٌ جي ٽن ڪلاڪن لاءِ پٿر جي بينچ تي سُتس تہ ڪهڙي وڏي ڳالھ ٿي پئي. پوءِ بہ هيءَ پٿر جي بينچ لاڙڪاڻا ايڪسپريس ۾ بدين پئسينجر جي سيٽن کان وڌيڪ آرامده آهي.“

زيديءَ کي پڪ ٿي وئي تہ چا بہ ٿي پوي پر مون کي سمهڻو آهي. سو پاڻ ڪجھ دير تہ پر ۾ پيل اخبار کي اٿلائيندو پٿلائيندو رهيو ان بعد ڳائڻ لڳو.

هڪ گاني جو ٿلھ ٿي ڪنيائين تہ مصرع ڪنهن بئي جي ۾



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ختم وڃي ڪنهن ٽين گاني تي ٽي ڪيائين. مون کي خبر ناهي ڪنهن وقت ننڊ اچي وئي.

ٿوري دير بہ ڪا مس ٿي، ڪو ڪلاڪ ڏيڍُ مس سُتو هوندس، ڪنهن جي ڳالهائڻ تي اک کُلي، بلڪ زيديءَ ئي پير کي لوڏي مون کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪو پوڙهو چيني ساڻس ڳالهائي رهيو هو. پهرين مون سمجهيو تہ شايد هتي جو ڪو چوڪيدار آهي ۽ اسان کي هتي ويهڻ کان منع پيو ڪري. ٽپ ڏئي اٿي ويٺس.

”برادر! هيءَ فلم چڱي ڀڄيءَ ۾ پئجي وئي آهي.“ زيديءَ چيو. سامهون بن بينچن تي ڏٺم تہ ان تي جوڙن بدران ڪٽي ڪٽي مرد وينا هُئا. زيدي کان پُڇيم تہ ڳالھ ڇا آهي. پر هو ڪلندو رهيو. مون پهرين چينيءَ ڏي گهُور ڪري ڏٺو تہ هو هراسجي ويو پر پوءِ اسان کي ڪلندو ڏسي، هو بہ رنن وانگر مسڪرائڻ لڳو. عمر پنجاھ سالن جي لڳ ڀڳ ٿينديس. پوشاڪ ۽ شڪل مان امير ٿي لڳو. جيتوڻيڪ پوشاڪ زالن سان گهٽو ملندڙ ريشمي نموني جي هئس.

زيديءَ وٽان اٿي منهنجي پر ۾ اچي ويٺو.

”ڇا هي، جاڙا خان؟“ انهن ڏينهن ۾ رڪايل وڏين مُڇن کي وٽ ڏيندي مون سنڌيءَ ۾ ئي پڇيومانس،”توکي بہ اسان وانگر گهرُ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪونهي چا يا پيڙي چُٽي وئي اٿئي؟“

زيدي ڪلندو رهيو. چيني همراهه اشارو ڪرڻ لڳو ته ڪيس ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿو اچي. اسان به چرچن جي موڊ ۾ هئاسين ۽ اها پڪ هئي ته وڏ ۾ وڏ جي جهيڙو ٿيو ته اسان مان هڪ ئي هن ليڙي ۽ نبل جسم چينيءَ لاءِ ڪافي آهي. سو انگريزيءَ ۾ پڇيومانس: ”گرل فرينڊ ڪانه اٿئي چا، پوڙها، جو هتي چڙو اچي نڪتو آهين.“

”نه توهان به ته ائين آهيو.“

”اسان جي ته ڳالهه ئي ڇڏ. پرديسي ڏورانهين ڏيهه جا آهيون. تون به ڪنهن ٻي ولائت جو آهين چا؟“

”نه، هتي جو.“ هن چيو. مون وقت ڏٺو سوا ٻه ٿي رهيا هُئا. ڏيهه ۾ ائين دربدر ڪنهن ڪي مون ڪونه ڏٺو آهي، هي آهي ڪهڙي فلم آخر.

”وائيف ڪٿي اٿئي؟“ وقت گذارڻ ۽ ان سان گڏُ پنهنجو تجسس ختم ڪرڻ لاءِ ته هي آخر آهي ڪير اسان ڪائنس سوال پُڇندا وياسين. ۽ هو ڪاوڙجڻ بدران ، عجيب نگاهن سان اسان ڏي نهاري، وڏيڪ ويجهو سُري چوڻ لڳو. ”گهر آهي.“

”اولاد چا اٿئي؟“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”تي ڏيئرون ۽ ٻه پٽ.“

”ته اهي سڀ گهر وينا آهن ۽ تون اڪيلو هتي آڏيءَ رات جو چا پيو ڪرين؟“”هوا کائڻ آيو آهيان.“ هن چوڏاري نهاري چيو پوءِ اسان کي مٿي کان پيرن تائين گهُورڻ لڳو. اسان کان کل نڪري وئي ته سچو ڪولون چڏي, هن پاسي اچي نڪتو آهي هوا کائڻ ـ اها هوا ڪهڙي آهي.

”پوڙها گهر وجي سُکيو تي.“ زيديءَ چيس ۽ هو وري زالن وانگر عجيب نخرا ڪري اسان سان لڳي وينو ۽ ورائڻ لڳو ”توهان مان ڪو مونسان هلندو.“

ان دوران آءٌ به چڪر سمجهي ويس ۽ زيديءَ به مون کي اک پٽي ته همراهه ڪنهن ڏتي مُتي جي تاڙ ۾ آهي.

”اڙي تون Gay ته نه آهين.“ اسان پڇيس.

جواب ڏيڻ بدران هو وري رنُن وانگر شرمائڻ لڳو.

زيديءَ کيس اٿڻ جو اشارو ڪندي چيو. ”اٿُ هتان. ڪو پيو ماتليءَ جو شيدي تاڙ. اسان ته پيڙيءَ جي چڪر ۾ هتي وينل آهيون.“ ۽ پوءِ مون ڏي منهن ڪري چوڻ لڳو. ”ڏنئہ برادر هتي ويهڻ ئي غلط هو.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چيني چُپ چاپ اسان وٽان اٿي، اڳتي ٻي بينچ ڏي هليو ويو. جتي گنجي ۽ خاڪي پتلون ۾ ڪو ڏٺو مٺو ويٺو هو ۽ سگريٽ جا سوٽا هڻي رهيو هو. هو ان سان ڳالهائڻ ۾ لڳي ويو ۽ ڪيسي مان پئسا ڪڍي ان کي ڏيڻ لڳو. زيديءَ چيو ته، ”برادرا! هيءَ جڳهه به ٽوڪيو (جپان) جي *Aoyama 3 – Chome* واري سنڌڪ بار وانگر آهي.“

ٽوڪيو (جپان) ۾ هڪ رات اسان جهاز جا ڪجهه دوست مٺئين هوٽل ۾ سيءَ کان بچڻ لاءِ گرم ڪافي ۽ براندي پيئڻ لاءِ گهڙياسين. ڇوڪرين جهڙا ڇوڪرا بئرا زنانن ڪپڙن ۾، دريا خان مان دريا خاتون ٿيل، هر آيل گراهڪ جي ٽيبل تي ويهي ڇوڪرين وانگر نخرا ڪرڻ لڳا ـ جيئن اسان جي ملڪ ۾ کدڙا زنانا ڪپڙا پائي، ڳائيندي ۽ هلندي چلندي نظر ايندا آهن. سندن چال ۾ عورتن کان وڌيڪ نخرو هوندو آهي. ان هوٽل ۾ ميوزڪ هلي رهي هُئي. ماحول ۾ دونهين، ڪافي ۽ شراب جي ڌپ مليل جُليل هُئي. ڏِگهن وارن وارا مرد ۽ ڪجهه آمريڪن خلاصي، جپاني ڇوڪرين سان نچي رهيا هُئا ۽ سڀ کان وڌيڪ تعجب خيز مٺئين قسم جي، ڇوڪرين جو هو (جي پاڻ کي ڇوڪريون سڏائيندي فخر محسوس



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪري رهيا هئا - يا ڪٽي ائين چئجي تہ ڪري رهيون هيون) اهي آيل مهمانن جي خدمت ڪري رهيون هيون. جپانيءَ ۾ ”نيسان“ خدمتگار ڇوڪريءَ کي چئبو آهي. پر اسان کي تازو معلوم ٿيو هو تہ جپان ۾ اهڙين هوٽلن ۾ ڪدڙا (*Blue Boys*) بہ پاڻ کي نيسان سڏائين ٿا. جي نہ فقط عورتن جهڙا ڪپڙا پائين پر ”دريا خان“ مان ”دريا خاتون“ ٿيڻ لاءِ جنس جي آپريشن بہ ڪرائي ڇڏين. اها آپريشن اڄ ڪلهہ پئرس (فرانس) ۾ عام جام پنجاهہ سٺ هزار روپين ۾ ٿئي. اسان ائين ئي رونشو ڏسڻ ۾ پڪ ڪرڻ لاءِ گلاس رکندڙ ڇوڪريءَ ”سايوري“ کي چيوسين ”هيلو نيسان؟“

”بان زوئر (*Bonjour*).“ هن مسڪرائي فرينچ زبان ۾ ڪيڪاريو شايد اسان کي فرينچ سمجهيو هو يا خود فرينچ هُئي.

”ڇا تون فرينچ آهين؟“ اسان پڇيوسين.

”هائو توهان صحيح آهيو. اسان سيني (ٻين پاڻ جهڙين جپاني ڇوڪرين ڏي اشارو ڪري). پئرس ۾ ٻيو جنم ورتو آهي. هونءَ اصل جپاني آهيون.“ هن وري فرينچ ۾ اسان کي سمجهايو ۽ هاڻ هوءَ وچڻ واري هئي تہ پر واري ٽيبل تي هڪ جپاني وينل ڪيس ڪجهہ جپاني زبان ۾ چيو ۽ هن (سايوريءَ) اسان جي ئي ٽيبل تان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خالي ڪوپ ڪٽي ان همراهہ کي هنيو ۽ گوڙ مچي ويو. اسان سوچڻ لڳاسين تہ هن جو دماغ تہ نہ خراب ٿيو آهي.

”دماغ ڇو نہ سايوريءَ جو خراب ٿيندو. هن جپاني مرد سايوريءَ کي ”مرد“ سڏيو. اها هنن ڪدڙن جي بي عزتي آهي.“ اسان جي ڀئي پاسي واري ٽيبل تي ويٺل آمريڪن عورت (اصلي ۽ نجُ) اسان کي ٻُڌايو.

اها هڪ نرالي دنيا آهي. جتي خونريزي تي سگهي ٿي جيڪڏهن ڪو مرد، ”مرد“ کي مرد سڏي، منهنجا پيارا! سامهون ٿاور ۾ گهڙيال ٻن جا ٺڪاءَ هنيا. ۽ زيديءَ کي چيم تہ، ”اجان ڪلاڪ آهي، هلو تہ سامهون هانگ ڪانگ هلٽن هوٽل تائين واڪ ڪري موٽي اچون. ڪافي ٽائيم گُذري ويندو.“ اسان ڀئي هيٺ لٿاسين. سامهون خاڪي پتلون ۽ گنجي وارو همراهہ قميص پائي، هڪ وڏي ڪار جي پوئين سيٽ تي ان پوڙهي چينيءَ سان گڏُ وڃي ويٺو ۽ پوڙهي چينيءَ عورتن وارا نخرا قائم رکندي پنهنجو جسم ڪٽي هن جي هنج ۾ ڇڏيو ۽ امير چينيءَ جو ڊرائيور ”ڪناٽ روڊ“ تان موٽر ڦيرائي پيڊر اسٽريٽ ڏي وٺي ويو.

اسان ستي هال وٽان ڦرندا،ڪناٽ روڊ ٽپي، مندران هوٽل جي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اڳيان پبلڪ پارڪ جي وچ مان لنگهندا هانگ ڪانگ هلٽن هوٽل ڏي لڙياسين. ته رستي ۾ ڊيوُنيا جي ٻوڙن ٻنيان ڪو ويٺل چيني همراهه ٽپُ ڏيئي اڳيان اچي بيهي رهيو. پول لئمپ جي فقط ڊم لائيٽ هُئي. اسان دل ۾ چيو هي ويٺ ڪانگ جو گوريلو هتي ڪٿان آيو. ان بندري قد جي چينيءَ پهرين ته مسڪرايو پوءِ التجا وارين نظرن سان ڏسي چوڻ لڳو "چَو - ڪِري" پهرين ته اسان سمجهيو شايد چيني زبان ۾ پيو ڳالهائي. سو دڙڪو ڏئي چيوسينس:

"واٽ چَو-ڪِري؟"

"سر چو - ڪري! گرل! بيوٽيفل چائنيز گرل، جپنيز گرل، فلپينو گرل......"

اتان ٺورو اڳتي هلياسين ته هلٽن هوٽل جي بلڪل ڪنڊ وٽ وري ٻيو هڪ گوريلو نڪتو، جنهن به ساڳي وکر جو سودو ٽي ڪيو. هوٽل ۾ ساڳي جان هُئي جا شام جو هوندي آهي. ٽيبل ٻريل، ماڻهن جي هلچل، گوڙ شور ڪولاهل، ميوزڪ، دونهون. هڪ ڪنڊ ۾ ٿوري دير ويهي، ملڪ شيڪ جا به وڏا گلاس پي، ٻاهر نڪتاسين ۽ بليڪ پيئر ڏي رُخ رکيوسين. رستي تي ساڳيا ويٺ ڪانگ گوريلا وري نه



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مليا. ڪناٽ روڊ تي پهتاسين تہ پوڻا ٽي ٿيا هُئا. رستو ٽپي ٻئي پاسي پهتاسين تہ وري هڪ چيني مليو:

”سر يو وانٽ ٽئڪسي؟“

”نہ بابا، ٽئڪسي جي ڪهڙي ضرورت آهي، اها سامهون بليڪ پيئر آهي.“

”آءِ مين ٽئڪسي گرل (*I mean Taxi Girl*).“ هو اسان کي سمجهائڻ لڳو ۽ بليڪ پيئر تائين ڪيڏي لڳو آيو جيئن ڪنهن نئشنل اسيمبلي يا صوبائي اسيمبلي جي چوندڊ لاءِ ڪنهن ميمبر جي ڪنواسنگ ڪبي آهي، يا ڪو ميڊيڪل ريپريزنٽو (*Medical Representive*) ڪنهن دوا جو نمونو ڊاڪٽر کي ڏيکاري، ان جا گڻ ٻڌائيندو آهي. هو پنهنجي مال جي تعريف تيسين ڪندو آيو جيسين اسان جيٽيءَ تان ٽپ ڏئي اچي پنهنجي ٻيڙيءَ منجهہ ويهاسين. ٻيڙيءَ ۾ جهاز جو واڊو (چيپي)اڳهين ڦلهڙو پوٽ ٺاهيو ويٺو هو.

”اڙي نياڳا، توکي ڇا ٿيو آهي ۽ هنن افعالن ۾؟“ اسان پڇيس.

”سائين، وان چائي مان اڪيلو پئي آيس تہ ڪي غنڊا مون کان سڀُ پئسا ڦُري ويا ۽ مار بہ ڏني اٿن.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سو منهنجا پڙهندڙؤ هانگ ڪانگ ۾ آڌيءَ رات ڪان پوءِ اڪيلا نڪرندي گُريز ڪجو نہ تہ هن روشنين جي شهر ۾ توهان کي ڪيترائي چور ملندا ـ جان جا چور، مال جا چور ۽ ايمان جا چور.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# تصويرون



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com




# هانگ ڪانگ جو شهر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com




هانگ ڪانگ جي هڪ گهٽيءَ ۾ ويٺل ڪيلي وارو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ



رهائش واريون پيڙيون، جن ۾ پيڙين وارا فيملين سان رهن.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com



## هانگ ڪانگ جي مشهور جنڪ پيڙي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com




# اسٽار فيري ڪمپنيءَ جي هڪ فيري سولار اسٽار


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com



# ڪولون مسجد ۽ اسلامڪ سينٽر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com




نانگن جو دڪان جتان ماڻهو رڌي کائڻ لاءِ جيئرا
نانگ وٺي وڃن ٿا، يا دڪاندار ڇوڪري انهن کي
ڪٽي، ڇلي، ڳترا ڳترا ڪري ڏئي ٿي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com



چينين جي شادي، گهوٽ ڪنوار کي ڪڍيو پيو وڃي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# دادوءَ ڪان ميهڙ ويندڙ ڪنارو بس ۾ سڪ

## ڳوٺ ڪان ٻاهر جهڙي موڳي رڍَ!

هتي هانگ ڪانگ ۾ جيئن ته ٻارهو ئي سياحن جا انبوهه اچن ٿا سو انهن جي رهائش لاءِ هوٽلن جو تعداد به تمام گهڻو آهي ۽ گهڻو ڪري سڀُ وڏيون ۽ اعليٰ درجي جون آهن، جن جي روزانا رهائش جي مسواڙ پنجاهه روپين کان به سؤ روپين تائين آهي. (هانگ ڪانگ حايات هوٽل جي سنگل ڪمري جي مسواڙ 221 روپيا آهي ۽ ڊبل جي به سؤ پنجهتر روپيا. پيننشولا، ميرامار جي به ذري گهٽ ساڳي آهي. ان بعد ٻئي نمبر تي ميرلين، هئنڪو روڊ تي ايمپريس ۽ پارڪ، چاٿام روڊ تي، گرانڊ، ڪارنارون روڊ تي هانگ ڪانگ، ڪئنٽن روڊ تي ۽ پئلس، ڪئمران روڊ تي اچي ٿيون وڃن. جن جي سنگل ڪمري جي مسواڙ ڏيڍ سؤ روپيا ڪنءِ ڊبل به سؤ روپيا آهي. ان بعد فارچونا فيوجي، انٽرنيشنل ۽ رايل هوٽلون ڪجهه سستيون آهن.) بهرحال هانگ ڪانگ جون سڀُ هوٽلون شهر جي سنن هنڌن تي آهن ۽ مسافرن جي آرام جو خيال چڱيءَ طرح رکيو وڃي ٿو. هر ڪمرو ايئرڪنڊيشنڊ ۽ ٽيليفون، ٽي - وي،



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ريفريجريٽر، غاليچي ۽ بهترين لاڳو باٿ روم سان ڳنڍيل آهي.

هوٽلن جي ڪمرن ۾ مينو ڪان وڌيڪ پُرڪشش هوٽل جي بئرن، چوڪيدارن ۽ ڪم ڪار ڪندڙ چوڪرين جي وردي آهي. هن پاسي جي ملڪن ڏي چوڪيدار معنيٰ سِڪُ ۽ سِڪُ معنيٰ چوڪيدار سمجهڻ کپي. ساڳي طرح هتي هانگ ڪانگ ۾ پڻ آهي. مڙيئي زيورات جي دڪانن ۽ بئنڪن اڳيان ڪيمبل پور (پنجاب) جا چوڪيدار ۽ دربان نظر ايندا باقي هر وڏي هوٽل اڳيان هڪ عدد يا ٻه ڪن سِک سردارجي ٽپ ٽاپ ڊريس ۾، بت (*Statue*) وانگر بيٺا هوندا. جهڙوئي اوهان هوٽل طرف وڌندا (جي توهان گوري ڪل جا يعني يورپين يا آمريڪي آهيو) ته هو يڪدم پنهنجا پيلا ڏند ڪڍي، مچون تيڙي، جهڪي، توهان جو آڌرياءُ ڪندو ۽ درُ کوليندو پوءِ توهان  چڱو خاصو اندر گهڙِي ويندا تڏهن به باادب بيٺو هوندو پوءِ آهستي ڪري اهو شيشي جي در جو تاڪ بند ڪندو. پر جي توهان ڪارا ايشيائي، سندس ملڪ (انڊيا) يا پاڪستان، سلون، برما وغيره  جا آهيو ته پوءِ هن کي اها ساڳي ادا دهرائيندي جڙ ته تيهڙ تپُ وٺي ويندو. در جو تاڪ ائين بي دليو کوليندو جڻُ اهو هلڪي شيشي جو در اسپرنگن تي نه هُجي، پر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دادوءَ کان ميهڙ ويندڙ ڪتارو بس هُجي، جنهن کي ڏينهن تتي جو ٽيون دفعو ڌڪو ڏيڻ لاءِ ڊرائيور چيو هُجي.

سنگاپور ۽ ملايا ۾ پڻ ڪيترن بئنڪن ۽ آفيسن اڳيان سک چوڪيدار بندوق کنيو بيٺل نظر اچن ٿا، پر اهي سڀ گهڻو ڪري وڏي عمر جا ۽ سادي وردي (گهڻو ڪري خاڪي يا مليشي رنگ جي) ۾ ملبوس آهن. ڏاڙهي بہ جاريءَ ۾ بدّل هئڻ بدران، پوک ۾ ڇڙواڳ ڇڏيل ڪنهن سنڌ جي پير يا سيد جي ٻڪرين وانگر هئي ڪو وار ڪيڏانهن تہ ڪو وار ڪيڏانهن.

هتي هانگ ڪانگ ۾ پهرين ڏينهن ۾، "پيڪ ٽرمينل" کان "بليڪ پيئر" طرف پئي آياسين تہ سامهون هانگ ڪانگ هلٽن هوٽل جي در وٽ هڪ وڏي امپالا ڪار نئين ماڊل جي اچي بيٺي. چيني ڊرائيور خاڪي ورديءَ ۾، ڪار ۾ ئي ويٺو رهيو ۽ پنهنجي صاحب جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ايتري ۾ سامهون هوٽل جي ڏاڪڻ تان هڪ خوش پوشاڪ سردارجي (سِکُ) ريشمي واڱڻائي پٽڪي، سوٽ ۽ ڪوٽ ۾ ملوبوس (شايد ڪوٽ جو رنگ ڳاڙهو هو)، ان مٿان ويڪرو ڪارو پٽو چيلهہ تي ٻڌل، هٿ ۾ اڇا دستانا، نوان چلڪندڙ بوٽ (جهڙا فلم يا ٽي - ويءَ تي ڪنهن بوٽ پالش



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي اشتهار ۾ ڏسبا آهن). لڏو ۽ ان بيٺل ڪار جي در ۾ اچي هٿُ وڌائين. مون سان گڏُ سکر جو عالم شيخ (تربيلا جهاز جو سيڪنڊ آفيسر). دربيلي جو احمد حسين مخدوم ۽ شڪارپور جو مسعود فاروقي هئا. مون يڪدم کين چيو ته يار هي ته ڪنهن رياست جو راجا ٿو لڳي (چوڪيدار جو خيال ته ان وقت بلڪل ئي دماغ ۾ نه آيو ۽ نه پهرين ڪو اهڙو خوش پوشاڪ سِڪُ چوڪيدار ڏٺو هوم) عالم شيخ چيو "يار واقعي، لڳي ته ڪو نواب يا رئيس ٿو نه ته اهڙي ڪار ته ڪنهن خواب ۾ به نه ڏٺي هوندي. پر ڪپڙن جو رنگ ته بلڪل ئي مئچ ڪونه ٿو ڪريس."

احمد حسين مخدوم چيو "نه يار، ڪو آرميءَ جو جنرل هوندو. هتي جي فوج گورکا آهي سو ٿي سگهي ٿو انگريزن ان جا آفيسر به هندستاني رکيا هُجن."

پر ڪار ۾ وهي چو نه ٿو... در کوليو اچا بيٺو آهي..... پنهنجي ڪنهن دوست جو انتظار ته نه ڪري رهيو آهي. ايتري ۾ هڪ يورپين ـ شايد انگريز هوٽل مان نڪتو ۽ سڌو ڪار جي کُليل در مان اندر گهڙي، ٽيڪ ڏئي ويٺو. ان جي پٺيان سندس زال پڻ ڪار ۾ ويٺي. سک در بند ڪيو جهڪي کين سلام ڪيو انگريز ڪيسي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مان ڪو سڪو ڪيڏي سڪ جي هٿ تي بخشش طور رکيو. سڪ هڪ دفعو وري پنهنجي چيلهه کي ڪُڇو ڪيو. انگريز جي زال ڪار جو شيشو مٿي چاڙهيو. ڪار بي ترئفڪ کي چيريندي هلي وئي ۽ اسان ڪلندا رهياسين. ٿورو اڳتي وڌياسين ته هڪ پٺاڻ شلوار ۾ ڪُڙتي ۾ اسٽار فيري اسٽيشن جي ڪنڌ وٽان، ايندو نظر آيو. هڪ هٿ سان پنهنجي ساڄي مڇ کي وٽيندي وڏي رعب سان پئي آيو ته ٻئي هٿ ۾ جهليل سگريٽ جا ڊگها ڪش پئي هنيائين.
مخدوم مون کي ٺوڪڻ لاءِ، ان ڏي اشارو ڪندي پڇيو: "الطاف! ڀلا اهو همراهه ٻڌاءِ ته ڪهڙي رياست جو نواب يا راجا آهي؟"

"ڇڏ يار هاڻ پڇر." مون ڦڪو ٿيندي ڪيس چيو.

"نه يار، ٽڏهن به ڪجهه ٻُڌاءِ"، مخدوم چيو. "هڻ ڪٽي ڪو ڏُڪو الله جي ڏني مان"

آءُ خاموش رهيس ته وري مخدوم چيو. "يار، ڪٿي سنڌ جو ڪو وڏيرو ابن وڏيرو ته نه آهي؟ آڪڙ ته سنڌي وڏيري جهڙِي اٿس."

"آڪڙ ڪٽي سنڌي وڏيري جهڙي هُجيس"، عالم چيو. "پر سنڌي وڏيرو ٿي نه ٿو سگهي، ڇو ته سنڌي وڏيري جي آڪڙ محدود



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوندي آهي ـ پنهنجي ڳوٺ جي غريب ۽ ڏتڙيل ماڻهن تائين. سنڌ جو وڏيرو پنهنجي ڳوٺ کان ٻاهر، وڏي شهر ۾ جهڙي موڳي رِڏَا!.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڏرتيءَ جا گهوڙ، اٺوڙ ٿيندا آهن

## سنڌ بهشت برين ٿيڻ وارو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته توهان ڪو ماڻهو ڪنهن خاص هنڌ تي ڏٺو هُجي ۽ پوءِ گهڻن ڏينهن بعد ان کي ٻي جڳهه تي ڏسو ته في الحال پهرين نظر ۾ سڃاڻي نه سگهندا. مثال طور هڪ دفعي ڪراچي جي بامبينو سئنيما ۾ انٽرويل ۾ هڪ ماڻهوءَ تي نظر پئي ۽ ڏٺل وائٺل لڳو. گهڻوئي دماغ تي زور ڏنم پر ياد نه ڪري سگهيس. سنڌس اڇا اجرا ڪپڙا سوٽ، ڪوٽ، ٽاءِ ڏسي جلديءَ ۾ اهو محسوس ڪيم ته شايد ڪنهن زماني ۾ ڪنهن اسڪول، ڪاليج يا شپ يارڊ ۾ تعليم دوران استاد يا انسٽرڪٽر رهيو هُجي ۽ استادن لاءِ عزت قائم رکندي، هڪ ٻئي جي پرسان گذرڻ وقت ڪيس جهُڪي سلام ڪيم ۽ پوءِ باقي اڌ فلم ۾ هر هر اهو خيال ايندو رهيو ته ان شخص کي ڪٿي ڏٺو اٿم. اوچتو ياد اچي ويو ۽ کل نڪري وئي. اهو شخص ته چٽگانگ جي انجم هوٽل جو ٻئرو هو جنهن هوٽل ۾ اسان جو سڀ کان گهڻو وجهڻ ٿيندو هو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اهڙو هڪ ٻيو واقعو مونسان هانگ ڪانگ ۾ ٿيو. شروع جا ڪجهه سال جڏهن آمريڪا ۽ يورپ جي ملڪن ڏي جهاز ڪي وٺي ويندا هئاسين ته سوئيز ڪئنال بند ٿي وڃڻ ڪري ايندي ويندي ڪينيا ملڪ جي بندرگاهه ”ممباسا“ ۾ ضرور ترسندا هئاسين. ممباسا جا سڀ وڏا دڪان ۽ نوڪريون اتي جي اصلوڪي باشندن شيدين جي قبضي ۾ نه پر ڌارين جي هٿ هيٺ آهن. جيتوڻيڪ ملڪ آزاد ٿئي به ڏهاڪو کن سال ٿي چُڪا آهن. هڪ دڪاندار هوالهه آباد (انڊيا) جو. سندس دڪان ممباسا جي وڏن دڪانن مان هڪ هو. ڪاٺ مان هٿ جا نهيل رانديڪا، شيدين کان سستي ملهه تي وٺي مهانگا وڪڻندو هو ۽ ٻاهرين ملڪن جهڙوڪ: يورپ ۽ آمريڪا، جتي هٿ جي هنر جو وڏيڪ قدر آهي، اوڏانهن ڳرين قيمتن تي برآمد ڪندو هو. سندس نالو هو نورالواهاب فاروقي.

سندس دڪان تي جڏهن پهريون دفعو اسان چڙهياسين ته انهن ڏينهن ۾ تازو ايوب خان لٿو هو ۽ يحيٰ خان پاڪستان جو صدر ٿيو هو. دنيا جي هر اخبار ۽ ريڊيو ۾ هڪ مارشل لا لهڻ ۽ ٻئي جي مڙهجڻ جون خبرون اچي رهيون هيون. پاڻ يعني (وهاب الهه آباديءَ) ڳالهين ڪندي چيو: ”هون، اهڙا حاڪم چئبا، جي ملڪ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪي ائين پيلين. گذريل هفتي جي ٽائيم مخزن ۾ صدر ايوب بابت هو ته هڪ غريب ترين ملڪ جو امير ترين صدر هو. سندس ڇهه ڪروڙ روپيا فقط سئزرلئنڊ جي بئنڪن ۾ آهن. يعني ايترن پئسن مان اٺ ڪن فئڪٽريون ته خوشيءَ سان ٺهي وڃن ۽ اهو پئسو جي ملڪ لاءِ ڪتب اچي ته الائي ڇا مان ڇا ٿي پوي. اِندرا آهي، ڪٿي ڪيئن به هُجي پر هندستاني حاڪم جو ڪردار بيداغ آهي. اسپاٽ ليس. جسٽ اسپاٽ ليس.“

وري اسان جي ويجهو اچي وچڻ لڳو ”دل ۾ نه ڪجو. حقيقت ۾ آءٌ اصلي پاڪستاني آهيان. توهان ته ورهاڱي کان پوءِ پاڪستان ۾ آيا هوندا، آئون ڄائو ئي پاڪستان جي شهر گجرات ۾ هوس. منهنجو پيءُ تن ڏينهن ۾ اتي نوڪريءَ ۾ هو.“

”پوءِ پلا اڄڪلهه ڪهڙي ملڪ جي قوميت اٿوَ؟“

”پاسپورٽ ته مون وٽ برٽش نئشنلٽيءَ جو آهي. هونءَ ٻار هندستان ۾ ئي پڙهن ٿا. پر واپار جو اتي چاڙهو ڪونهي. ڪجهه مائٽ تازو پاڪستان به لڏي آيا آهن.“

”ڇو پلا توهان پاڪستان نه آيا، جڏهن توهان جا پائر قربانيون ڏئي پاڪستان لڏي آيا.“ اسان پڇيس.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”هون! پاڪستان بہ ڪو ملڪ آهي. سڀُ چور چور اچي گڏ ٿيا آهن. اسان کي کُٽل ٿورو ئي هُئاسين. مال ملڪيتون ڇڏي پاڪستان ڇو اچون.“

”پاڪستان ۾ تہ چور آهن پر ٿي سگهي ٿو تہ تو جهڙا چڱا مڙس اچي نڪرن ها تہ حالتون سڌري وڃن ها.“ اسان ڪيس ٽوڪيو جا ڳالهہ هو سمجهي ويو ۽ معافيءَ جي نوع ۾ ڳڙاٽڙي پائي چوڻ لڳو: ”اڙي منهنجا دوستو! توهان تہ ناراض پيا ٿيو. مان تہ ائين ئي پيو وڦلان. پلا اسان جهڙا واپاري ماڻهو اجايو بحث ڪندا تہ پوءِ ڪيئن ڪمائي سگهندا. يار مون کي معاف ڪجو جي مون توهان جي دل ڏکوئي هُجي.“

ٻئي دفعي جڏهن ساڻس ملاقات ٿي تہ پاڪستان سندن حملي کان بچيل هو. (خوشقسمتيءَ سان يا مصلحتن) ۾ ڪينيا سندس عتاب هيٺ هو.

”يار هي ڏسو هتي جا شيدي ۽ سندس ملڪ. هنن کي اسان ئي سڌاريو تهذيب سيکاري ۽ ملڪ ناهي ڏنوسين ۽ هاڻ اسان تي ئي ڏنڊا ٿا ڪڍن. جومو ڪينياتا (ڪينا جي صدر) حڪم ڪڍيو آهي تہ هر ڌاريون واپاري پنهنجي دڪان يا هوٽل تي اڌ عملو شيدي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نوڪرن جو به رکي.“

ٽئين دفعي ممباسا آياسين ته سندس دڪان جي ٻن نوڪرن مان هڪ سندس ئي ملڪ جو هو ۽ هڪ شيدي ويهن ٻاويهن سالن جي عمر جو قاتل ميرا ڪپڙا، پير اگهاڙا. ابوجهه شڪل جو ٻُهاري ڏئي رهيو هو. ان بعد اسان لاءِ چانهه  وٺڻ ويو. پوءِ مالڪ جي نئين ماڊل جي مرسڊيز ڪار پاٽيءَ سان ڌوئڻ لڳو. مون وهاب کي چيو ته، ”ان شيديءَ نوڪر کي ٻئي سان گڏ دڪان ۾ شيون وڪڻڻ لاءِ چو نه تو چڙهين؟“

”نه نه. بابا چڙهيانس ته ماڳهين ڪم سکي وڃي ۽ سياڻ اسان کي به انگريزن وانگر ڏنڊا هٽي ڪڍي ڇڏين. اهي شيدي ائين ئي پلا آهن. تجارت يا نوڪري انهن جي وس جي ڳالهه ناهي.“

”هونءَ آهي ته ملڪ سندن ئي. سخت ڏک ٿو ٿئي جڏهن هتي جي اصلوڪي رهاڪن کي سندن ئي ڌرتيءَ تي انگ اگهاڙو ۽ پيٽ بکيو ڏسجي ٿو ۽ اسان ڌاريان ”آئي ٽانڊي ڪاڻ، ٿي ويٺي بورچياڻي“ وارو حساب لڳايو ويٺا آهيون. ائين نه ٿئي جو ظلم جي حد وڌڻ ڪري هو باغي ٿي پون.“ مون وهاب سان ڳالهه ڪئي، پر هن کي اها ڳالهه نه وڻي ۽ اهائي ورندي ڏنائين ته، ”هنن شيدين جي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جهنگلي دماغ ۾ اها ڳالهه ڪٽي ٽي ويهي. في الحال ڪپڙي لٽي ۽ اٽي جي چڪر ۾ ئي هو اهڙا ڦاٿل آهن جو ٻي ڪا ڳالهه سوچي نٿا سگهن.“

وهاب شايد ان امر ڪان اڻ واقف ٿي ڏنو ته ڌرتيءَ جا گهوٽ اٽموٽ ٿيندا آهن. جن جي زندگيءَ ۾ اٽو لٽو اجهو عورت, مال دولت ٻئي درجي جي ثانوي حيثيت رکندي آهي. جيڪي ڌرتيءَ ماءُ جا لال هوندا آهن. تن لاءِ حالتون, تاريخ جي ڪنهن به وڪڙ يا وراڪي ۾ سوليون نه هونديون آهن. پر ان هوندي به هو پرواهه نه ڪندا آهن. اهو جي قدرت جو قانون نه هجي ها ته انگريز ڪڏهن به اسان جي جان نه ڇڏين ها, الجيريا ۽ چين ڪڏهن به آزاد نه ٿئي ها.

ڪانئس اهو پڇڻ ته اجايو هو. جو ڄاڻ اٿم ته آفريڪا ۾ رهندڙ نوي سيڪڙو واپاري, اسان جي ملڪ جي واپارين ۽ ملڪ دشمن عناصرن وانگر, ڪمايل پئسو ان ڌرتيءَ تي رکڻ بدران يورپ ۽ آمريڪا جي بئنڪن ۾ ئي رکن ٿا. حڪومت طرفان پابندي هوندي به لڪ چوري آفريڪي ناٽو وڪڻي, ڊالر ۽ پائونڊ ڻاهين, جنهن ڪري ملڪ جي ناڻي ۽ معيشت کي ڪافي ڌڪ رسي ٿو. جايون



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خريد ڪونہ ڪن ۽ مسواڙ تي رهن، جيئن حالتون خراب ٿي وڃڻ تي ميڙيل پونجي سولائيءَ سان هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ کڻي وڃي سگهن. اهڙا ماڻهو ملڪ، مذهب ۽ ٻين جذبن کان خالي هوندا آهن. شايد "موقعي پرست" (*Opportunist*) لفظ انهن لاءِ صحيح آهي.

ڪجهہ سال لڳاتار دنيا جي ان پاسي وڃڻ بعد سال ڏيڍ امتحان خاطر ڪناري تي رهيس. ان بعد جو وري ساموندي زندگي ۾ گهڙيس تہ مون کي اهڙا جهاز ڏنا ويا جن جو وڃڻ ئي دنيا جي ٻئي پاسي (مشرق) ٿيو ٿي ۽ هر ٽئين چوٿين مهيني ۾ ملائيشيا، ٿائلنڊ، سنگاپور، هانگ ڪانگ، جپان ۽ چين جو چڪر هڻي واپس ڪراچي ايندا هئاسين.

پنجون يا ڇهون چڪر هوندو، جڏهن اسان هانگ ڪانگ آيل هئاسين. فيبروري جو مهينو شروع ٿي چُڪو هو ۽ هانگ ڪانگ ۾ اهو ڏينهن آخري ڏينهن هو، جو شام ڌاري جپان لاءِ لنگر کڻي رهيا هئاسين.

صبح جو شهر ويس ۽ باقي رهيل آفيس ۽ ذاتي ڪمن کي لڳي ويس. منجهند ڌاري "پي - آئي - اي" جي اسٽيشن اڪائونٽنٽ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

عبدالجليل خان ڪان موڪلائڻ لاءِ ڪولون فون ڪيم تہ هن ٻُڌايو تہ ”پي - آئي - اي“ جا ڪجھہ ڪئلينڊر ۽ پوسٽر منهنجن دوستن لاءِ ڪڍي رکيا اٿس سي ڪٽي وڃان. وقت تمام ٿورو وڃي بچيو هو پر پي - آئي - اي جي آفيس ڪولون اسٽار فيري اسٽيشن جي بلڪل ويجهو پنجن منٽن جي پنڌ تي آهي. سو فيري رستي ڪولون پهتس ۽ تڪو تڪو آفيس، پيننشولا هوٽل ڏي وڃڻ لڳس. سئلسبري روڊ ونيو پئي ويس تہ واٽ تي ”واءِ - ايم - سي - اي“ وٽ، سامهون ايندڙن ۾ هڪ شڪل ڄاتل سُڃاتل لڳم. ڪجهہ ائين لڳو تہ ڪٿي ڏٺل آهي. هن بہ مون ڏي نهاريو. ڪجھہ شڪُ ٿيس پر هڪ ٻئي پرسان لنگهڻ وقت نہ هن ڪيڪاريو نہ مون. جڏهن هڪ ٻئي ڪان ٽپي وياسين تہ مون کي خيال آيو تہ ڪٿي وهاب تہ نہ آهي. سو پڪ لاءِ مُڙي ڏٺم تہ هو بہ هلندي هلندي ڪنڌ ورائي ڏسي رهيو هو.

شڪل تہ وهاب جهڙي هئس پر هو تہ  ممباسا جو سيٺ آهي ۽ هي اڻ استري ٿيل ڪپڙن ۽ ڪنڊريل وارن ۾ هتي ڪولون ۾ ڪٿان آيو. ٻي گهڙِيءَ الائي ڪهڙو اسان ٻنهي کي خيال اچي ويو جو هٿ لوڏي هڪٻئي کي ڪيڪاريوسين ۽ هڪٻئي ڏي موٽي پڇيومانس تہ، ”توهان نورالوهاب فاروقي تہ نہ آهيو؟“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ءِ توهان سنڌ جا رهاڪو مسٽر......“

”جي ها، الطاف آهيان.“ مون کيس ياد ڏياريو.

”هيلو الطاف ڇا حال آهي؟“

”ٺيڪ آهي. توهان ٻڌايو. هتي ءِ هنن افعالن ۾ ڪيئن؟ ياپي ڪيئن آهي، ٻار ڪٿي؟“

”بس يار ڪهڙيون ٿو ڳالهيون پُڇين.“ هن جي لهجي ۾ ڏکُ ءِ مايوسي هُئي. مون کي يڪدم ڇهين حس سجاڳ ڪيو تہ پڪ يوگنڊا جي ”عيدي امين“ جي ٿيلهي، اوسي پاسي وارن ملڪن کي بہ لوڙيو آهي.

”الطاف ڪهڙيون ٿو خبرون پُڇين. آفريڪا ۾ باھ پئي ٻري. ڏارين کي تہ اصل سهن نہ ٿا. شيدي هاڻ اها جاهل ءِ ڪمزور قوم نہ رهي آهي.“

”ڇو ڪينيا ۾ بہ يوگنڊا وارو قوميت جو جذبو پيدا ٿيو آهي ڇا؟“ مون پڇيومانس ءِ هن ڪنڌ ڌوڻي هائوڪار ڪئي.

”توهان هتي پلا ڪيئن پيا ڏسجو. دڪان تي ڪير وهاري آيا آهيو؟“

”دڪان وڪڻي ڇڏيم، بہ مهينا ڪن اڳُ. اڳتي هلي ڪو



هن ڪتاب جا سمورا حق ءِ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

شيدي مفت ۾ ڪسي وجي، ان ڪان بهتر آهي چار ڏوڪڙ ناهي ورتم. ٻار انڊيا ۾ ئي آهن ۽ آءُ هتي هانگ ڪانگ ۾ دڪان ڪولڻ جو سوچي رهيو آهيان. پر هانگ ڪانگ جي حڪومت اجازت نٿي ڏئي. اهو ئي سبب آ ڏين تہ هتي اڳيئي ڏاريان گهڻا آهن ۽ اسان جا لوڪل ماڻهو ڪيڏانهن ويندا. اڄ پندرهون ڏينهن آهي، انهن چڪرن ۾ پر ڪو ڪڙتيل نڪرڻ جي اميد ڪانہ ٿي ڏسجي. دُبئي ۽ سلون ۾ ڪوشش ڪيم پر اتي بہ گهمڻ لاءِ تہ چون ٿا تہ ڀلي ڪو اچي، پر هميشہ جي رهڻ لاءِ شايد ڪنهن بہ ملڪ ۾ هڪ انچ بہ فالتو زمين ڪانہ ٿي ڏسجي.“ مون کي سندس حال تي تمام گهڻو افسوس ٿيو. جيتوڻيڪ مون کي ارمان پڻ ٿيو. ماني ۽ چانهہ پاڻيءَ جي صلاح ڪئي مانس پر هو بہ جلديءَ ۾ هو. موڪلائڻ وقت پڇيومانس تہ، ”جي هتي هانگ ڪانگ ۾ رهڻ جي اجازت نہ ملي تہ پوءِ؟“

”پوءِ ڪراچي تہ آهي ئي. نارٿ ناظم آباد ۾ هڪ مائٽ جي معرفت هڪ مارڪيٽ جو پلاٽ وٺي ڇڏيو اٿم تہ جيئن پس پيش ٻئي ڪنهن هنڌ سنو موقعو نہ ملي تہ ڪراچي اچي ڄمائيندس. هڪ بہ رهائشي پلاٽ بہ ورتا اٿم، جنهن مان هڪ رهڻ لاءِ ۽ ٻيا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مسواڙ تي ڏيڻ جو سوچيو اٿم. پيا بہ ڪيترائي آفريڪا کان لڏي ڪراچيءَ پيا وڃن ۽ انهن کان معلوم پيو ٿئي تہ هو اتي وڏيڪ خوش آهن. چڱو ڀلا پوءِ موڪلايون ٿا.“ هن هٿُ وڏائي موڪلايو ۽ آءٌ باقي رهيل پنڌُ ڪري عبدالجليل خان وٽ PIA آفيس ۾ آيس ۽ جلدي جلدي سامان ڏيڻ لاءِ چيومانس. جيسين هو ڪيدي، تيسين سامهون ٽيبل تي پيل هڪ پاڪستاني پُراڻي اخبار کڻي اٿلائڻ پٿلائڻ لڳس. ٽئين صفحي جي هڪ ڪنڊ تي ماروئڙا اسٽوڊينٽس فيڊريشن يا شايد ”جيئي سنڌ“ جي اڳواڻ جو مطالبو پڙهيم، ”ٽرين کي ڪراچيءَ ۾ آباد ڪيو وڃي.“ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ڪجهہ گُهٽَ ۾ گرمي محسوس ڪيم. جليل خان کان موڪلائي پي ـ آئي ـ اي آفيس مان ٻاهر نڪري هيٺ لٿس. هيٺ ڪنڊ تي ”پي ـ آئي ـ اي“ جي رسيپشن ۾ شو روم ۾ ويٺل اسٽاف کي هٿ سان ڪيڪاري ناٿن روڊ تي لهي هلڻ لڳس. گرمي ۾ مونجهہ! اسات ۾ اڄَ! فيبروري مهيني هوندي بہ گرمي. شايد هوا ۾ گهم هئي. نتهڻ اس ۾ خشڪي لڳي رهي هئي. وري ساڳيا پير کڻي اسٽار فيري اسٽيشن تي آيس جتان هانگ ڪانگ لاءِ فيريءَ ۾ چڙهيس. سوچيم: پنڌ تہ ڪو خاص ناهي، پر ٽڪيٽ وٺڻ، فيريءَ جي در کُلڻ جو انتظار



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪرڻ، وري بند ٿيڻ. پوءِ خلاصي آرام سان رسا ڪولين تڏهن مس مس هلي. ايتري ئي گهل آهي جيتري راشن ڪارڊ تي ڳوٺ ۾ ڪنڊ ونڻ تي. پر آءُ ايتري ڪمزوري ۽ نستائي ڇو محسوس ڪري رهيو آهيان. ملول ۽ اداس ڇو آهيان. دل تي بار ۽ دماغ تي ڪوهيڙو ڇو ڇانئجي ويو اٿم. ايندي وقت تہ خوش هوس. ان دوران ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ ٿي تہ ڪانہ. ڇا وهاب جو ڪراچي ۾ جاين تي قبضو ڪرڻ مون کي ڏکيو لڳو آهي. مونکي ٻئي ڪنهن جي وسڻ ۽ ويجهڻ تي خار نہ لڳڻ کپي. سنڌي تہ "مهمان نواز" قوم آهي ۽ هن هميشہ ڌارين جي آڌرياءُ ڪئي آهي. پر اهڙي مهمان نوازيءَ کان ٻڏي مرڻ چڱو. اهي سڀُ آئوٽ ڊيٽيڊ (مدي خارج) ڳالهيون آهن ۽ سڙيل دوائن وانگر انهن جو استعمال تباهي آهي. انهيءَ مهمان نوازيءَ تہ اسان کي سؤ سالن لاءِ غلام بڻايو. نہ نہ مون کي *Pessimist* نہ ٿيڻ کپي. مون کي آشاوادي ۽ فراخ دل ٿيڻ کپي. ماڻهو اڳهين چون پيا تہ سنڌي تعصبي آهن. پر اسان جي تعصبي آهيون تہ ان حساب سان عرب، جپاني، چيني، جرمن، انگريز ۽ ٻيون قومون بہ سخت تعصبي چئبيون، جيڪي ڌارين کي پنهنجي ڌرتيءَ تي پير بہ رکڻ نہ ٿيون ڏين، پر اسان جو ملڪ "پاڪ - آستان آهي جتي هر مسلمان کي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اچڻ جي اجازت آهي،“ ڪراچيءَ جي پتين تي لکيل پڙهيو هوم. ته پوءِ فلسطين جي ڏتڙيل ۾ ڏکڻ فلپين ۾ ٿائلنڊ جي به مسلمانن کي آندو وڃي. پر لبنان، مصر، عراق، شام، سعودي عرب ۾ ٻيا پر وارا عرب ملڪ فلسطيني مسلمانن کي چو نٿا پاڻ وٽ رکن. لبنان جيڪي ٿورا فلسطيني پاڻ وٽ رکيا آهن، انهن کي به الڳ ڪئمپن ۾ رکيو ويو آهي ۽ ان شرط تي ته فلسطين جي آزاد ٿيڻ تي کين واپس وڃڻو پوندو. هندستان ۾ فقط ڪجهه بنگالي، ڪجهه عرصي لاءِ اچي رهيا ته سڄي دنيا ۾ هن واويلا مچائي ڇڏي هئي ۽ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي نوڪرين جي حفاظت خاطر ڪنهن هڪ به ڏارئين کي گهٽ پئسن تي به نوڪري نٿي ڪرڻ ڏني. ”ٽئڪسي“ مون لنگهندڙ ٽئڪسي کي سڏُ ڪيو. ناٿن روڊ تي چرڙاٽ، بريڪن جو آواز ۾ ٽئڪسي بيهي رهي. چيني ڊرائيور منزل پُڇي. ”سڏو هانگ ڪانگ هل - ٽنل مان لنگهي.“ مون چيومانس.

هيءَ گهُٽ، هي ڪاڙهو ۽ گرمي. خط استوا جي ويجهڙائيءَ وارن ملڪن ۾ اهائي ته مصيبت آهي، پر ڪجهه دير اڳ ته مون کي ايتري مونجهه نه هئي. چا واقعي وهاب واري ڳالهه ٻڌي يا ترين واري خبر پڙهي ڏک ٿيو اٿم. مون کي گهڻو حساس ٿيڻ نه کپي. مون کي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گهٽو سوچڻ نہ ڪيي. ٽرين بابت ٿرپارڪر مان چونڊيل ميمبرن کي سوچڻ ڪيي. مون کي پنهنجي جهاز جي انجڻين بابت سوچڻ ڪيي. ايندي وقت فورٿ انجنيئر چيو هو تہ سائين توهان فڪر نہ ڪجو هر شيءِ تيار هوندي. پر پڪ جونئر انجنيئرن انجيڪٽر بہ پرائيم نہ ڪيا هوندا. ٽرننگ گيئر (*Turning Gear*) بہ ٻاهر ڪونہ ڪڍي هونداڻون ۽ پوءِ جڏهن هلڻ جو وقت ٿيندو تہ انجڻ کي جنريٽرن کان *Discouple* ڪرڻ جي ياد ايندين. هيٺ مٿي، مٿي هيٺ، ڪوئن وانگر پيچ ڊُڪ لڳائي ڏيندا. هڪ عذاب آهي هن نوڪريءَ ۾. ذهني بہ تہ جسماني بہ! بهرحال ڏنو ويندو مون کي هن وقت پاڻ کي خوش رکڻ کپي. ڪار جو شيشو هيٺ ڪري ڇڏيم. چيني ڊرائيور غلط ۽ ڊگهن رستن تان ڦيرائي وٺيو پئي ويو. ڪچيس ڪونہ. پل پنهنجو پٽُ گهاتو ڪري. هانگ ڪانگ اڄُ ڇڏيان پيو ۽ رهيل بہ چار ڊالر هونءَ بہ ڪيس ئي ٽپ ڏيندس. آخري دفعو ڪولون جا رستا، عمارتون ۽ ماڻهو ڏسي ڇڏيان. مسافرن سان پريل رستا، خريدارن سان پريل دڪان، اگهاڙين سئنيمائن اڳيان ميڙ، عورتن جا شهوتي پوسٽر، ڪوڪاڪولا، پيپسي ڪولا ۽ بيئر جي بوتلن جي ڪلڻ جا آواز ڪلبن ۽ پبس (*Pubs*) اڳيان بيٺل



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چوڪيدارن جو راهگيرن کي اندر اچڻ لاءِ مدعو ڪرڻ لاءِ سڏ ۽ دانهون. خوبصورت ڪپڙن ۽ سينگار ۾ ٺقيل هي وئشائون. ٽرئفڪ جو گوڙشور، ڪولاهل، هيءَ مشيني زندگي، دونهون، آواز هُل هلاچو، پالوشن، پرورشن، پورنو گرافي ۽ پراسٽيچيوشن! هي اوچيون عمارتون ۽ نيان سائين. هي سمنڊ جو ڪنارو هي اشتهار هي چمڪندڙ ڪارون ۽ لاريون، پروگريس ۽ پراسپرٽي جي نشاني. روشني ۽ روشني، زندگي ۽ زندگي. ڏيک ۽ ويک - ڪٿي ظاهري ئي سهي. هي اونداهو (*Tunnel*). هي سمنڊ جي هيٺ ڏگهي اونداهي سرنگهه! خاموشي، خوف، هراس ٿر جي بي گهر ڏتڙيل جي ڇهري جهڙو، ٿر جي قبرستان جهڙي پوائتي سانت. ٿر ۾ گرمي بہ گرمي هوندي، ويتر هن سال مينهن نہ وٺو آهي، سو واري تپي تاندا ٿي هوندي. پاٽيءَ جي کوٽ، خوشيءَ جي کوٽ، نوڪرين جي کوٽ، بيماري، بک، بيروزگاري، انگ اگهاڙا ٻار، ڏتڙيل ۽ غريب ماڻهو اميدن ۽ مطالبن تي زنده رهندڙ اسان جي اڀوجهہ قوم. مطالبا ۽ مطالبا - مطالبن تائين محدود اميدون، آشائون ۽ آسرا. تاريخ جو هڪ هڪ ورق ذهن جي پردن تي اٿلڻ لڳو. ڪيڏا ڪلور ۽ ڪوس هن ڌرتيءَ تي ، ڪيڏا هاجا، ڪيڏيون ڦرون لٽون، ڪيڏا گهوڙا ۽



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گهلون، ڪيتريون ئي جنگيون، ڪيڏيون غلاميون ۽ زنجيرون. آرين کان ارغونن تائين، ترخانن کان ڪلهوڙن تائين، انگريزن کان ايوب ۽ يحييٰ تائين. هن ڌرتيءَ سان ڪيڏا رڻ ۽ روهه ٿيا! ڪيترا روج ۽ رتو چاڻ، ڪيڏا قبرستان، قبرن مٿان قبرون! تنهن مٿان قبرون. هرڪو چوي ٿو ته هاڻ پٽي جو عوامي دور اچي ويو آهي. هاڻ سنڌ وري سکي ٻڌجي ويندي. سنڌ بهشت برين ٿيڻ واري آهي. هڪ دفعو وري اميد ٿي آهي. ائين ٿو لڳي ته ڌرتيءَ تي جابجا جنت برپا ٿيڻ واري آهي، پر سو ڇا؟ ڇا مون کي يقين آهي ته تيستائين منهنجي نستي ۽ نبل سرير ۾ ايتري شڪتي ۽ سگهه رهندي جو مان ڊڪي وڃي ان جنت جي مرحبا ڪندس؟ ڇا منهنجي جسم ۾ ايتري جان هوندي جو وڏي وڃي ان بهشت کي پاڪر پائي سگهندس، منهنجا مولا! جڳن ۽ آسمانن جا رب!



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# خاڪ مان سون بنائڻ وارا سنڌي

شروع ۾ هانگ ڪانگ ۾ مسٽر سيٽل سان ملاقات جو ذڪر ڪري چُڪو آهيان. مسٽر سيٽل جو انٽرويو وٺڻ وقت هن ٻڌايو هو ته هانگ ڪانگ ۾ سنڌين ڪي رهندي سؤ سالن ڪان بہ مٿي ٿي ويا آهن، سو ان موقعي تي انهن ڏينهن ۾ مختلف قسمن جا ڪاج ۽ جلسا پئي ٿيا. پاڻ ٻڌايائين تہ، هو پڻ عنقريب وڏي پئماني تي هڪ سنڌي فنڪشن ڪرائڻ وارو آهي، جنهن ۾ سنڌي جا مشهور ڳائڻا حصو وٺندا. مون ڪي اهو ڏسڻ جو شوق هو ۽ دل گهٽو ئي چاهيو تہ جيڪر ان جي ڏسڻ جو موقعو ملي وڃي تہ ان بابت سنڌ جي ڪنهن اخبار لاءِ رپورٽنگ پڻ ڪندس، جيئن اسان جي وطن جا ماڻهو اهو معلوم ڪري سگهن تہ ولائت ۾ ڪهڙي نموني سان ڳائڻ وڄائڻ جا ڪاج ملهايا وڃن ٿا. پر ڪجهہ ڏينهن ۾ اسانجو هانگ ڪانگ جو ڪم ختم ٿي ويو ۽ جهاز ڪي جپان وٺي وڃڻو پيو. جپان ۾ مهنو ڏيڊ رهڻ ڪان پوءِ وري اوچتو هفتي ڏيڊ لاءِ هانگ ڪانگ اچڻ ٿيو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سنگاپور ۽ فلپين ۾ ايندي مون کي اها خوشي ضرور ٿيندي آهي جو انهن ملڪن ۾ ريڊيو ٻڌڻ جو موقعو ملندو آهي. جپان، چين ڪوريا وغيره ۾ ته رڳو ان ملڪ جي زبان ۾ گانا ۽ خبرون اينديون آهن پر مٿئين ملڪن جي ريڊيو اسٽيشن تان مستقل انگريزيءَ ۾ گانا ايندا رهن ٿا ۽ پرديس ۾ پنهنجي ملڪ جي زبان نه سهي ته گهٽ ۾ گهٽ سمجهه ۾ ايندڙ ڌارئين زبان ئي غنيمت سمجهي وڃي ٿي. سو انهن ملڪن ۾ پهچڻ سان ننڍڙو پاڪيٽ سائيز ريڊيو دريءَ تي ٽنگي ڇڏيندو آهيان ته پيو وڃي ۽ ساڳئي وقت آءٌ لکڻ پڙهڻ ۾ مشغول هوندو آهيان. ٽي وي ۾ اهو نقصان آهي جو ڏسڻ وقت، ڪو بيو ڪم، لکڻ پڙهڻ جهڙو نٿو ڪري سگهجي.

بهرحال، جپان کان جڏهن واپس ٿياسين ته هانگ ڪانگ ريڊيو جي ڪمرشل سروس تان پهرئين ڏينهن ئي هر هر انگريزيءَ ۾ اهو اعلان ٻڌم ته ايندڙ هفتي هانگ ڪانگ جي هڪ هوٽل ۾ راڳ رنگ جو سنڌي پروگرام ٿي رهيو آهي. ان لاءِ ٽڪيٽن جا اگهه ۽ ان جي ملڻ جا هنڌ پڻ ٻڌايا پئي ويا. مزي جي ڳالهه جو ان اشتهار جي آخر ۾ ڪجهه ڳائڻ جي سنڌي راڳن جا ٽڪرا پڻ ٻُڌايا پئي ويا.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وطن کان ڏُور ڏارئين ملڪ جي ريڊيو اسٽيشن جي انگريزي پروگرام جي وچ وچ ۾ سنڌي راڳن جا ٽڪر ٻڌي عجيب ڪشش ۽ سُرور ٿي آيو. دل ۾ خيال آيو تہ هي پڪ اهو پروگرام هوندو جنهن بابت سيتل ذڪر ڪيو هو. سو جيئن ئي ٻئي ڏينهن مون کي فرصت ملي تہ کيس فون ڪري پروگرام جي پڪ ڪيم. منهنجي هانگ ڪانگ ۾ هُجڻ جو ٻڌي کيس خوشي ٿي. مون کيس ان پروگرام ڏسڻ لاءِ ٻُڌايو ۽ ٽڪيٽ لاءِ ڳالهہ ڪئي مانس. (جا اٽڪل سٺ هانگ ڪانگ ڊالرن جي هُئي. يعني هڪ سؤ ويهہ روپيا کن. ان ۾ ڊنر پڻ شامل هُئي.)پاڻ چيائين تہ آءٌ اتي پروگرام ۾ وقت تي پهچي وڃان ۽ ٽڪيٽ بہ خريد ڪرڻ جي ضرورت ناهي. سنڌ کان آيل هڪ مهمان ليکڪ جي حيثيت ۾ منهنجي موجودگي هنن لاءِ باعث عزت رهندي.

فنڪشن رات جو نائين وڳي هوٽل حايات ۾ ٿيڻ وارو هو جا ڪولون پاسي، هتي جي فئشنبل هوٽل مان هڪ آهي. حيدرآباد کان حسين شاهہ بخاري، مير رفيق ٽالپر، ٽاجپور ۽ نصرپور کان نواب سيف الدين، سومار ڏيرو ۽ ٻيا سنڌ يونيورسٽي جا شاگرد پڻ، انهن ڏينهن ۾ هانگ ڪانگ گهُمڻ آيا هُئا. سو انهن سان بہ ملاقات



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ان ئي ڏينهن هُئي. بهرحال هوٽل حايات تائين پهچندي پهچندي مون کي ساڍا نَو ٿي ويا. مون کي ياد آهي تہ هوٽل جي در وٽ بيهي مون سوچيو تہ مون کي مقرر وقت کان دير ٿي وئي آهي، آيا وڃان يا نہ وڃان. فنڪشن ڪٽي سنڌي جو آهي، پر سنڌ تہ آهي ڪونہ جو وقت مقرر هوندو نائين جو شُروع پيو ٿيندو ڏهين کان پوءِ. آخر اندر گهڙڻ جو ارادو ڪيم. پڇا تي معلوم ٿيو تہ مٿئين فلور تي اهو فنڪشن هلي رهيو آهي. هوٽل حايات جي خاموش ماحول ۾ ترڪندڙ لسي پٽ تي آهستي آهستي قدم رکندي هال وٽ پهتس. آهستي ليئو پائڻ لاءِ دروازو کوليم تہ اندر آواز ڪيڪارون، ٺهڪ، گوڙ گهمسان جو عالم هو. سگريٽن جي مختلف برانڊن جو دونهون ۽ ڪيتريون ئي اعليٰ قسمن جون خوشبوئون ملي هڪ ئي وقت مختلف ڪاسميٽڪس ڪمپنين جي اشتهارن جو ڪم ڏئي رهيون هيون. هال ۾ سيئي هڪ ٻئي سان ملي خبرون چارون ڏئي رهيا هُئا. سيني مردن کي سوٽ (ايوننگ ڊريس) پاتل هُئا. سواءِ هڪ ٻن جي، جي سفيد شيرواني ۾ هئا. عورتون رنگين ۽ قيمتي پڙڪندڙ ساڙهين ۾ هيون. ڪي ڳهن سان جهنجهيل هيون تہ ڪي فقط منڊيءَ ۾ بہ خوبصورت لڳي رهيون هيون. نوجوان ڇوڪريون



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ساڙهين ۾ نہ هُيون. انهن مان ڪي بيل باٽمڊ پجامن ۾، ڪي غرارن ۾ ۽ ڪي مغربي لباس پتلون ۾، سمارٽ لڳي رهيون هيون. ڪن ڪن ڇوڪرين جو ميڪ اپ ڏسڻ و ٽان هو. ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪنهن آرٽسٽ پنهنجي لافاني فن جو مظاهرو ڪيو هجي. هڪ ٻہ ڇوڪريون پنهنجي قدرتي حسن ۽ ميڪ اپ جي مدد ڪري ايڏيون تہ سندر لڳي رهيون هيون، ڄڻ اپسرائون سڌو اجنتا جي غارن مان نڪري آيون هجن. ٻار مختلف ڳُوڙهن ٽڏن رنگن ۽ مختلف نمونن جي وڳن ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيا هُئا.

منهنجي دل جو اهو خواب يا وهم تہ ولايت ۾ خبر ناهي ڪهڙي نموني سان سنڌي فنڪشن ٿيندو ۽ ڪافي ڊسيپلينڊ هوندو. هي نظارو ڏسي، آئون پنهنجو پاڻ کي گهائل مائل ۽ پنهنجي وطن ۾ محسوس ڪرڻ لڳس. ويتر جو اڳتي هلي جڏهن سنڌي فلمن اباڻا، راءِ ڏياچ، اجان تہ ائٹ مان ننڍڙي آهيان، نقلي شان، جي ميوزڪ ڊائريڪٽر بلو سيراڻي ۽ مشهور ريڊيو سنگر جوتي موٽواڻيءَ ناز ڀريل ادا ۾ ”منهنجن ڳوڙهن تي نہ مسڪراءِ - منهنجا نيڻن جا نار“ ڳائڻ شُروع ڪيو ۽ ويٺلن مان نوجوان ڇوڪرن (ويندي ڪجهہ پوڙهن) سنڌي نموني ۾ ”واهہ، واهہ، واهہ“ ڪئي، تہ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مون کي ڪراچيءَ جي سنڌي ادبي سنگت ۽ ڊو ميڊيڪل ڪاليج جا سنڌي جشن ۽ دادوءَ جي ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا ڪاجَ ياد اچي ويا. هڪ ٻن خوش مزاج، ۽ ڪلمُک همراهن تہ پرِ ۾ ويٺل پنھنجين زالن کان پاسيرو ٿيندي، سيٽي بہ وڄائي. بهرحال ماحول ۾ ڏاڍو لطف ۽ رونق هئي ۽ فضا ۾ عجيب سنڌين جي سُڳنڌ هُئي.

پهچڻ سان مون پهرين سيتل کي ڳوليو جو ان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ سڄاڻو نہ هو. هو آيل مهمانن ۽ پروگرام جي بندوبست پٺيان مشغول هو. مون کي ڏسڻ سان قربائتي پليڪار ڪري اسٽيج اڳيان ويٺل ڪلاڪارن جي ميڙ ۾ وٺي آيو ۽ سڀني سان تعارف ڪرايائين: هي گوپال گربخشاڻي آهي، هيءَ سندس پتني، هيءُ مشهور ڳائڻي چندر جو ناني رام نانواڻي، هي بلو سيراڻي وغيره. ان کان اڳ وچ تي هڪ ٻن ٽولن اڳيان لنگهندي انهن سان بہ ملايائين: هي بہ پنهنجا سنڌي يائر آهن، جي جڪارتا (انڊونيشيا) کان آيل آهن. هي ملائيشيا کان آيل آهن ۽ هي سنڌي سنگاپور ۾ رهن ٿا. اڄڪلھ هتي گھُمڻ آيا آهن.

ٿوري دير پڇي، ڪيڪار ڪڙي ۽ حال احوال وٺڻ کان پوءِ ڊنر جو اعلان ٿيو. ان وقت ڏهہ بہ ٿي ويا هُئا. مون کي ساڍي يارهين وڳي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

واپس بہ وڃڻو هو. جو منهنجو جهاز هانگ ڪانگ (وڪٽوريا) پاسي بيٺو هو ۽ آخري لانچ جهاز ڏي پوري ٻارهين وڳي وڃڻي هُئي. ان ڪري مون کي اهو ئي افسوس پئي ٿيو تہ سڄو پروگرام ڏسي نہ سگهندس. سو جيترو جلد جيڪر شُروع ٿي وڃي تہ بهتر. ڊنر تہ آءُ ڪائي آيو هوس پر گربخشاڻي صاحب مون کي زوري فنڪارن واري گول ٽيبل تي پنهنجي ڀر ۾ وهاريو. هو تازو ٻئنڪاڪ (ٿائلنڊ) کان آيل هو ۽ اتفاق سان آءُ هانگ ڪانگ کان پوءِ اوڏانهن پهريون دفعو وڃي رهيو هوس. سو ڪافي دير ٿائلنڊ جون خبرون پڇندو رهيوسانس. پاڻ پڇيائين تہ مون سندس ڪتنب جو نالو گربخشاڻي تہ ضرور ٻڌو هوندو. ان جو ڪراچي ۽ حيدرآباد جي تعليمي ادارن سان ڪافي واسطو رهيو آهي. مون کيس ٻڌايو تہ جيتوڻيڪ اسان جيئن ئي هوش سنڀاليو تہ توهان لڏي وڃي چُڪا هُئائو ان کان پوءِ پڙهائي ۽ نوڪري جي سلسلي ۾ بہ منهنجو گهڻو وقت حيدرآباد کان ٻاهر ئي رهيو آهي، پر البت ايترو معلوم اٿم تہ "شاهہ جو رسالو" ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب پڻ ترتيب ڏنو آهي، جنهن جو پهريون ڇاپو 1923ع ڌاري شايع ٿيو هو.

"اهو منهنجي پيءُ جو سؤٹ هوتچند مولچند گُربخشاڻي آهي،



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جيڪو ڪراچي ڪاليج جو پرنسپال پڻ هوندو هو.“

حيدرآباد جي ڪنهن زماني جي مشهور جج چنديرام سامتاڻي جي پيڙ (سندس گهرواري)، جنهن اسٽيج تي هڪ بهترين *One act play* پيش ڪيو سا هر هر سنڌ يونيورسٽي (پُراڻي عمارت) ۾ پين درسگاهن بابت وڏي سڪ مان پُڇندي رهي، تنهن پوءِ ٻُڌايو تہ گوپال (سندس مُڙس) جو پيءُ نرمل داس ڌرم داس گربخشاڻي، پهرين نئشنل ڪاليج جيڪو قليلي وٿ آهي، ان جو پرنسپال هو. ان کان پوءِ ڪورٽ وٽ نو وديالہ اسڪول جو پرنسپال هو. سندس گهر بہ ان اسڪول منجهہ هو. پاڻ مون کان ان اسڪول جون بہ خبرون پڇڻ لڳي، پر افسوس جو مون کي انهن بابت معلومات نہ هُئي ۽ نہ غلام علي نانا، شيخ عبدالمجيد ۽ شهواڻي صاحب جن جي، جن بابت هو بار بار پُڇي رهيا هئا تہ ڪٿي آهن آيا زنده آهن يا لاڏاڻو ڪري ويا. پاڻ ٻُڌايائين تہ مرحوم حيدر بخش جتوئي سندس سهري نرمل داس گربخشاڻي جو *Favourite* شاگرد هو.

مسٽر گوپال ٻڌايو تہ: هيرآباد ۾ سندس والده جي نالي ۾ ڪملا اسڪول هوءِ هاڻ ڪار بمبئي ۾ پڻ پنهنجن پئسن سان هنن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

زمين وٽي ماتا جي ياد ۾ ڪملا اسڪول کوليو آهي، جنهن ۾ پندرهن سؤ کن شاگرد آهن. جنهن جي پرنسپال سندس سالي مس سيتا سامتاڻي آهي، جا ”سرسوتي“ سنڌي اخبار جي ايڊيٽر پڻ آهي.

پاڻ بار بار اهو به پڇي رهيا هُئا، ته آيا سنڌ جي نئين ٽَهيءَ کي پنهنجي زبان ۽ ادب سان لڳاءُ آهي يا نه. باقي هندستان ۾ جيڪو سنڌين جو نئون نسل آهي، ان بابت ڪيس ڏک هو ته هنن ۾ انگريزيءَ جو واهپو وڌي ويو آهي. ان ڪري هو ۽ ٻيا ڪيترا ان ڪوشش ۾ آهن ته سنڌي ٻولي هن موجوده عربي لپي مان ڦيرائي ديوناگري لپي ۾ هلائي وڃي، جو اهو ئي هندستان ۾ ٻولي بچائڻ جو واحد طريقو آهي.

پر ان ساڳئي راءِ تي سيٺ سيتل ۽ ٻين ڪيترن جي ڳالهين مان مون اندازو لڳايو ته گهڻن کي ان سان اختلاف آهي ۽ هو ان جي حق ۾ نه آهن. تازو بمبئي ۾ ڪوناڀل ”سنڌي جاتي جي ميلي“ ۾ پڻ ڪيترا ان حق ۾ هئا ته سنڌي ٻوليءَ کي اصلي صورت ۾ ئي ڇڏيو وڃي. ايتريقدر جو سؤ ورهين تي پهچندڙ سنت ليلا شاهه پڻ اها تلقين ڪئي: ”ٻولي پنهنجي نه ڇڏيو. ٻوليءَ جي اظهار لاءِ جيڪا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ودوانن لپي جوڙي آهي، انکي نہ ڇڏيو. “’سنڌي ٻولي امر رهي، سنڌي لپي زنده باد‘ جا نعرا لڳايا ويا هُئا.

بهرحال سنڌي ٻولي کي ديوناگري لپي ۾ ڦيرائڻ جو ويچار ائين پيو لڳي، جيئن ڪجھ وقت اڳ سنڌ ۾ پڻ ان تي ڪافي بحث پئي هليو تہ آيا عربي لپي ڦيرائي رومن ڇو نہ ڪئي وڃي.

تازو سنڌ جي ڪن اخبارن ۾ اها خبر شايع ٿي هُئي تہ سنڌي مشهور پُراڻو ڳائڻو(نارو شاهہ جو رهاڪو) ماستر چندر (جيڪو اڄُڪلھ هندستان ۾ رهي ٿو) وفات ڪري ويو آهي. منهنجي پر ۾ ٻئي پاسي چندر جو ناٽي رام وينو هو. تنهن کان ان خبر جي تصديق ڪيم تہ هن سان گڏُ ٻيا بہ ڪلڻ لڳا ۽ آءٌ وائڙو ٿي ويس. پر پوءِ هنن ٻڌايو تہ، ”اهو افواهہ هندستان ۾ بہ ايترو عام ٿي ويو هو. تو وانگر جيڪو ٿي مليو، تنهن ٿي پڇيو. پر حقيقت اها آهي جو هو اجان زنده آهي ۽ نوينو آهي.“

ٻنر کان پوءِ ڳائڻ وڄائڻ، سوانگن ۽ ننڍڙن ڊرامن جو دؤر شُروع ٿيو ۽ معلوم ٿيو تہ هيءَ راڳ جي محفل صبح پنجين تائين پئي هلندي، مون کي جيئن تہ جلد وڃڻو هو سو جيئن ئي گهڙيال جا ڪانٽا ساڍن يارهن تي پهتا تہ اٿي کڙو ٿيس. دل نٿي چاهيو وڃڻ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تي، پر مجبوري منهنجي پرين ۾ زنجيرَ وجهي ڇڪي آني ٻاهر ائشلي روڊ (Ashley Road) تي بيهاريو. چپ چاپ ٽئڪسي کي هٿ جي اشاري سان بيهاري دڙ ڪولي وينس تہ ان وقت، حايات هوٽل جي مٿئين فلور تان ڪورس جي انداز ۾ راڳ جو هلڪو ۽ ڇٽيل آواز هيٺ پڌرڻ ۾ آيو:

"آنڌيءَ ۾ جوت جلائڻ وارا سنڌي،
خاڪ کي سون بنائڻ وارا سنڌي..."

چيني ڊرائيور موٽر گيئر ۾ وڌي ۽ هئپانگ روڊ ۽ ناٿن روڊ وٽان ڦري اچي جارڊن روڊ فيري اسٽيشن تي ڇڏيو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# اڃا آهيان مان جوان

## ربُ رُسي مت ڪسي

گذريل هڪ مضمون ۾ ذڪر ڪري چُڪو آهيان ته هانگ ڪانگ جون هوٽلون آرامده ۽ سئيون آهن. آرامده سان منهنجو مطلب اهو آهي ته انهن ۾ ٻين ملڪن جي هوٽلن جيان اجايو گوڙ شور ناهي. ٿائلنڊ ۽ ملائيشيا جي ٻن هوٽلن ۾ رهڻ ٿيو انهن ۾ رهندي ائين ٿي لڳو ڄڻ ماڻهو پنهنجي گهر ۾ ٽڪيو پيو هجي. سڄو ڏينهن گوڙ شور. هل هنگامو ڪا ٻڌڻ واري پهر نه. جي ٻُڌڻ واري ڪا پهر موجود ته سمجهڻ واري نه ۽ جي ڪنهن سمجهيو ٿي ته جواب ڪونه ٿي مليو. نلڪن ۾ هميشه پاڻي غائب. ڇت وارو بلب صحيح هوندو ته ٽيبل لئمپ وارو فيوز ٿيل.

پر ڪولون جي ميرامار هوٽل جي ٻي ڳالهه هُئي. ان ۾ ڪجهه ڏينهن ترسڻ ٿيو. سندس خاموشي ۽ سڪون ڏسي ڳوٺ جي نوائي رات ياد ايندي هُئي. بس فرق فقط اهو هو ته رکي رکي ڪنهن ڇتي ڪُتي جي ڀؤنڪار بدران، هيٺ رستي تي لنگهندڙ اوچتي بريڪ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. سو به تڏهن جڏهن دريءَ ڪليل رکبي هُئي. نه ته ڪمرو ايئرڪنڊيشنڊ هئڻ ڪري دري گهڻو تڻو بند رهندي هُئي. لفٽ (ايليويٽر) گرلز ۽ روم بئرا اهڙا سلڇڻا ۽ فرمانبردار جو ڪڏهن ڪڏهن نه سڏبو هون تڏهن به پاڻهي در کولي اڳ ۾ ٻڌي پڇندا، ”سر، توهان سڏيو ڇا؟“

اهڙي پُرسُڪون ماحول ۾ شاعر ۽ سائنسدان کي سوچڻ ۽ سمجهڻ جو سٺو موقعو ميسر ٿي سگهي ٿو. پر اسان مستري ماڻهن جو اهو حال هو جو رڳو ننڊن تي زور هوندو هو. جهاز جي انجڻن جي گوڙ گهمسان جي زندگيءَ مان جو اهڙو پرسڪون ۽ خاموشيءَ وارو هفتو ملي ويو سو ننڊن ۾ ئي بسر ٿي ويو. اسان به ڇا ياد ڪنداسين ته ”وٽڻ پوڪڻ جو هفتو“. وغيره وغيره. (۽ ’وغيره وغيره‘ جي هڙ ۾ ٻيا ڪهڙا هفتا اچيو ٿا وڃن. تن جي مون کي پاڻ سُڌ ناهي، في الحال، ته اڄ تائين ڪونه ملهائي سگهياسين. پر ننڊن جو هفتو ته ملهايوسين.

ان هوٽل ۾ رهڻ دوران. هڪ ڏينهن ڪنهن دوست کي اچڻو هو. سوچيم ته ڪمري تائين پهچندي متان هن کي دقت ٿئي سو هيٺ لائونج (بينڪ) ۾ اچي وينس جتي ايندڙ ويندڙ مسافر ۽



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ملاقاتي انتظار ڪندا آهن. ڪنڊ واري ڪوچ تي ٽيڪ ڏئي وينس ۽ اوسي پاسي ۾ وينلن کي ڏسندو رهيس. هڪ ڪنڊ ۾ جپاني صحافي بئگ اڳيان رکي ڪو ناول پڙهي رهيو هو. هن کي هوائي اڏي تي پهچائڻ واري بس جو انتظار هو. هو هڪ ڏينهن اڳ به ماڻيءَ تي مليو هو. هن ٻڌايو هو ته هو اوساڪا مان نڪرندڙ هڪ ڏهاڙي جپاني اخبار ”شمبون“ جو نمائندو آهي ۽ هانگ ڪانگ ۾ انهن ڏينهن ۾ هلندڙ چينين جا فساد ۽ ڪن اهم ماڻهن جا انٽرويو وٺڻ لاءِ آيل آهي. ان ڪان سواءِ باقي ٻين ڪوچن تي ڏهه ٻارهن پوڙهين جو وڳر وينو هو (يا اجان به ”وڳر“ بدران لفظ ”ڌڻُ“ استعمال ڪرڻ مناسب رهندو) عمر ۾ شايد ئي ڪا سٺ سالن کان هيٺ هُجي. (پُڇي پڪ ڪرڻ ته بيڪار هو جو ڪا به چاليهن کان مٿي نه ٻڌائي ها. ڇو جو عورت چاليهن سالن جي عمر تي پهچي پوءِ ساڳيو سال گهٽ ۾ گهٽ ويهارو سالن تائين ڳڻيندي آهي ۽ هونءَ به عورت کي پنهنجي صحيح عمر نه ٻُڌائڻ کپي. ڇو جو اها عورت جيڪا پنهنجي عمر به ٻين کي ٻڌائي سگهي ٿي، سا ڪو به راز دل ۾ سانڍي نه سگهندي) چخ چخ. انگريزيءَ ۾ ٻڪ ٻڪ ڪري رهيون هيون. ان ڪان اڳ مان فقط انجڻ جي گوڙ کان مرعوب هوس ۽ سوچي به



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نٽي سگهيس ته ايتريون ٿوريون ساهه واريون شيون ايڏو گوڙ پيدا ڪري سگهن ٿيون. ائين ٿي لڳو ڄڻ هڪ ئي وقت سڀ ڳالهائي رهيون هجن ۽ اهو ڳولڻ ته انهن ۾ ٻُڏي ڪير رهي آهي، ايترو ڏکيو ڪم هو جيترو بنا ڄاڻ سڃاڻ جي پنهنجي ملڪ ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ. دل ۾ چيم ته پائو توبه هن هوٽل ۾ ڪافي آرام فرمايو هاڻ هيءُ به لقاءُ ڏسي ڇڏ.

اهي سڀ گوري چمڙيءَ واريون پوڙهيون ڪنهن دور دراز ولائت کان "هاليڊيز" يعني موڪلون ملهائڻ ۽ گهمڻ خاطر هانگ ڪانگ آيل هيون يا گهمي هاڻ روانيون ٿي رهيون هيون. امير ملڪن جون ان عمر ۽ قسم جون عورتون هانگ ڪانگ، سنگاپور، ٿائلنڊ، هوائي، تهتي، ڪنري بيٽ، ٽرينڊاڊ ۽ ٻين آفريڪا ۽ ايشيا جي ملڪن ۾ گهمڻ خاطر نظر ايندين ۽ خاص ڪري شام جي وقت پارڪن يا سمنڊ جي ڪناري تي پنهنجي گذريل ماضِيءَ ۽ لٽيل شباب کي ياد ڪنديون آهن. سندن چال ۽ ڳالهه ۾ اهڙو نخرو هوندو آهي جو ڄڻ ننڍيون نيٽيون هجن. انهن جو هجوم هوٽل ميرامار جي لونج ۾ منهنجي چوڌاري ويٺو هو. سيني پوڙهين جا وارَ اڇا اڇا جهڙا چاندي. ڪنهنجي ڪا چگ اڌ پورسري يا سليٽي پڻ هُئي. اڌ کان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وڏيڪ ڪي اڪين تي عينڪون چڙهيل هيون. صحيح عمر جي لحاظ ڪان سڪل ڪارڪون ٿي لڳيون. پر ميڪ اپ جا تهه چڙهيل هجڻ ڪري ”مومل نه ته مومل جي ماءُ ته آهيان“ وارو ڪم هو. ڪپڙا پڙڪيدار ۽ ڳوڙهن رنگن جا. انهن جي سلائي ڪٽنگ جو نمونو وٽ ۽ ڪوشش آهر نوجوان ڇوڪرين جي ڪپڙن جهڙو.

ان وقت جي آءُ اٿي ٻيهي ڪين رڳو ايترو چوان ها: ”او پوڙهيون، توهان ڪٿان نازل ٿيون آهيو؟“ ته سڀ گڏجي مون تي خوني حملو ضرور ڪن ها. پر مولا حقئون به رکي ناحقئون به رکي. مون ارادو بدلائي فقط آهستگيءَ سان پر ۾ ويٺل هڪ ڪُراڙي (جنهن سان نه ڪو ڳالهائي رهيو هو ۽ نه جنهنجي ڪو ڳالهه ٻُڌي رهيو هو) کان پڇيم: ”مئم، توهان انگلنڊ يا آمريڪا کان ته نه آيا آهيو؟“ منهنجو سوال پُڇڻ ۽ ليسوڙيءَ جي جنڙيءَ وانگر منهنجي جان نه ڇڏڻ. جڻُ هن جي ماٿ جو روزو کليو. مون ڏٺو ته منهنجي سوال تي هن جو چهرو اهڙو خوشيءَ مان ٽمٽار ٿي ويو. جيئن چاليهي جي روزي ۾ ٻانگي جو آواز ڪن تي پوڻ تي ٿيندو آهي. ”هوءَ اڳهين ويني هُئي رُني، ويتر جو آيس پيڪان نياپو“ وانگر مون سان ڳالهائڻ (بلڪ ڪنهن سان به ڳالهائڻ) لاءِ ڪا تيار ويني هُئي ۽ بنا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هم يا تم ڪرڻ جي شُروع ٿي وئي ۽ هي بندو گندو ”الف“ کان ”ي“ تائين سندس داستان، ڪنن مان ڪپهه ڪڍي ٻُڌندو رهيو. وچ وچ ۾ ڪجهه چرچا به ٻُڌائيندي رهي ـ جن ۾ ڪا خاص ڳالهه مون کي ته ڪانه ٿي لڳي (ٿي سگهي ٿو ته منهنجي سمجهه کان مٿي هجن). پر وڏي غور سان ڪن ڏئي ٻڌم ته جيئن چرچو ختم ٿئي ته صحيح مهل تي پنهنجا ڏند، ڏانون (عقل ڏانون پڻ) تيڙي، کلي کيس اهو احساس ڏياريان ته سندس ڳالهيون مزيدار ۽ دلچسپ آهن.

معلوم ٿيو اهي مايون انگلنڊ يا آمريڪا جون نه پر آستريليا جون آهن ۽ هفتو کن رهي هاڻ واپس وطن ڪوچ ڪري رهيون آهن. ڪلاڪ ڏيڍ اندر سندن لاءِ هوائي ڪمپني طرفان بس ايندي جا کين هوائي اڏي تائين ڊوئيندي. ان بعد ميلبورن (آستريليا) تائين ايئر فرانس جو جمبو جيٽ ڪٽي ويندن. بدقسمتي چئجي يا خوش قسمتي (پڪ نه اٿم) ته هي لَڏو منهنجي اچڻ کان هڪ ٻه ڏينهن اڳ هن هوٽل ۾ وارد ٿيو هو. بدقسمتي سان سندن ڪمرا منهنجي آسپاس وارا هُئا. پر چڱو جو خوشقسمتيءَ سان واقفيت اڳ نه ٿي، نه ته هنن ڪراڙين جون جوان ڳالهيون مون کي هڪ هفتي اندر پوڙهو ته چا، ڏکي قبر پيڙو ڪن ها.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسان جي طرفن جي ملڪن ۾ جڏهن عورت ان عمر جي ٿيندي آهي تہ ڪنڌ پاسو وسائي رب جي بندگي ڪرڻ، ٻارن جي قاتل ڪپڙن ۾ چتيون هڻڻ. يا ٻارن ڪي اجايو پاٽي هارڻ ۽ صبح جو دير تائين سمهڻ کان منع ڪرڻ. يا قبر جي زندگي ۽ جنت جهنم جي سزا ۽ جزا جون ڳالهيون ويهي ٻڌائيندي آهي پر گورن ملڪن جون مڙسن کان رُنل (گهٽو ڪري)، اولاد کان ڌڪاريل، هي پوڙهيون گهر ٻار ڇڏي، ڪمزور جسم کي ٿلڪائينديون، ٽاپا ۽ ڌڪا کائينديون هانگ ڪانگ، سينگاپور، بيروت، جپان ۽ ٻين اهڙن ملڪن (جن جي سياڻي حڪومت سياحن جي اچڻ لاءِ پنهنجي ملڪ جي تعريف ۾ اشتهاربازي ۽ پروپيگنڊا پٺيان ڪافي خرچ ڪيو آهي) جي گهٽين، بازارين، ڪلبن، هوٽلن جي آڳندن ۽ سامونڊي ڪنارن تي ڦرنديون آهن ۽ سندن وطن ۾ رهندڙ باقي پاڙي وارين پوڙهين ڏي فوٽو ڪارڊ لکنديون آهن: ”ڪاش تون بہ هتي هُجين ها. مان هانگ ڪانگ ۾ تمام سٺو وقت پئي گُذاريان“ سٺو وقت پاڻ تہ نہ، البت ان ملڪ جون هوٽلون ۽ هوائي ڪمپنيون اهڙين پوڙهين جي بچيل پونجي هضم ڪري گذارينديون آهن. ان کي چئبو آهي، شايد تہ: ربُ رُسي، مت ڪسي، هٽي ڪوٺ هٿيار.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بهرحال سائين، منهنجي پرسان ويٺل ”محترمه“ - جنهن لاءِ پهرين تہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڪهڙي لقب سان مخاطب ٿيانس. پر پوءِ هر وقت مئڊم جو شارٽ فارم ”مئم“ ئي چوندو رهيوسانس. ان ڪري اسان جي ملڪ ۾ ڪنهن اوپري يا ڌارئين عورت سان ڳالهائيندي دقت نہ ٿي ٿئي، جو اسان وٽ فقط ٻن قسمن جون عورتون آهن. جي عمر جي وڏي تہ ”امان“ يا ”ماسي“ ۽ ننڍي تہ ”ادي“ يا ”پيڻ“. سو هيءَ اسان جي پر ۾ ويچل پوڙهي - جا جوانيءَ ۾ (بلڪ قوهہ جوانيءَ ۾، جو جوان تہ هينئر بہ هن پاڻکي سمجهيو ٿي، پر قدردانن جي کوٽ هئڻ ڪري ’حال منهنجو هينئن ٿيو‘ وارو قصو هو) حسن ۽ سونهن سوپيا ۾ غضب يا ڪٽي چئجي قيامت هئي (بقول سندس). ۽ اجان بہ پنهنجو پاڻ کي ”ڏندين ڏاند پر ڪُرين ڳابي“ سمجهي رهي هُئي - ڪاسميٽڪ ڪمپنين جي مهربانين سان ٽي شاديون ڪري چُڪي هُئي، پر بقول سندس، مڙس ڪيس ڪو راس نہ آيو. هوءَ اجا تائين اهڙي مڙس جي ڳولا ۾ هُئي، جنهن تي هوءَ ڪالونيءَ وانگر حڪومت ڪري سگهي. هوءَ مون کي ”شاديءَ“ ۽ ”مڙس“ جي عنوان تي ائين کُلي ڳالهيون ٻُڌائي رهي هُئي، جيئن ڪو اناٽامي جو پروفيسر امتحان کان بہ چار ڏينهن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اڳُ پنهنجي شاگردن کي جلدي جلدي سڄي جسم جي عضون بابت ٻڌائي. پاڻ چيائين: ”عورت هڪ ڪليل ڪتاب آهي، پر پاڪيٽ سائيز جنهن کي بستر ۾ پڙهڻ کپي“ ۽ هوءَ پڙهڻ جا مختلف طريقا ۽ بيون ڳالهيون ان سان وابسته ٻُڌائيندي رهي. ڪيس ٻُڌائڻ ۾ ايترو به شرم نه پئي آيو جيترو مون کي ٻُڌندي.

هن جي مختلف عنوانن جي ڳالهين مان اهو اندازو لڳايم (بلڪ پوءِ پاڻ به کُليءَ طرح دل جو حال اوريائين) ته هوءَ هن راڄ ۾ ۽ هن عمر ۾ اجان ڪنهن راڻي جي تلاش ۾ آهي. ڏاڍو تعجب ڪاڏم ته عورت آهي يا ڪرڙي، مڙس کي جيت سمجهي هڪ ٻئي پنيان ڳڙڪائيندي وڃي. دل ۾ خيال آيو ته چوانس: ”هاڻ گهٽو ئي ٿيو هاڻ ٻئي جنم جو انتظار ڪر.“ ۽ اڪيلي هُجي ها ته پڪ چوانس ها ته : ”او مائي! هي تنهنجي شادي جا ڏانهن آهن يا مرڻ جا ـ بلڪ ٻڏي مرڻ جا!“ پر مار جي ڊپ کان شايد. يا اجايو ککر ۾ ڪڙو هٽڻ کان ۽ اهو به سوچي ته متان هن کي ڏک ٿئي ته آسٽريليا ۾ ته هن جا قدردان نه آهن، پر ايشيا جي بکايل ملڪن جا ماڻهو به چٽ آهن. ۽ ڪجهه ڪيس سندس حال ۽ ٻتاڪ تي خوش رکڻ خاطر ته پنهنجي وطن خوش ٿي وري، چپ چاپ شيدي نوڪرن وانگر ٻڌندو رهيس.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پاڻ هڪ ٻه اهڙو سوال پڇيومانس ٿي، جنهن مان هن جي زخميل "انا" ۽ "آهيان اڃان مان جوان" جي احساس کي تقويت ملي ٿي. مثال طور: دل تي پٿر رکي پڇيومانس: "لڳي ٿو ته توهان ڄاڻ ته چوٿين شادي ڪئي. ڪيترائي اميدوار هوندا. جن مان ڪنهن کي ڳولڻ ۾ توهان کي دقت پئي ٿيندي هوندي." ته ٿڌو ساهه ڪڍي، سگريٽ جو ڊگهو ڪش هڻي ورائڻ لڳي، "الائي، اڃا ته ٻه چار سال آرام ڪرڻ جي موڊ ۾ آهيان." ۽ وري هڪ ٻيو ان ڪينٽ سگريٽ جو ڊگهو ڪش هڻي چوڻ لڳي، "دراصل دنيا ۾ مرد تمام گهٽ آهن ۽ عورتون تمام گهڻيون. جيئن موٽرون تمام گهڻيون ٿي پيون آهن ۽ پارڪنگ جي جڳهه گهٽ. ڪو مڙس هٿ ڪرڻ به اڄُڪلهه ائين آهي، جيئن وچ شهر ۾ پارڪنگ لاءِ جڳهه ڳولڻ. ۽ جيئن جڳهه حاصل ڪرڻ لاءِ توهان کي ڪنهن نه ڪنهن ڪار جي پٺيان ترسي ان جي نڪرڻ جو انتظار ڪرڻو پوي ٿو. تيئن مڙس حاصل ڪرڻ لاءِ به ڪنهن نه ڪنهن جي ڪڍ لڳڻو پوي ٿو - جيسين هنجي پهرين زال مري يا طلاق وٺي ته پوءِ ان جي جڳهه ماٽي سگهجي." پاڻ ٻين پوڙهين سان به تعارف ڪرايائين. ان گروپ ۾ اڌ ڪن ته هن جهڙيون ئي هيون. جن جي ٻي يا ٽين شادي بعد طلاق



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٿيل هُئي. پيون مڙسن کان رُنل هيون. ڪي مڙسن سان وڙهي اڪيلي سر گهمڻ نڪتيون هيون ته ڪي ٻارن ٻچن کان الڳ ٿلڳ هيون. بلڪ ٻار ٻچا هنن کان الڳ ٿيل هئا ـ جيئن اڪثر مغربي ماحول ۾ عام آهي.

پاڻ پنهنجي انيڪ عشقن (حد تڪميل تي نه پهتل) جون ڳالهيون به ٻڌائيندي رهي (جن مان ڪيتريون مون کي ائين لڳيون جڻ ته هن ڪان اڳ به ڪنهن فلم يا ڪتاب ۾ پڙهيون هجنم) ته نقلي ڏندن جي جُت سان چيغم به چٻاڙيندي رهي. ايتري ۾ سندس بس اچي نازل ٿي ۽ ٽريولر ايجنسيءَ جو ماڻهو پڻ ـ جيڪو هنن کي ڊورن وانگر ٻاهر مين گيٽ ڏي هڪلڻ لڳو. اٿڻ مهل پرس مان پنهنجو هڪ فوٽو ڪڍي ڏنائين. جو سندس تڏهن جو هو جڏهن هوءَ ويهن سالن جي ڪاليج گرل هُئي ۽ اجا آسٽريليا لڏي ڪانه آئي هُئي ۽ انگلنڊ جي ڪنهن ڏاڪٽي ڪائونٽِيءَ (ضلعي) ۾ رهندي هئي. (خبر ناهي ته ان فوٽوءَ جون ڪاپيون ٺهرائڻ ۽ هڪ مون کي ڏيڻ ۾ چا رکيو هو.) "مهرباني" چئي فوٽو قبول ڪيومانس ـ ۽ هڪ دفعو وري ڪيس ۽ ان فوٽو ۾ سندس خوبصورت تصوير کي ڏٺم. چا ته غضب جي فگر لڳي رهي هُئي ان فوٽوءَ منجهه! ٽيهارو سال اڳ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي گوگو گرل ۾ مستاني مورت ڪي عشقن ۾ چيغمن هٽي پٻو ۾ گوشت جو لڙڪيل ڍير ٻڌائي ڇڏيو هو ـ جو منهنجي اڳيان رڙهي ٻاهر بس ڏي وڌي رهيو هو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# مصري عرب سان شام ـ ڪولون جي مسجد

منهنجي دوست کي اچڻو هو سو نه آيو ۽ آءٌ به هڪ فرمانبردار عاشق ۽ وانگر. ڪجهه دير ٻي به انتظار ڪرڻ لڳس. دراصل ٻئي ڪنهن هنڌ وڃڻو به نه هوم. سو اتي ئي ان هوٽل جي لائونج جي ڪوچ تي اهليو پيو هوس. ڪي آيا ڪي ويا پئي. هڪ ٽولي ڇوڪرين جي آئي هڪ ئي يونيفارم ۾. چوڙيدار پجاما، پرت جا رنگين پهراڻ ۽ ڳچيءَ ۾ پوتيون. ٻڌري ٻڌايو ته انڊين ايئر لائنز جون ايئرهوسٽس آهن. ڪجهه چيني، ڪورين، ملئي ماڻهو پڻ ويٺا هئا ۽ ٿوري دير ڪان پوءِ ويندا رهيا. ڪجهه ٻيون پوڙهيون ڪاڪڙ ڪوڪڙ آمريڪن عورتون پڻ اچي ويٺيون. جي تازو آمريڪا ڪان هانگ ڪانگ گهمڻ آيون هيون ۽ هوٽل ۾ جيسين انهن لاءِ ڪمرا ٺهن ۽ لڪ پڙهه ٿئي، تيسين ويٺيون رهيون. اڪيلو ئي اڪيلو ۽ خاموش ويهي ويهي جيتوڻيڪ ڪڪ ٿي رهيو هوس، پر انهن پوڙهين سان ڳالهه ڇوري مغز ڪپائڻو ڪونه هو ـ اهو سون ئي گهوريو جو ڪن چني. هڪ پوڙهي جنهن کي ڪو فلمن جو شوق ٿي ڏٺو. (يا بهانو ڪري منهنجو مغز ٿي ڪاڏائين) ويجهو سري مون ڪان انگريزيءَ ۾



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پڇيو تہ ”هانگ ڪانگ ۾ ڪا رچرڊ برٽن جي فلم هلي رهي آهي.“ ڪلهن کي جهٽڪو ڏئي اشاري سان گڏ جپانيءَ ۾ چيومانس، ”ايگو گا وَڪاري ماسين.“ (انگريزي نٿي اچيم.) ۽ هوءَ ٽڏو ساهہ کڻي منهنجي پچر ڇڏي سامهون ويٺل هڪ سنگاپور جي واپاريءَ جو مٿو کائڻ سان گڏ، رچرڊ برٽن ۽ مارلن براندو جو جلاب وٺندي رهي. پر اڳلي جي منهن مان سخت بيزاري پئي بَکي. ان عنوان ۾ هن جي تر برابر بہ دلچسپي ڪانہ ٿي ڏٺي. هن جي دل شايد آمريڪن ڊالر جي ڊيوئليوئشن، فلوٽنگ ۽ سنڪنگ (*Devaluation,Floating, sinking*) جي چڪرن ۾ ٿي ٻُڏي اپري رهي هئي. انهن ڏينهن ۾ آمريڪن ڊالر جو ٻيو دفعو *Devaluation* ٿي هئي ۽ هو تنگ ٿي مارلن براندو ۽ رچرڊ برٽن جي پوڙهي عاشقياڻيءَ کي ڇڙٻ ڏي،ان کان اڳ آءٌ اتان اٿي پري ٻئي پاسي منهن ٽيل ڪوچ تي وڃي ويٺس. جنهن جي آس پاس ۾ بہ جپاني ڪٽنب ٻارن سميت ويٺا هئا ۽ منهنجي بلڪل سامهون هڪ همراهہ اخبار ڏسي رهيو هو. اخبار هن رکي تہ مون هن ڏي ۽ هن مون ڏي ڏٺو ۽ پوءِ ڪجهہ دير لڳاتار ڏسندا رهياسين. هن منهنجي چهري مان پڙهيو ۽ مون هن جي مان. اسان ٻئي جيتوڻيڪ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

الڳ ملڪن ۽ قومن جا هئاسين. پر پوءِ بہ پنهنجائپ لڳي رهي هُئي. آءٌ سندس چهري ۽ شبيهہ مان سمجهي ويس تہ آهي تہ ڪو عرب، ۽ عرب بہ مصر يا شام جو. مون ڪانئس پڇيو تہ: ”توهان عرب تہ نہ آهيو؟“

هن پهرين هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. منهنجي ان اوچتي ۽ اوپري سوال تي سندس چهري تي ڪجهہ خوف ۽ شڪ ظاهر ٿيو تہ آيا منهنجي ”عرب“ مان سٽي مراد آهي يا نفرت آميز. ان جو سبب ۽ هن جي اها بيچيني آءٌ سمجهي ٿي سگهيس ۽ اها جائز هُئي جو تازو بہ ڏينهن اڳ ميونخ جرمني ۾ اولمپڪ راندين دوران فلسطيني گوريلن جي بليڪ - سيپٽمبر تحريڪ ۽ اسرائيل جي رانديگرن جو واقعو رونما ٿيو هو. جنهن کي مغربي پريس خوب اڇاليو ۽ *Exploit* ڪيو هو ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ماڻهن کي خبر پئجي وئي هُئي. هانگ ڪانگ ۾ بہ ان ڏينهن کان هر روز ان قسم جي سرخي صبح ۽ شام جي اخبارن ۾ آئي ٿي ۽ ماڻهن جي دل ۾ عربن لاءِ نفرت پيدا ڪئي وئي ٿي. اهڙي ماحول ۽ وقت ۾ ڪنهن اوپري کي ٻڌائڻ تہ مان عرب آهيان، معنيٰ هن جي هر رمارڪ - ويندي گار گند ٻڌڻ لاءِ تيار رهڻ.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مون محسوس ڪيو تہ منهنجي سامهون ويٺل همراهہ جي دل پيڻگهہ وانگر ”ها ۽ نہ“ جي وچ ۾ لُڏي، نيٺ حقيقت ۽ سچ طرف بيهي رهي.

”ها، مان عرب آهيان. ياءُ.“ هن صاف ۽ صحيح انگريزيءَ ۾ جواب ڏنو ۽ پنهنجو ڪوٽ ۽ ٽائي درست ڪري، رومال سان پيشاني تان پگهر اگهيو.

”منهنجي خيال ۾ مصري تہ نہ آهيو؟“

منهنجي ان ڏُڪي تي ڏاڍو خوش ٿيو. مون بہ پنهنجو تعارف ڪرايومانس تہ اتي بيهي ايڏو تہ حُب مان ياڪر پاتائين ۽ کيڪاريائين جو منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

هو آسٽريليا کان اچي رهيو هو جتي مصر جي سفارتخاني ۾ ٽي سال اتاشي ٿي رهيو هو ۽ هاڻ مُدو پورو ٿيڻ تي پنهنجي وطن وڃي رهيو هو. کيس هانگ ڪانگ ۾ اڏام بدلائي ٻي ڪمپني جي جهاز ۾ ٻئي ڏينهن قاهره روانو ٿيڻو هو. سندس گهر قاهره ۾ زملق گهٽِيءَ ۾ آهي ۽ سندس نالو ”توفيق محمود“هو. عمر ۾ مون کان ڏهہ ٻارهن سال وڏو ٿي لڳو. کليل پيشاني ۽ چهري جي نموني مان بيحد ذهين ۽ سمجُهو ٿي ڏٺو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هڪ ٻئي سان تعارف ڪرايوسين ۽ هڪ ٻئي جي ملڪ گهمڻ ۽ مهمان ٿي رهڻ لاءِ هڪ ٻئي کي دعوتون ڏنيونسين. ان بعد ڪيترن ئي موضوعن تي ڳالهائيندا رهياسين. هو به مون وانگر واندو هو. گهمڻ جو ڪيس شوق صفا ڪونه ٿي ڏٺو ۽ ويٺو رهيو. هانگ ڪانگ ۽ مغربي ملڪن مان آيل اخبارن ۾ ڏنل هڪ طرفيون ۽ جانبدار خبرن، مراسلن ۽ ادارين بابت هو پڻ افسوس ڪندو رهيو ته دنيا جو ـ خاص ڪري پريس جو ضمير اڄُڪلهه ڪٿي آهي، جو هو عربن ۽ مظلوم فلسطينين تي ايتري اجائي ٽڪ لعنت ڪري رهيا آهن. جڏهن ساڳيو ڪم پاڻ وڏي پئماني تي يهودي، فلسطينين سان ڪن ته اها ساڳي پريس ان کي ظلم يا ڪوس نٿي سڏيو. ويتر ان کي آزادي ۽ حق جي جنگ ٿي ڪوٺيو. جڏهن يهودي، غريب فلسطينين کي بي گهر ڪيو تڏهن ڪنهن کي قياس ڪونه ٿي آيو.

ڳالهائيندي ڳالهائيندي توفيق جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا ۽ دل پرجي آيس ۽ ڏک مان چيائين، ”چا اهو 1967ع وارو نظارو دنيا وساري ويٺي آهي جڏهن اسرائيل غريب فلسطينين کي لوڏي ڪڍيو. چا دکدائڪ نظارو هو. ٽيهه هزار انساني جانيون پنهنجي ئي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گهر مان بي گهر ٿي رهيون هيون ـ مرد، ننڍڙا ٻار مائرن جي چولن ۾ چهٽيل، پوڙها، عورتون جن کي ڪڇن ۾ تازا ڄاول ٻار، خوف کان ڏڪندا، رئندا، ڊڄندا تتل واريءَ تان قافلن جي روپ ۾ اڻڄاڻ ڀيانڪ مستقبل ڏي وڌي رهيا هئا ۽ اهي ظالم اسرائيلي سپاهي بندوقن جي سنگينن سان کين ڌڪي رهيا هُئا، لوڏي رهيا هُئا.“

”مجون ٿا تہ جيڪي ڪجهہ ميونخ ۾ ٿيو يا هوائي جهاز هاءِ جئڪ ڪرڻ يا لنڊن ۾ يهودين جي دڪانن ۾ بم ڇڏڻ، جنگ جي اصولن جي خلاف ۽ غير مهذب ڳالهہ آهي، پر بقول فلسطينين جي، (جن کي پورا هٿيار نہ آهن) اسرائيل ـ جنهن کي آمريڪا جهڙي طاقتور ۽ امير ملڪ جي هٿي آهي، ان جو جنگ جي ميدان ۾ مقابلو ڪيئن ٿو ڪري سگهجي. هن لاءِ تہ اهو ئي طريقو آهي تہ گوريلا جنگ وڙهجي. ان ۾ خاص شيءِ اها ڏسڻي پوندي آهي تہ ٽارگيٽ ڪٿي نديو هُجي، پر ڪاميابي سؤ سيڪڙو هڙ پوي. ڪٿي هيسائڻ کان ڪم وٺڻ، ڪٿي دشمن کي منجهائڻ ۽ خوف ۾ رکڻ، ڪٿي هن کي ان قسم جا ننڍا نقصان پ هچائڻ، جنهن جي هن کي اميد نہ هُجي ـ گهڻو اثر رکي ٿو. سو هنن لاءِ ويٽنام جهڙي گوريلا جنگ جوڙڻ ئي درست آهي. دنيا هنن مظلومن کي هميشہ سٽائيندي رهي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۾ وساريندي رهي. گهٽ ۾ گهٽ هاڻ دنيا اهو تہ محسوس ڪيو آهي تہ فلسطيني بہ ڪي انسان هن ڌرتيءَ تي آهن ـ جن سان ظلم ٿيل آهي.“

منهنجي من ڪي منجهائيندڙ هڪ ڳالهہ پڇيمانس، ”يلا، ياءُ هوائي جهاز يا دڪان ختم ڪرڻ تي معصوم ۽ بيگناهہ جانيون بہ تہ تباهہ ٿين ٿيون، ان لاءِ *Justification* هئڻ ڪپي؟“

”هر هڪ جي من ۾ ساڳيو سوال ڪر موڙي منجهائي ٿو. ڊاڪٽر هباش ۽ ليليٰ خالد ڪان جڏهن ان بابت لائيف ۽ ٽائيم رسالن جي نمائندن پڇيو تہ هنن وراڻيو. ”فلسطين گوريلن جون سڀُ تحريڪون ان ڪان گُريز ڪن ٿيون تہ ڪوبہ معصوم شڪار بڻجي، پر سوال آهي تہ ڇا ڪو اهڙو سرجن آهي جو بنا رتُ واهڻ جي ڪا آپريشن ڪري سگهي.“ بهرحال هن عرب گوريلن جي عمل ڪي خراب ٿا سمجهن ڪي سنوءِ سچ اهو آهي تہ ان خرابي ۽ سنائي جي وچ ۾ ايترو گهٽ ويچو ۽ ڪمزور سرحد آهي، جو ڪچي ڏاڍي وانگر ڪٽي بہ ٽٽي سگهي ٿي، اجهو هيئن.“

توفيق ڪي چانهہ پاڻي جي صلاح ڪري سامهون هوٽل ميرا مار جي بار ۾ وٺي آيس. ڪانئس ڪائڻ پيئڻ جي پسند پڇيم. هي شايد



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پهريون عرب مون سان مليو هو جنهن شراب ۽ عورت کان پاسو ٿي ڪيو. هو ڪيتري دير مون سان ڳالهيون ڪندو رهيو ۽ سمجهائيندو رهيو تہ مذهب اسلام هڪ سائينٽيفڪ ۽ هر دور ۽ وقت جي تقاضا آهي ۽ سنائي سيڪاري ٿو. پاڻ آسٽريليا ۾ مقيم پاڪستاني ايمبسي وارن جي ڏاڍي تعريف ڪيائين، جن اندونيشيا جي ايمبسي وارن سان گڏجي ميلبورن (آسٽريليا) ۾ هڪ خوبصورت مسجد تعمير ڪرائي آهي.

سانجهيءَ جو وقت اچي ٿيو هو. ميرا مار هوٽل جي سامهون ناٿن روڊ جي ٻئي پاسي هڪ تمام وڏي ۽ خوبصورت مسجد آهي. ڪافي پيي اسان اٿياسين ۽ ناٿن روڊ تي واڪ ڪندا ان مسجد ۾ مغرب جي نماز لاءِ گهڙي پياسين. مسجد ۾ نمازين کان وڌيڪ سياح هئا. ان کان اڳ بہ هڪ دفعو ان مسجد ۾ جمعي نماز پڙهڻ جو موقعو مليو هو. جمعي نماز ڪري چڱو خاصو تعداد نمازين جو هو. سؤ سوا ڪن ٿيندا. چار وڏيون صفون ٿيون هيون، جن ۾ مدراسي ۽ ڏکڻ هندستان جا ٻيا مسلمان ڪافي هئا. ان کان علاوه پاڪستاني (خاص ڪري پٺاڻ)، ملئي ۽ ڪجهہ چيني مسلمان پڻ هئا، پر ان ڏينهن مغرب نماز تي تمام ٿورا ماڻهو (مدراسي ۽ چيني) هئا، جي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هڪ بزرگ شخص  ڪان ديني ڳالهيون ٻڌي رهيا هُئا. مسجد جو امام هزاره (پاڪستان) جو پنجونجاهہ سالن جو پوڙهو هو. ان ڪان اڳ بہ هزاره جوئي امام هو. جو هڪ سال اڳ وفات ڪري ويو.

وضوءَ لاءِ ان مسجد ۾ خوبصورت حوض ٺهيل آهي. اندر بهترين غاليچا وڇايل آهن ۽ ٻاهر سنهي سَرُ جا تڏا. هيءَ مسجد جپانين ٻي وڏي جنگ ۾ مسلمان سپاهين لاءِ ٺهرائي هُئي، جي ان وقت ميدان تي نماز پڙهندا هُئا. اها مسجد پهرين قلعي طور استعمال ٿيندي هُئي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# هانگ ڪانگ ٽاور پيڪ ۾ رقابت جو جذبو

هانگ ڪانگ ۾ توهان ڪنهن کان به هتي گهمڻ جون جايون معلوم ڪندا ته هو پهرين توهان کي ٽاور پيڪ ڏسڻ لاءِ چوندو ۽ ان بعد پيون جڳهيون. هانگ ڪانگ (وڪٽوريا پيٽ) تي ڪيترين ئي اتاهيون ٽڪريون آهن. جن تي انگريزن جا عمدا ۽ عاليشان گهر آهن (باقي هيٺ ڪُٽ خلق - يعني هتي جا اصل باشندا چيني، جن جي هيءَ ڌرتي آهي. پر جيئن ته اهو بينڪي ۽ ڌارين حڪومتن جو رواج هلندو اچي ته هنن هميشه ڌرتيءَ جي ڌڻين کي نيچ سمجهيو آهي. پوءِ چاهي موزمبيق، ائنگولا، گني ۾ پورچوگيز هجن، يا ڪانگو گئبن، ٽوگو وغيره ۾ فرينچ. ساڳيو عالم هتي هانگ ڪانگ ۾ پڻ آهي.)

رات جي وقت پري کان جڏهن اسان جو جهاز هانگ ڪانگ ڏي ايندو آهي ته هانگ ڪانگ جي ٽڪرين تي بتين جي جهرمر ۽ روشني ائين لڳندي آهي، جڻ زمين آسمان تائين وڃي لڳي هجي. ڪنهن چينيءَ خوب چيو ته هانگ ڪانگ ۾ امير ۽ غريب کي سڃاڻڻ تمام سولو آهي. جيترو مٿي جبل تي سندس گهر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اوترو امير. هر جبل تي بس ۾ ٽئڪسين وچڻ لاءِ رستو جبل جي چوٽاري ائين وڪوڙيل آهي، جيئن گول اسپرنگ، جنهن جو تري وارو چلو وڏو هجي ۽ مٿيون چلو ننڍو ٿيندو وڃي.

هڪ اهڙي پهاڙي، جنهن جي چوٽيءَ تي برطانوي راڄ جي حڪومت جون آفيسون ۽ گورنر جو بنگلو به آهي، ان جي چوٽيءَ تائين پهچڻ لاءِ هڪ ڪيبل ڪار (جنهن ۾ سٺ کن ماڻهو ويهي سگهن). جبل جي چوٽاري ڦري مٿي پهچڻ بدران تري کان سڌو چوٽيءَ تائين پنجيتاليهه ڊگرين کن جي ڪنڊ ٺاهي اچي وڃي ٿي ۽ ائين لڳندو آهي ڄڻ اجها ته اونڌي ٿي. اهو رستو - جبل جي تري کان چوٽيءَ تائين، اها ٽرام ڏهن منٽن ۾ پورو ڪري ٿي ۽ بس يا ٽئڪسيءَ ذريعي جبل تان ڦري چڙهڻ يا لهڻ ۾ منو ڪلاڪ کن لڳيو وڃي. ان ٽرام جي اسٽيشن هوٽل هلٽن وٽ آهي ۽ صبح کان شام تائين مسافر ڍوئيندي آهي. سٺ سٺر کن مسافرن جا جٿا ٿي مٿي ايندا ويندا آهن.

ٽرام جي اڳيان ڪيبل (هڪ قسم جي مضبوط لوهي رسي) هوندي آهي جا مٿي موٽر تي ويڙهبي ويندي آهي. ٽرام مٿي ريلوي (لوهي پٽن) تي چڪي ويندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح هيٺ پڻ ايندي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي.

پهرين دفعي ٽاور پيڪ ڏسڻ، آءُ زيديءَ سان گڏ ويو هوس.

آچر جو ڏينهن هو سو ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ سياحن جي ڊگهي قطار هئي. اسان بہ بيٺا رهياسين. آخر ٻئي يا ٽئين چڪر ۾ وارو آيو ۽ ڏيڍ روپئي ڪن جي ٽڪيٽ وٺي مٿي چڙهياسين. ملڪ ملڪ جا مرد، عورتون ۽ ٻار نموني نموني جي وڳن ۽ پوشاڪن ۾ هئا. اڌ کن تہ چيني هُئا، جي پرواري ملڪن سنگاپور، تائيوان، ملايا، ٿائلنڊ، ويتنام پاسي جا ٿي ڏٺا. ڪجهہ هانگ ڪانگ جا بہ منجهن هئا، شايد. آچر جي ڏينهن هجڻ ڪري هرڪو موڪل ۽ خوشيءَ جي موڊ ۾ هو. اسان بہ ٽڪيٽ خريد ڪرڻ لاءِ، وارو اچڻ تائين اڳيان ۽ پويان ڊگهي قطار ۾ بيٺلن جي پوشاڪن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندا رهياسين. (گلا ڪان سواءِ اسان ايشين (*Asian*) ڪي هونءَ بہ اچي چا ٿو ۽ گلا ڪرڻ تمام سولي ۽ سستي وندر آهي. نہ دماغ تي زور ٿو ڏيڻو پوي نہ محنت. ۽ هونءَ بہ اسان جو دماغ اهڙي سولي ڪم لاءِ ٺهيل آهي. جي ڪجهہ اسان جي دماغن ۾ نڪر هجي ها تہ هي نت نيون ايجادون : ريڊيو، ٽي - وي وائرليس ڪان راڪيٽ، ڪمپيوٽر ۽ جمبو جيٽ يورپين ۽ آمريڪن بدران، ايشين ايجاد ڪن ها.) سو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وقت پاس ڪرڻ لاءِ سولي ۽ سستي مشغولي - يعني گلا ۾ لڳي وياسين. زيديءَ کي چيم تہ: ”هي چيني ڇوڪريون تہ ڏس. اڄُ کان ويھہ پنجويھہ سال اڳ تائين مرد ۽ عورتون ڪالرن بنا ٻنهي پاسي ڪاج ٽهيل ويڪريون قميصون ۽ ساڳي رنگ جي پجامن جهڙيون ڍليون ۽ لنڊيون پتلونون پائينديون هيون ۽ هاڻ هتي يورپي ۽ آمريڪي سياحن کي ڏسي چيني بہ بَلي ٿي پيا آهن. خاص ڪري ڇوريون تہ ڏس! ڇا بيل باٽم، ڇا ايليفنٽ باٽمڊ پتلونون، ڇا سلئڪس ڇا جينس. ۽ ڇا هي اسڪرٽ - سي بہ مني. مارا! چوندا آهن تہ ’ياڳن جائي آهي پيڙ، گڏهيون ٿيون گج پائين.‘.“

زيدي ڳالھہ کي ٽيڪو ڏيندي چيو ”اهي سياڳيون چينياڻيون هتي هانگ ڪانگ ۾ ٿي پيون آهن. سو نت نيون پوشاڪون پهري ائين نخرا پيون ڪن. ٿورو اس جو تروورو بہ برداشت نہ پيو ٿئين. پر جي فقط سو ميل ڪن هن پاسي مائوءَ جي چين ۾ جمن ها تہ بلو چتين لڱل ڍلا ڪپڙا پائي، ڏينهن تتي جو پڪي رستي تي ڪو سرن جو گاڏو پيون گهلين ها. يا تہ ڪنهن ڪارخاني ۾ لوهي هٿوڙو ڪٽي گرم پليٽ کي سڌو پيون ڪن ها.“

”۽ هوءَ وري چيني ڇوڪري ڏس. ڇڍي ڪيتري ننڍي ۽



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سوڙهي پاتي اٿس. ذري گهٽ اوگهڙ پئي نظر اچيس.“

”اڙي اها چيدي نه پر ’هاٽ پينٽ‘ اٿس.“

”مارا! چئبو ته هاٽ پينٽ هتي به پهچي وئي ۽ نه فقط ڊريس پر بي حيائي به مغرب جهڙي اچي وئي آهي. ڪجهه دير اڳ هوءَ هنن ٻن يورپين سياحن سان ڪيچل ڪري رهي هئي ۽ هاڻ هنن چينين سان پئي چرچا ڪري.“

”مون کي ته مڪسڊ بلڊ (*Mixed_Blood*) پئي لڳي، جو سندس رنگ چينين وانگر پيلو يا هيڊو ناهي ۽ صاروفا به چينين سان ڪونه ٿا ملنس. باقي قد بت ۾ انهن جهڙي آهي.“

اسان اچي ٽڪيٽ آفيس جي دريءَ وٽ پهتاهئاسين سو ٿوري دير ڳالهائن کي بريڪ هڻي، ٽڪيٽ خريد ڪري اندر جبل ۾ چُر جهڙي نهيل ڪمري ۾ اچي ويناسين. جتي ٽرام اچڻ واري هُئي. هاٽ پينٽ واري ڇوڪري، جنهن جي پنيان ڪليل چولي مان ڏٺو پئي ته برا ليس يعني باڊيءَ بنا آهي (اهو به اڄڪلهه جو فئشن آهي ۽ آمريڪا طرف ته ڪافي سالن کان احتجاج خاطر عورتون باڊيون پائڻ ڇڏي ڏنيون آهن ۽ ان جي ٻين کي خبر ڪيئن پوي، ان لاءِ يا ته سنهي ڪپڙي جا چولا پاتا وڃن ٿا يا هن ڇوڪريءَ جيان چولي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي پٺ گھٽو هيٺ تائين ڪتريل ڇڏي وڃي ٿي). سا بہ اسان جي جٿي ۾ هئي ۽ هاڻ وري هڪ ٻئي سياح سان ڳالهائي رهي هئي. (۽ اسان دل ۾ سڙي پچري رهيا هئاسين ۽ تشويش ۾ پڻ هئاسين تہ هيءَ لاوارث چيني ڇوڪري ڪير آهي، جنهن جي انگ انگ ۾ نرتڪي واري چستي آهي ۽ مست هرڻيءَ وانگ چال هٽي رهي آهي) خير سائين، اسان جو بہ وارو آيو جيتوڻيڪ ڪجھ دير سان. جڏهن مٿي چوٽيءَ تي پهچي، هيڏانهن هوڏانهن ڦري، ساڄي پاسي پارڪ جي ڪنڌ وٽ هڪ قدرتي نظاري مان محظوظ ٿي رهيا هئاسين ۽ پنهنجن ئي پورن ۾ پيا هئاسين تہ هيءَ اوچتو سامهون اچي بيٺي ۽ اسان جلدي ۾ اهو بہ نہ سوچي سگھياسين تہ ڪهڙن لفظن سان ڳالهائڻ شُروع ڪجي.

”هيلو.“ هن شُروعات ڪئي ۽ اسان جي اجان بہ ويجهو ٿي بيٺي. ايترو ويجهو جو اسان چپن تان ڏٺل پالش بہ چڱي طرح ڏسي پي سگھياسين. سندس چاتيءَ جي ڪابي پاسي ننڍڙو بلو لڳل هو جنهن تي نشاني تہ ”امن“ جي هُئي، پر لکت خبر ناهي ڪهڙي زبان ۾ هئي. اسان بہ دل ٻڌي، ڪجھ نہ ڪجھ ڳالهائڻ خاطر. (جيئن هوءَ ان شڪ مان جلد نڪري وڃي تہ اسان ٻئي گونگا ٻوڙا آهيون).



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هڪ عجيب غلامانه انداز ۾ ”هيلو“ چئي ٻنوڙي تان هيٺ لهي ٻيناسين، ”اسان توکي پهرين به ڏٺو آهي“

”منيلا (فلپين) ۾ ڏٺو هوندو.“ هن يڪدم ڪلي چيو.

”نه.“

”ڪولون ۾ چنڪنگ مئنشن ۾ ڏٺو هوندو. اڄڪلهه آءٌ اتي رهان ٿي ۽ شام جو چانهه پيننشولا هوٽل (*Peninsula Hotel*) ۾ پيئندي آهيان.“

”نه نه.“ اسان تيسين پنهنجي نروسنيس تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ چپن تي هڪ زبردستيءَ جي مرڪ آڻي چيو. ”ٿوري دير اڳ هيٺ هن پهاڙيءَ جي قدمن ۾ ٽڪيٽ وٺندي ڏٺو هئوسين.“

”اوهه!“ هن هٿ ملائي ٿهڪ ڏيندي چيو. ”چئبو ته پاڻ شُروع کان گڏ آهيون.“

هوءَ ان تي وري زور زور سان کلڻ لڳي (۽ اسان دل ئي دل ۾ خوش ٿياسين ته اسان کي وڏا چرچائي آهيون يا شايد ان وقت اندر جي اهڙي ڪيفيت ٿي رهي هئي، جڏهن ممتاز دمساز وارا ست سوال پورا ڪري اچي ٻينا هجون ۽ شهزادي صاحبه، مس (نالو وسري ويم) گلن جو هار پائي چوڻ واري هجي ته نه فقط مان، پر هي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تخت ۽ تاج بہ تنهنجو آهي.)

”ماڻهو تہ مزيدار ٿا ڏسجو پڪ انڊين آهيو.“ هن چيو.

”نہ پاڪستاني آهيون.“

”تہ پوءِ تہ پاڻ وڏيڪ سنو. توهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي.“

۽ آءٌ دل ئي دل ۾ زيديءَ تي خارون ڪائڻ لڳس تہ هيءَ مصيبت پاڻ سان ڇو آندم. اڪيلو اچان ها، اڄُ جيڪر. ۽ زيدي پڻ ان وقت مون ڪي اهڙين نظرن سان ڏسڻ لڳو جيئن اتر قطب ۾ سياري جي موسم ۾ بکايل بگهڙن ڪي جڏهن ڪو شڪار هٿ نہ ايندو آهي تہ هڪٻئي جي سامهون ويهي انتظار ڪندا آهن تہ جيئن ڪنهن ڪي اک لڳي تہ ٻيا ان ڪي چيري ڦاڙي کائي پيٽ ڀرين.

اسان ٻنهي ڪي خاموش ڏسي هن ڇوڪريءَ منهنجي هٿ مان ڪئميرا وٺي اسان جو فوٽو ڪڍڻ لاءِ چيو ۽ اسان خوفناڪ سوچن جي صحرا مان نڪري ”ها مهرباني ٿيندي“ چئي، زيدي ۽ آءٌ پوز ٺاهي ڪنهڙي ڪي ٽيڪ ڏئي بيهاسين. پري ڪان ڪولون جو شهر ۽ چوڌاري پکڙيل سمنڊ ۾ پري پري تائين ڪيترائي ننڍا ٻيٽ ٻيٽارا، جهاز ۽ ٻيڙيون صاف نظر اچي رهيون هيون. پاڻ اسان کان ڪئميرا وٺي اسان جو فوٽو ڪڍيائين ۽ پوءِ اسان سندس ڪڍيو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”تون چيني تي ڪري سنئي ۽ صاف انگريزي تي ڳالهائين.“

اسان وري ڪجهه ڳالهائڻ خاطر ڳالهايو.

”مان چيني نه پر فلپينو آهيان. منيلا کان هتي آئي آهيان.“

هن ٻڌايو.

”منيلا کان آئي آهين! اڪيلي؟“

”مون سان گڏ ٻيون به چار ڇوڪريون گڏ آيل آهن.“ هن اسان ٻنهي جا هٿ پنهنجن هٿن سان دٻائيندي چيو ”پورهئي خاطر“

اسان ٻئي هاڻ سمجهي وياسين ته چڪر ڇا آهي ۽ چوندا آهن ته: سخي کان شوم ڀلو جو ترت ڏئي جواب. جو ڪائنس وڏيڪ غريب اسان هئاسين. سو سُهڻن اکرن ۾ اسان چيس: ”..... محترمه اسان شايد تنهنجو وقت ضايع ڪري رهيا آهيون. تون شايد اسان کي ڪو وڏو ماڻهو پئي سمجهين. پر دراصل ڳالهه هيءَ آهي ته.....“

هن اسان جو جملو اڌ ۾ ڪپيندي، هڪ دفعو وري اسان جي هٿن کي جهلي وڏي همدردانه انداز ۾ چيو: ”دوست، دل ۾ نه ڪريو. مان سمجهان ٿي ته توهان به مون وانگر ايشيا جي هڪ غريب ملڪ جا آهيو. اهڙن ملڪن جو ظاهري طرح امير به جوکو ۾ قرضي آهي. مان مجبوريءَ ڪارڻ ڪمائڻ لاءِ هتي آيل آهيان. جو پيو ڪو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چاڙهو نہ آهي ۽ هينئر توهان وٽ بہ مجبوري خاطر اچي ٻيٺي آهيان جو منهنجو اصلي گراهڪ تہ پنيان ٻيٺو آهي. هن کي فيصلي ڪرڻ ۾ دير پئي لڳي ۽ توهان وٽ فقط هن کي ساڙڻ ۽ ريس ڏيارڻ لاءِ آئي آهيان، جيئن هن ۾ رقابت جو جذبو پيدا ٿئي.“

اسان سندس پنيان ڏٺو. پري هڪ وڻ کي ٽيڪ ڏئي هڪ نوجوان يورپين (شايد فرينچ ٿي لڳو يا انگريز)، حسرت ڀريل نگاهن سان هن کي واجهائي رهيو هو تہ ڪنهن بہ طرح هوءَ پنيان نهاري تہ سڏ ڪريس. هن جي سڏ ڪرڻ کان اڳ، هوءِ اسان کي ”باءِ باءِ“ چئي هن ڏي هلي وئي. سڄ لهي چُڪو هو پر ميرانجهڙو سوجهرو اجان هو. ان ٻاقيل روشنيءَ ۾ پري کان اسان سندس ڀهڪندڙ ۽ مُرڪندڙ چهرو ڏسندا رهياسين. ٻئي ڄڻا هڪ ٻئجي پاڪر ۾ ٽاور پيڪ ريسٽورنٽ جي در وٽان ڦرندا، بس اسٽاپ وٽ، ٽئڪسيءَ ۾ وجي وينا ۽ اسان ڪانڌين وانگر صورت ناهي، پنهنجين وحشاني خواهشن ۽ تمنائن جي جنازي کي ڪلهو ڏئي، آهستي آهستي چُرڻ لڳاسين. ڊرائيور جڏهن ٽئڪسيءَ جي انجڻ اسٽارٽ ڪري گاڏي گيئر ۾ وڌي تہ ان فليپينو ڇوڪريءَ مُڙي اسان ڏي پنيان نهاري ، هڪ دفعو وري هٿ لوڏيو ۽ اسان ٽئڪسيءَ طرف



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سڪٽن ٻارن جيان ڏسندا رهياسين، جيسين اها جبل جي ور تان لڙهڪندي هيٺ غائب ٿي وئي.

زيديءَ کي چيم، ”ڪي نظارا ڪيڏو نه عجيب گهرو اثر ڇڏين ٿا.“

”ڇڏ يار. تون اديب ماڻهو آهين. اديب سڀُ حساس ٿين ٿا. هر ڳالهه توتي گهرو اثر ٿي ڇڏي. پيارا، اهڙا نظارا ته روز فلمن ۾ به پيا ڏسجن.“

”تون منهنجو مطلب نه سمجهيو ياءُ.“ مون سندس ڪلهي تي ڏيرج سان هٿ رکندي چيو.

”مطلب ٻطلب کي ڇڏ. في الحال مطلب جي اها ڳالهه آهي ته اڄُ ڪان ساهه ٿو گهُرجي.“

اسان ٻئي ريسٽورنٽ طرف وڌڻ لڳاسين. رستي تي به چار چيني، دوربينون ۽ فوٽن جا سيٽ (جي اگهاڙين عورتن جا ٿي لڳا) خريد ڪرڻ لاءِ ڇهنڻ لڳا. انهن ڪان جان ڇڏائيسين ته چاڪليٽ ۽ پلاسٽڪ جا گل وڪڻڻ وارو هڪ به مليو. آخر لفٽ ۾ چڙهي مٿي هوٽل جي لونج ۾، دريءَ اڳيان اچي ويٺاسين ۽ هانگ ڪانگ جي سجي ٻيٽ، سمنڊ ۽ ڪولون جو نظارو ڪرڻ لڳاسين. ٻئري ٽڏو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اچي رکيو جو ڍِڪ ڍُڪ ڪري پيئڻ لڳاسين. ڪجھ ڪجھ ٻُڪ بہ لڳي هُئي. گوڏن جي وچ ۾ ٻٽونءَ کي لڪائي ان جوءِ آسمان سان ڳالھيون ڪندڙ ان ريسٽورنٽ جي اگھن جو جائزو ورتم. پوءِ زيديءَ کي چيم تہ ڪجھ کائون. هن جھيڻي انداز ۾ ها ڪئي ۽ سڀ کان گھٽ قيمت واريون سئنڊوچون گھُرايونسين ۽ هڪ هڪ کي ننڍا چڪ هڻي آهستي آهستي کائڻ لڳاسين. زيديءَ خطري کان آگاھ ڪندي چيو تہ عياشي ڪئي اٿئون، سو واپس ٽئڪسيءَ ۾ هلڻ بدران بس ۾ هلڻو پوندو. مون معصوميت سان وات سان ڪچڻ بدران هاڪار ۾ ڪنڌ ائين ڌوڻيو جيئن سنڌي ڇوڪريون نڪاح وقت ڌوڻينديون آهن ۽ پوءِ دريءَ مان ڏٺم. هيٺ، گھڻو هيٺ، جبل جي پيرن وٽ ڪيترون ئي ٽئڪسيون ڊوڙي رهيون جي رانديڪن جيان پئي لڳيون.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# توهان جي شهر جي نالي جي معنيٰ ڇا آهي؟

## اٽ، نه، نَوَ بلائون ڇئو. سرڪار!

پنهنجي ملڪ ۾ رهي پنهنجي آسپاس جا شهر ته پري، پر پنهنجي شهر يا ڳوٺ جي نالي جي معنيٰ به تمام گهٽ ماڻهن کي ايندي هوندي. خبر ناهي ائين ڇو آهي. ڪيترا متيارين جا پڙهيل لکيل ماڻهو ملندا، جن کي اها خبر نه هوندي ته متياري تي اهو نالو ڪيئن پيو. ان جي معنيٰ ڇا آهي يا اصل صحيح نالو ڇا هو. ساڳي طرح حيدرآباد آهي، ڪراچي آهي، ڄامشورو آهي، لاڙڪاڻو ۽ شڪارپور آهي. پر ٻاهر اچي هر وقت اها هورا ڪورا رهي ٿي ته سنگاپور تي اهو نالو ڪيئن پيو يا ان جي معنيٰ ڇا آهي. اهڙي نموني هانگ ڪانگ، ٿائلنڊ وغيره جن ڏينهن ۾ جپاني زبان (نِهاگو) سکڻ شُروع ڪئي هيم ته هڪ ڏينهن هڪ لفظ پڙهيم: ”شيما“ معنيٰ ”ٻيٽ“. ڏيان ۾ يڪدم ”هيروشيما“ اچي ويو ۽ ”هيرو“ جي معنيٰ جي ڪڏ لڳي ويس. نيٺ معلوم ٿيو ته ”هيرو“ لفظ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”هيروئي“ مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”ويڪرو“ ويڪرو پيٽ. ڏاڍو خوش ٿيس ۽ ان ڏينهن جيڪو جپاني دوست يا واقفڪار ٿي مليو ان کان هيروشيما جي معنيٰ پڇيم ٿي ۽ تعجب لڳو ته ڪيترن کي معلوم نه هو يا هنن ڪڏهن ان جي معنيٰ بابت ڏيان نه ڏنو هو.

اهڙي نموني، پرديس ۾ هر شهر جي معنيٰ ڳولڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي. ڪوبي (جپان) ۾ هڪ اسٽيشن آهي: ”سنو ميان“ ۽ منهنجا پاڪستاني دوست کلندا آهن ته يار هي نالو مڙئي ديسي لڳي ٿو ۽ اسان اهو پيا سوچيندا هئاسين ته ان جي معنيٰ ڇا ٿي سگهي ٿي. جپان ۾ جن فئملين سان اٿڻ ويهڻ هو انهن کان ته پڇي پڇي ڪين چتو ڪيو هئوسين. سڀ چوندا هئا ”سنو“ ته ”سئن“ مان نڪتو آهي معنيٰ ”ٽي“ باقي ”ميان“ جي خبر ناهي. ايتريقدر جو انهن مان ڪي چوندا هئا ـ ۽ هو بلڪل صحيح هئا ته ”اهو ضروري نه آهي ته هر نالي جي معنيٰ هُجي“ ۽ اسان ڪين چرچي خاطر ٻُڌايو ته اڙدو ۽ هندي زبانن ۾. سنو ميان جي معنيٰ آهي: ”ٻُڌ منهنجا مُڙس!“

سنو ميان تمام بارونق علائقو آهي. ڪوبي بندرگاهه جي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ويجهو خوبصورت پارڪن ۾ دڪانن ڪان مشهور آهي. ان بعد جپان ۾ جڏهن بہ ”سنو ميان“ جو ذڪر ايندو آهي تہ جپاني واقفڪار چوندا آهن تہ هلو تہ *Listen, my Husband* (ٻڌ، منهنجا مڙس!) اسٽيشن ڏي هلون. هڪ دفعي ڊڪشنريءَ ۾ اوچتو ”ميان“ لفظ تي نظر پئجي وئي جو واقعي پراڻو هئڻ ڪري ايترو واهپي ۾ ڪونہ ٿو اچي ۽ ان جي معنيٰ جي خبر پيئي تہ ”درگاهہ“ آهي. (۽ درگاهہ لاءِ اڄڪلهہ عام مروج جپاني لفظ: اوتيرا، شيرو ڪيوڪائي وغيره آهن) ۽ ”سنو ميان“ معنيٰ تي درگاهون. هڪدم مون کي ياد آيو تہ سنو ميان علائقي جي آسپاس تي پراڻا، ٻڌل عبادت گاهہ آهن. خوشيءَ ۾ يڪدم پنهنجي جپاني دوستن کي ٻڌايم ـ جڻ ڪا وڏي کيپ ڪئي هجيم.

هانگ ڪانگ جا چيني ماڻهو جپانين يا ٻين قومن کان وڏيڪ رُڪا ۽ بي لحاظ آهن. خاص ڪري ايشيا ۽ آفريڪا جي اسان جهڙن ڪارن باشندن جي ملڪن جي رهواسين سان تہ هنن جو سلوڪ سٺو ناهي. هو پنهنجو پاڻ کي اتاهون سمجهن ٿا. (بقول اسان جي هڪ پراڻي چيف انجنيئر جي، جڏهن کان هانگ ڪانگ جي رهاڪن دولت ڏٺي آهي مٿي تي چڙهي ويا آهن.) ۽



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ساڳي وقت اسان جو پڻ هنن سان گهڻو واهپو نٿو رهي. هانگ ڪانگ ۾ ڪيترائي پاڪستان، هندستان ۽ سيلون جا سنڌي، پنجابي، پٺاڻ مسلمان، هندو ۽ سک رهن ٿا. گس پنڌ تي ڪو رستو يا بس بابت پڇڻو هوندو ته به پاڻ جهڙي ڏيتڙيل قوم جي ڪنهن ايشيائيءَ کان پڇڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. ان کان سواءِ چيني زبان ڪجهه اهڙي ڏکي آهي، (جنهن ڪي عبدالجبار جوڻيجي جهڙائي منهن ڏئي سگهن. باقي اسان جي جاءِ ناهي) جو ڪڏهن سکڻ جو شوق نه ٿيو آهي. ساڳي وقت هانگ ڪانگ ۾ چيني زبان نه اچڻ ڪو مسئلو به نه آهي، جو اسان جي ملڪن جيان هانگ ڪانگ ۾ پڻ انگريزي عام ڳالهائي وڃي ٿي. ان هوندي به لفظ ”هانگ ڪانگ“، ”ڪولون“ وغيره جي معنيٰ پوئين دفعي معلوم ڪري ورتم.

هڪ دفعي هڪ بار ڪي ڏنم ته پننجي پيءُ ڪي، دڪان ۾ ٽنگيل پني جي بلا طرف اشارو ڪري ”لون“ ”لون“ چئي رهيو هو. اهو ٻڌڻ سان ڏيان ۾ آيو ته ٿي سگهي ٿو ان لون (*Loon*) جو واسطو (*Kowloon*) سان به هجي، جنهن شهر سان اسان جو گهڻي وقت کان جهازرانيءَ جي سلسلي ۾ لاڳاپو رهندو اچي. آخر پُڇا تي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

معلوم ٿيو تہ ڪولون جي معنيٰ آهي ”نَو بلائون“ چيني ۽ جپاني زبان ۾ ”نَون“ جي انگ کي ”ڪو“ چون.

بلا (اجگر) چيني تهذيب سان تمام گهڻو واسطو رکي ٿي ۽ پراڻين ڏند ڪٿائن موجب هڪ خيالي قسم جي ”پرن واري نانگ“ کي ديوتا سمجهي پوڄيو ويندو هو. اهڙي خيالي پرن وارين بلائن جون مورتيون اڄ بہ ڪيترن هنڌن تي هانگ ڪانگ، ملائيشيا، تائيوان، سنگاپور ۾ نظر اچن ٿيون. جي ڪاغذن، مٽي گاهہ يا پٿر جون ٺهيل آهن. ايتريقدر جو ڪراچيءَ ۾ چيني هوٽلن ۾ پڻ ان قسم جا نانگ يا انهن جون تصويرون ٽنگيل ڏسڻ ۾ اينديون. پراڻين چيني ڏند ڪٿائن (*Mythology*) موجب ان قسم جي بلا (جنهن کي انگريزي ۾ ”ڊرئگن“ (*Dragon*) سڏجي ٿو)، بادشاهہ جي علامت ليکي ويندي هئي ۽ شهنشاهہ يا حاڪم کي پڻ ادب وچان بلا (لون) جو خطاب ڏنو ويندو هو.

قصو مشهور آهي تہ اڄ ڪان اٺ سؤ سال ڪن اڳ (سنگ گهراڻي جي آخري ڏينهن ۾) ان گهراڻي جي شهزادي تاءِ پنگ، قبلائي خان ۽ منگول لشڪر ڪان جان بچائي اچي هن پاسي پرل نديءَ جي چوڙ وٽ پناهہ ورتي هئي. ڪولون جي چؤڏاري انهن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڏينهن ۾ اٺ جبل هئا. هڪ ڏينهن انهن جبلن ڏي اشارو ڪندي شهزادي پنهنجي خدمتگار کي چيو:

”هتي مون کي اٺ بلائون نظر پيون اچن.“

خدمتگار يڪدم عزت ڏيندي چيو:

”سائين! اٺ نہ پر نَو بلائون چئو. هڪ توهان بہ تہ آهيو.“

متئين آکاڻي صحيح آهي يا غلط پر هن علائقي جو نالو ڪولون (نَو بلائون) پئجي ويو. هينئر انهن اٺن جبلن مان جيڪي ڪولون جي چؤڌاري هئا، ڪيترا ترپٽ ڪري انهن جي مٽي سان سمنڊ جي ڪيتري حصي کي پري زمين سان سڌو ڪيو ويو آهي ۽ هانگ ڪانگ ۽ ڪولون جا ڪيترا خوبصورت حصا جي اڄُ نظر اچن ٿا سي ڪنهن زماني ۾ کاري پاڻيءَ جو سمنڊ هئا.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# مڪائو، تائيپا ۽ ڪولاني- دارون ۽ سون جا اڏا.......پوءِ اها ڇوڪري آسمان تي هلي وئي ......

هانگ ڪانگ جهڙي (بلڪ ڪن ڳالهين ۾ ان کان به وڌيڪ خوبصورت ۽ مشهور) جڳهه ”مڪائو“ آهي. پر هانگ ڪانگ ۾ اچڻ کان اڳ ان بابت تمام گهٽ ماڻهن ٻڌو هوندو. ڇاڪاڻ جو مڪائو ٻاهر جي دنيا سان، نه ته هوائي رستي ڳنڍيل آهي ۽ نه خشڪي رستي. اتي پهچڻ لاءِ هڪ ئي رستو آهي- پاڻي رستي. سو به بندرگاهه جون سهوليتون مهيا نه هئڻ ڪري ٻاهرين ملڪن کان وڏا جهاز مڪائو ۾ اچي نٿا سگهن. مڪائو پهچڻ لاءِ توهان کي پهرين هانگ ڪانگ يا ڪولون اچڻو پوندو. جتان پوءِ فيري بوٽ يا هائڊرو فائيل بوٽ ۾ وڃڻو پوندو. (هائڊرو فائيل بوٽ ( *Hydro Foil Boat*) هڪ وڏي تيز رفتار ٻيڙي ٿئي ٿي، جنهن جو هلڻ وقت ڪافي حصو پاڻيءَ جي سطح کان مٿيرو رهي ٿو.)



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هانگ ڪانگ توهان هڪ ڏينهن لاءِ به ايندائو تہ توهان کي اها خبر پئجي ويندي تہ مڪائو بہ ڪا جڳهہ آهي، جنهن کي هانگ ڪانگ ۾ رهي ڏسڻ ضروري آهي. هر هوٽل ۾ مڪائو جا اشتهار ۽ اتي پهچڻ بابت سهوليتن جي معلومات درج ٿيل نظر ايندي ۽ جيڪڏهن توهان وٽ وقت بہ آهي ۽ پئسو بہ آهي تہ پوءِ هانگ ڪانگ اچي مڪائو نہ ڏسڻ ائين آهي جيئن حيدرآباد اچي ڄامشورو نہ ڏسڻ، يا قلندر جي ميلي تي سيوهڻ اچي، ڳانا نہ خريد ڪرڻ.

هانگ ڪانگ کان مڪائو فقط چاليهہ ميل پري آهي. ٻنهي جا اصلي باشندا چيني آهن، پر هانگ ڪانگ انگريزن جي هٿ هيٺ هڪ ڪالوني (بينڪ) آهي، جا گهٽي ياڳي آزاد ٿيندي وڃي ۽ مڪائو تي وري سورهين صدي کان پورچوگيزن جو قبضو هلندو اچي. مڪائو پورچوگال جو هڪ حصو آهي ۽ سمنڊ پار ولائت ۾ اهو پورچوگال جو هڪ صوبو سمجهيو وڃي ٿو. مڪائو جي هر رهاڪو جي قوميت پورچوگالي آهي. پندرهين صديءَ کان پورچوگال جا ساموندي ڏاڙيل ۽ واپاري، دنيا جي سمندن تي پکڙي ويا هئا ۽ هنن جي جتي مرضي ٿي ٿي، اتي پنهنجو قبضو ڄمائي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وينا ٿي. هيءَ تڏهن جي ڳالهه آهي، جڏهن چين ۾ منگ گهراڻي (1368ع ـ 1662ع) جي سلطنت هئي ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ (عيسوي سن 1555ع ڌاري) پورچوگيزن نٿي ڪي پڻ قريو ۽ ساڙيو هو (جنهن حقيقت جو ذڪر تاريخ طاهري ۾ ٺٽي جي مير طاهر محمد نيسانيءَ پڻ ڪيو آهي.) ان کان اڳ 1510ع ۾ پوچوگيزن "گوا" کي فتح ڪري پنهنجو ڌاڪو ڄمايو هو.

هتي مڪائو ۾ پورچوگالي سن 1550ع ۾ هڪ سست رفتار ٻيڙيءَ ۾ ملاڪا رياست (ملائيشيا) کان آيا هئا. تنهن بعد ٻين اچڻ شُروع ڪيو ۽ "ناني رڏڻ واري ـ ڏهتا ڪائڻ وارا" حساب مطابق مڪائو کي پنهنجي ملڪ جو حصو سڏائي هتان جپان، چين ۽ هندستان سان واپار هلائڻ لڳا. پورچوگالي ئي پهريان يورپي هئا، جن ساموندي طاقت مان ناجائز فائدو ورتو. سنڌ ۽ هند ۾ به هيءَ قوم پهرين يورپي ڌارين قوم هئي، جا آئي. سنڌ ۾ انگريزن جي آمد کان ٻه سٽ سال اڳ هي نازل ٿيا هئا ۽ هنن جو سنڌ جي واپار وڙي تي ڪافي اثر رهيو.

هانگ ڪانگ کان مڪائو پهچائڻ ۾ فيري ٻيڙي تي ڪلاڪ ۽ هڪڙو ـ فائيل سوا ڪلاڪ وٺي ٿي، جنهن جي ٽڪيٽ اناويهه



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هانگ ڪانگ ڊالر (چاونجاهه روپيا) آهي. موڪلن وارن ڏينهن تي اسي روپيا آهي. مڪائو پهچڻ سان ائين هرگز نه ٿو لڳي ته ڪو هي نج چيني شهر آهي، پر پهرين نظر سان يورپ جو ڪو خوبصورت گهمڻ جو هنڌ (*Resort*) لڳي ٿو ـ سفيد پوچيءَ ڏنل پٿيون، قدآور عمارتون، لوهي شيخن جون بالڪنيون، جڳهه جڳهه تي پٿر ۽ ڌاتوءَ جا يادگار بت، ماڻهن جي عام گذرگاهن ۽ ميڙن لاءِ ڪشادا چؤنڪ، وڻڪار سان ٽپ. ويڪرا رستا، پر شهر جي اندرين حصي ۾ گهڙڻ سان چيني ماحول جي پڻ سڀنڌ ايندي ۽ هي شهر پراڻي پورچوگال ۽ نئين چين جي تهذيبن، رسم رواجن ۽ فئشن جي کچڙي لڳندو. هڪ عام مشرقي شهر وانگر مڪائو ۾ سوڙهيون، روهڙيءَ جهڙيون گهٽيون به آهن ته ڪراچي جهڙا ويڪرا رستا به. ٽالهه رکي وڪڻڻ وارا ٻار به آهن ته رڪشائون ڇڪڻ وارا مزدور پڻ. عصمت فروش عورتون به آهن ته پنڻ وارا معذور، لاچار ۽ بيوس پڻ. وڏا وڏا بنگلا آهن ته ننڍيون جهوپڙيون به.

مڪائو پرل نديءَ جي ڇوڙ وٽ، چين جي سرزمين ڪان، چيني اصطلاح مطابق، ٽڪ اچلائڻ جيتري پنڌ تي آهي. ”بئرير گيٽ“ وٽ بيهي سامهون مائوز تنگ جا ريڊ گارڊ (سپاهي) ڏسي سگهو ٿا.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مڪائو ۾ چيني علائقي چينگ شان (جتي ڊاڪٽر سن يات سين ڄائو هو جنهن 1911ع ۾ چين جي چنگ شهنشاهيت جو انت آندو هو.) جي وچ ۾ فقط هڪ سنهي نهر ”ڊڪ چئنل“ وهي ٿي، جنهن تي پڻ چيني سپاهين جو پهرو آهي. بئائز (*Buoys*) جي هڪ قطار ٺهيل آهي، جنهن جي هڪ پاسي چيني سمنڊ جي پاڻي جي حد سمجهيو وڃي ٿو ۽ ٻئي پاسي مڪائو (پورچوگال) جي. هونءَ يورپ ۾ پورچوگال ۽ اسپين ئي اهڙا ملڪ آهن جيڪي چين ۾ مائوزي تنگ جي حڪومت کي اڃا تسليم نٿا ڪن ۽ چين پورچوگال جي بينڪي راڄ جي سخت خلاف آهي. چين جي چاهي ته مڪائو چند منٽن ۾ پنهنجي قبضي ۾ ڪري سگهي ٿو. پر هانگ ڪانگ ۽ مڪائو کي ايئن رکڻ سان بقول هڪ سياستدان جي، چين کي فائدو ئي آهي ۽ چين جو اڌ کان وڌيڪ سامان (ايڪسپورٽ) هنن شهرن مان ٻاهر جي دنيا ڏي نيڪال ٿئي ٿو. فقط 1970ع ۾ چين جو ستن ڪروڙ ڊالرن جو سامان هانگ ڪانگ ۾ وڪرو ٿيو. (هفتيوار نيوز ويڪ جي رپورٽ مطابق).

1966ع ۾ چين جي ڪلچرل انقلاب دوران، پورچوگالي سپاهين، چيني سپاهين تي گولي بازي ڪئي هئي، جنهن جي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نتيجي ۾ چيني گن بوٽون (Gun_Boats) اچي مڪائو جي منهن تي بيٺيون ۽ پورچوگيزن کي خبر پئجي وئي ته گهٽي ويهين سؤ آهي. ڏسڻ وارن ته اهو سمجهيو ته چين جهڙو راڪاس اجهو ٿو مڪائو جهڙي جيت تي پير رکي هن کي چيپاتي ماري. پر مڪائو کي ائين رهٽو هو جنهن ۾ چين به پنهنجي چڱائي سمجهي ٿي، سو اجان ساڳين حالن ۾ جيئندو اچي - پورچوگال جي نالي ماتر حڪومت هيٺ.

مڪائو لفظ ”آ - ما - ڪائو“ مان نڪتو آهي. ڪائو جي معنيٰ اپسمنڊ آهي. هتي جي ڏند ڪٿائن موجب وڻجارن ۽ مهاڻن جي ديويءَ جو نالو آ - ما (A_ma) آهي. آما ديويءَ جو اپسمنڊ. هتي آما ديويءَ جو مندر پڻ آهي. آما ديويءَ لاءِ چيو وڃي ٿو ته هزارين سال اڳ هڪ چوڪريءَ هڪ تختيءَ تي ويهي سڄي دنيا جي سمنڊن جو سير ڪيو هو. ان کان پوءِ اهو تختو مڪائو جي هڪ جبل وٽ ڦاسي پيو. اتي هيءَ چوڪري تختيءَ تان لهي ان جبل جي چوٽيءَ تي آئي، جتان آسمان ڏي هلي ويئي. ان وقت ان جبل تي ڪجهه مهاڻا اهو لقاءُ ڏسي رهيا هئا. تن اهو ڪرشمو بين کي پڻ ٻڌايو ۽ ان ديويءَ جو بت (Statue) ۾ مندر ناهي ان جي عبادت شُروع ڪئي ۽



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اڄُ ڏينهن تائين هلندي اچي.

انسان پيدائشي طور پوڄاري آهي. هن کي پوڄڻ لاءِ مڙيئي ڪجهه کپي. ڏاڏي پڙڏاڏي جي کوپڙي، يا ڪاري (واسينگ) نانگ جي ڦڻ. باهه، پاڻي يا قدرت يزدان، پر هتي جا ماڻهو مڙيئي سنڌين وانگر ڪجهه وڌيڪ ئي پيري فقيري ۽ پوڄا پاٺ ڏي مائل آهن. جيئن سنڌ جي هاءِ وي (رستن) تي ڏسبو ته اوچتو بيابان ۾ ڦڏي ڪانيءَ ۾ پهرين ڪو جهنڊو کُپي ويندو. پوءِ آهستي آهستي هڪ عدد فقير پڳل سرن ۽ مٽيءَ جي ڍير جي ڪچي قبر ٺاهي ويٺل نظر ايندو. ڏسندي ئي ڏسندي اها قبر پڪي، اچي چُن جي ٿي ويندي آهي. مُريد ۽ ميلا لڳڻ شُروع ٿي ويندا آهن ۽ ابوجهه ۽ پرمتڙيا پنهنجو پئسو ۽ وقت نذر نيازن پنيان وڃائيندا آهن. ان کان سواءِ جيئن جهنڊن، قبرن، وڻن ۽ مختلف شين کان، اگهائي سگهائي کان وٺي اولاد ايال تائين، لاءِ ڪي جاهل دعائون گهري شرڪ جهڙو ڪم ڪن ٿا، تيئن هتي چينين ۾ به اهڙا سَوڻ ۽ وسوسا انيڪ آهن.

مڪائو کي ايشيا جي ميامي به سڏيو وڃي ٿو ته باغن جو شهر پڻ، جو هتي ڪيترائي وڏڪار ۽ باغات آهي. ڪو زمانو هو جو هتي جي اسي سيڪڙو آدمشُماري ڪنهن نه ڪنهن نشي جهڙي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

موذي مرض ۾ ورتل هُئي. ڪجهہ سال اڳ تائين اهو عالم هو جو چپي چپي تي اوتارا، شراب خانا، مساج گهر، اگهاڙا وهنجڻ خانہ ۽ عياشيءَ جا اڏا هئا - ۽ اهي سڀُ ڪجهہ اڄُ بہ موجود آهن جيتوڻيڪ ظاهر ظهور نہ آهن.

نئون آيل، مڪائو جي عورتن جي مهانڊي ۾ ڪجهہ فرق محسوس ڪندو جيڪي ٻين پاسي وارن ملڪن کان ڪافي مختلف آهي. پورچوگيز وڻجارا ۽ لُٽيرا جڏهن مڪائو آيا تہ هو پنهنجو پاڻ سان پورچوگالي زالون نہ وٺي آيا. هو رستي تان آفريڪا، هندستان، ملايا، انڊونيشيا ۽ فلپين جي عورتن کي زالون ٺاهي وٺي آيا هئا ۽ رت جي ملاوت ڪري جيڪو نئون نسل پيدا ٿيو آهي سو نہ تہ پورچوگالي آهي ۽ نہ چيني. هي نسل پنهنجو پاڻ کي مڪائوجو نسل سڏائي ٿو.

پورچوگالي حڪومت مڪائو کان علاوه پروارن ٻين ننڍن ٻيٽن تائيپا (*Taipa*) ۽ ڪولاني (*Colane*) تي پڻ آهي. تائيپا، ڪولاني ۽ مڪائو ٽئي ڪل ڇهہ ميل کن ايراضي ۾ ٿيندا. تائيپا جا ماڻهو دارون ٺاهڻ (آتش بازي) جي ڪم ۾ دنيا ۾ مشهور آهن ۽ جيئن اسان وٽ سنڌ ۾ ڪنهن زماني ۾ گهر گهر عورتون جنڊ تي اُن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پيهنديون هيون. تيئن تائيپا جي گهر گهر ۾ دارون ناهيو وڃي ٿو جو سڄي دنيا ۾ وڪامي ٿو. مڪائو ۾ هڪ تمام پراڻو ٻُڌن جو مندر ۽ هڪ پٿر ڪُتل آهي، جنهن تي اهو معاهدو لکيل آهي جو 1844ع ۾ آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ ٿيو هو. مڪائو ۾ چين جي انقلاب جو اڳواڻ سن يات سين جو پڻ هڪ خوبصورت بت (*Statue*) آهي. (جڏهن ڊاڪٽر سن يات سين کي ملڪ نيڪالي ڏني وئي هُئي ته هو مڪائو ۾ هليو آيو هو.)

مڪائو جنهن شيءِ کان گهڻو مشهور آهي، سا آهي جوئا. يورپ جي مانٽي ڪارلو ۽ آمريڪا جي لاس ويگاس شهر وانگر هتي مڪائو ۾ به بيشمار جوئا گهر آهن. جتي سڄي دنيا جا دولتمند جواري، جوا کيڏڻ لاءِ اچن ٿا ۽ هڪ هڪ رات ۾ ڪروڙها ڊالر جي هار جيت ٿئي ٿي. جوئا به هتي انيڪ طريقن سان ٿئي ٿي. شرطون، سٽا، پتي راند کان وٺي. مشينن رستي، جنهن ۾ سڪو وجهي ڏٻائيندو رهجي يا ته هضم يا انبار ڊالرن جو. ڪڪڙن، تترن جي ويڙهه ته توهان ٻُڌي هوندي، پر هتي تڏين کي به ويڙهائي هزارين ڊالرن جون شرطون لڳايون وڃن ٿيون.

مڪائو ۾ سون جو ناجائز واپار پڻ عام آهي. پورچوگال سون



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي بين الاقوامي تجارتي ٽولي جو ميمبر نہ هجڻ ڪري، مڪائو ۾ سڄي دنيا کان سستو سون ملي ٿو. مڪائو ۾ لکين ڊالرن جو خبر ناهي ڪٿان ڪٿان سون اچي ٿو ۽ ڪيترن ملڪن ڏي سمگل ٿئي ٿو. هتي جو هر ماڻهو سمگلر لڳي ٿو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# هانگ ڪانگ ۽ چينين بابت ڪجهه مزيدار ڳالهيون!

اسانوٽ يا يورپ ۾ آمريڪا ۾ جتي ڪٿي، ڪنهن بہ عمارت جون ماڙيون (منزلون) پَٽ کان ڳڻڻ شُروع نہ ڪن. يعني پٽ واري جاءِ کي پاڻ پهرين ماڙ (فرسٽ فلور) نہ، پر گرائونڊ فلور (هيٺين جاءِ) سڏيون. ان بعد پهرين ٻي ٽي ماڙ ڳڻي وڃي ٿي، پر هانگ ڪانگ ۾ ۽ ٻين ڪيترن ملڪن ۾ چيني هيٺين جاءِ (*Ground Floor*) کي پهرين ماڙ (*First Floor*) سڏين. اهڙي نموني سان ٻي ٽي چوٿين ماڙ شُمار ڪن. يعني جنهن عمارت کي پاڻ ٻماڙ سڏيون تہ هنن ليکي اها ٽماڙ ٿي. مون ڪيترا ڌاريان، مغربي ملڪن ۾ پاڪستان، هندستان پاسي جا، هانگ ڪانگ ۾ ان چڪر ۾ مُنجهندي ڏٺا آهن. ان ڪري نئين آيل کي اها ڳالهہ ياد رکڻ کپي تہ جيڪڏهن ڪو چيني گهر يا آفيس جي ائڊريس تہ ۔ ماڙ (*Third Floor*) ٻُڌائي تہ ان کي ٻماڙ (*Second Floor*) تي ڳولڻ کپي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

♠

مسلمانن جو سال چنڊ جي حساب سان ڦري ٿو. ان ڪري پهرين محرم ڪڏهن سياري ۾ ته ڪڏهن اونهاري ۾ ڦيري مطابق رهي ٿي. عيسائين جو ڏينهن ۽ مهيني جو حساب سج مطابق آهي، پر چينين جي جنتري (*Calander*) جو حساب سج ۽ چنڊ (*Solar and Lunar*) ٻنهي سان تعلق رکي ٿو. هنن جو نئون سال ايڪيهين جنوري ۽ ارڙهين فيبروري جي وچ ۾ ڪنهن ڏينهن کان شُروع ٿي سگهي ٿو. جيئن گذريل سال (1972ع) ۾ پندرهين فيبروري تي نئون سال شُروع ٿيو هو.

نئين سال واري ڏينهن تي خوشي ملهائي ويندي آهي، جيئن اسان وٽ عيد تي. مائٽ مٽ دوست احباب گڏ ٿيندا آهن. هڪ ٻئي ڏي گُل موڪليندا آهن ۽ رات جي ماني هڪ هنڌ گڏجي کائين.

♠

متئين ڳالهه سان تعلق رکندڙ ڳالهه، هتي جي ماڻهن جي عمر جي آهي. چيني ٻار جمڻ وقت هڪ سال جو سمجهيو ويندو آهي. (چاهي ماءُ جي پيٽ ۾ ست مهينا رهي يا نَوَ ڏهه مهينا) پوءِ نئين



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سال شُروع ٿيڻ واري ڏينهن تي هو ٻن سالن جو سڏبو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هر نئين سال شروع ٿيڻ واري ڏينهن هن جي عمر ۾ هڪ سال جو واڌارو ايندو آهي. جمڻ بعد نئين سال جو پهريون ڏينهن چاهي يارهن مهينن کان پوءِ اچي، چاهي هڪ ڏينهن بعد. يعني جيڪڏهن ڪو ٻار نئين سال شُروع ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ جمي ته هو ٻئي ڏينهن ٻن سالن جو سڏيو ويندو. يعني هڪ ڏينهن جو ٻار ٻن سالن جو ليکبو. (اهو طريقو ٻين کي پسند هجي يا نه، پر چيني ڇوڪرين کي ان رواج تي سخت ڪاوڙ آهي، جو عمر گهٽ ٿيڻ بدران وڌيو وڃي). بهرحال توهان کي جيڪڏهن ڪنهن ٻار جا ڪپڙا هانگ ڪانگ، ڪولون يا مڪائو مان ڪنهن چينيءَ جي دڪان تان وٺڻا پون ته هن کي عمر به ٽي سال وڌائي ٻڌائجو. اهو ان ڪري جو چيني قد بُت ۾ به هلڪا آهن. نه ته چيني دڪاندار جي مرضي تي وٺي ايندؤ ته ڇهن سالن جي ٻار جا ڪپڙا، ڳوٺ پهچي ٽن سالن جي ٻار کي به ڇڪي چاڙهڻا پوندانوَ.

♠

هانگ ڪانگ جي مشهور ايئرلائين (هوائي جهاز ڪمپني) جو نالو ڪئٿي (*Cathy*) آهي. دراصل پراڻي زماني ۾ چين کي ان 277

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

نالي سان پڻ سڏيو ويندو هو. جيڪو نالو مشهور سياح ۽ ليکڪ مارڪوپولو (1324ع - 1254ع) مشهور ڪيو. اهو لفظ ”خطائي“ مان نڪتل آهي، جيڪو نالو ايراني، ڏهين صدي عيسوي ۾، چين جي تاتاري حڪومت لاءِ استعمال ڪندا هئا.

♠

اڄُڪلهه ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر شهر جي پٽين تي ”چيني دواخانن“، ”انڊونيشي حڪيمن“، ”دهلوي جنسي شفاخانن“ ۽ ”نامنظور- نامنظور“ سان گڏ ”ٽائيگر - بام“ جو اشتهار نظر اچي ٿو. اهو الائي ڪهڙي ٽائيگر بام جو اشتهار آهي، پر هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور ۾ تمام گهٽي عرصي کان ”ٽائيگر بام“ نالي بام ملي ٿو ۽ ڪنهن زماني ۾ اهو ساڳيو پاڪستان ۾ پڻ وڪري لاءِ ايندو هو. هي بام مشرق جي ملڪن ۾ تمام مقبول ۽ مشهور آهي. مٿي جي سور، ٿڌ، زڪام ۽ ٻين بيمارين لاءِ مفيد ۽ يڪ ٽڪ علاج چيو وڃي ٿو. (اهو جملو پڙهي مون کي ڪو دوا فروش يا ان جو ڪميشن ايجنٽ نه سمجهجو). اهو مشهور ملم هانگ ڪانگ جي ”آ- بون - ها“ (Aw_Boon_Ha) نالي هڪ شخص ايجاد ڪيو هو جو 1954ع ۾ پاهتر سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو. هي اهو ئي شخص



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي، جنهن هتي جي مشهور اسٽئنبرڊ اخبار شُروع ڪئي ۽ هتي سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ جا مشهور زو (*Zoo*) ٺهرايا جيڪي اڄڪلهه ”ٽائيگر بام گارڊن“ (*Tiger Balm Garden*) جي نالي سان سڏجن ٿا.

♠

جيئن اسان وٽ ان قسم جون دعائون عام آهي ته : شل ست جوانيون ماڻين، ست ونيون ماڻين، يا ستن پٽن وارو ٿئين. تهڙيءَ طرح چينين ۾ پڻ قديم زماني کان اولادي عيالي ٻڄڻ جون دعائون هلنديون اچن. پر اڄڪلهه خانداني منصوبه بندي ( *Family Planning*) ايترو ته زور وٺي وئي آهي جو تائيوان جي ليجسليٽر ”هنگ يين چِيوءَ“، چينين جي هڪ قديم راڳ ”شل سؤ پٽن ۽ هزار پوٽن وارو ٿين“ (جيڪو چيني، شاديءَ رات ڳائيندا آهن) کي ڦيرائي هن ريت ڪرائي ڇڏيو آهي، ”شل ٽن پٽن ۽ نَون پوٽن وارو ٿين.“

♠

هتي جا ماڻهو (چيني)، نانگ بلائون عام کائين. خاص ڪري



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سياري ۾ سرءُ جي موسم ۾ ٿڌ کان بچڻ خاطر ٿن چئن قسمن جي نانگن کي گڏ رڌي ڪاڙهو وجي ٿو. چينين جي چوڻ مطابق نانگ تمام لذيذ ٿئي ٿو ۽ منجهس شهواني طاقت پڻ آهي. وائي سُور چيلهه جي سُور چُڪ، چڪي ۽ ٻين ڪيترين ئي بيمارين جي علاج لاءِ نانگ جو پتو (*Gall_Bladder*) سڄو يا پوري، شراب جي ننڍي گلاس ۾ وجهي ڳيت ڏئي پيتو وڃي ٿو.

ڪولون ۾ هانگ ڪانگ جي ڪيترين هوٽلن جي اڳيان شيشي جي ڪٻٽن ۾ جيئرا نانگ گراهڪن لاءِ رکيا هوندا آهن ۽ گراهڪ جي پسند مطابق اهو نانگ تري يا رڌي کيس پيش ڪيو ويندو آهي. ان بابت تفصيل سان ذڪر شُروع ۾ ڪري چُڪو آهيان.

♠

چيني قوم ۾ ڏاريان اها ڳالهه محسوس ڪن ٿا ته هنن جو مهاندو هڪبئي سان ڏاڍو ملي ٿو. سندن چهرو جذبات کان بلڪل خالي لڳندو. توهان کي خبر نه پوندي ته اڳلو خوش آهي يا ڪاوڙ ۾، ڏک ۾ آهي يا پريشانيءَ جي حالت ۾ . بقول حيدرآباد جي حسين شاهه بخاريءَ جي جيڪو ڪولون ۾ مليو هو: ”چينين جي شڪل



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هڪيئي سان ايتري ملندڙ آهي جو هفتو ڏيڍ هتي رهڻ بعد به ڪيترا چهرا ساڳيا ساڳيا پيا لڳن ۽ اسان ايترو منجهيل آهيون جو ڪو چيني ڏڪ هٽي ميڙ ۾ گهڙي وڃي ته ڳولي نه سگهنداسين ته اهو ڪهڙو هو ۽ وري ساڳيو ڦري اچي همدردي ڪري ته به هن جي ڳالهه تي يقين اچي ويندو ته اهو ڏڪ هٽڻ وارو بيو هو ۽ همدردي ڪرڻ وارو بيو چيني آهي.“

♠

1911ع کان اڳ چيني عورتن ۾ ننڍا پير ڪرڻ جي رسم هلندي پئي آئي ۽ ننڍا پير سونهن جي نشاني سمجهيو ويو ٿي. ننڍي هوندي کان عورتون پنهنجين ڌيئرن جا پير ٻڌي ڇڏينديون هيون، جيئن اهي جسم سان گڏ واڌ نه ڪائين. چون ٿا ته ڪنهن زماني ۾ هڪ شهنشاهه جي دلپسند سُريت جي پيرن ۾ ڪو عذر ٿي پيو ۽ ان جا خدمتگار ۽ وزير وزراءَ خوشامد خاطر ۽ بادشاهه کي اهو ڏيکارڻ خاطر ته اهي پير پاڻ وڏيڪ سهڻا لڳن ٿا پنهنجن ڌيئرن جا پير پڻ ننڍا ڪرڻ لڳا. بهرحال ان مصيبت کان غريب عوام بچيل هو. ڇاڪاڻ جو پير ٻڌي ننڍا ڪرڻ دوران ڇوڪريءَ کي هلائڻ لاءِ ٻن نوڪراڻين جي ضرورت پوي ٿي ۽ غريب ماڻهو نوڪرياڻيون



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

رکي نہ ٿي سگهيا. چنگ گهراڻي جي خاتمي بعد ان رسم تي بندش وڌي وئي ۽ اڄڪلهه جي چيني عورتن ۽ ڇوڪرين جا پير دنيا جي ٻين ماڻهن جهڙا ۽ جسم مطابق آهن. البت ڪٿي ڪٿي، ڪنهن گهٽيءَ يا گهر اڳيان ڪڏهن ڪڏهن ڪا ڪُراڙي پراڻي زماني جي ننڍن پيرن واري نظر اچي وڃي ٿي جنهن جا پير اڇي رنگ جي سوٽي جورابن ۾ ويڙهيل هوندا ۽ هوءَ گڏيءَ جي بوٽن جهڙو بوٽ پائي شرمائيندي رهندي آهي.

♠

1971ع تائين هانگ ڪانگ ۾ قانوني طرح سُريت (*Concubine*) رکڻ عام هو ۽ ان وهاريل زال جي اولاد کي پڻ قانوني سڌيو ويو ٿي، پر اڄڪلهه اهو رواج سرڪاري طرح بند ٿيل آهي. پر ڪنهن دولتمند جي چوڻ مطابق: ”هانگ ڪانگ ۾ پيسي جو کيل آهي، جنهن جي زور تي سڀُ ڪجهه جائز آهي ۽ ان قسم جا سماجي قانون فقط ڪاغذن تائين محدود رهن ٿا.“ هانگ ڪانگ ۾ دنيا جا مشهور ۽ مهانگا شراب خانا (*Bars*)، هوٽلون ۽ سستا مساج گهر (*Massage Houses*) ۽ غسل خانا (جنهن ۾ ڇوڪريون اگهاڙيون ٿي مالش ڪن ٿيون ۽ وهنجارين ٿيون)،



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چپي چپي تي نظر ايندا. ان کان علاوه دولتمند مغربي مردن ۽ عورتن کي چڪلن ۽ هوموسيڪشوئل (عورتن ۽ مردن) جي اڏن تي پهچائڻ لاءِ ٽئڪسي ڊرائيور ۽ دلال، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ واجهائيندا نظر ايندا. ڪيترين ئي هوٽلن ۾ ويندڙ جي لباس تي پابندي لڳندي وڃي ته فقط ڪاري سوٽ ۽ ٽاءِ ۾ ئي اچي سگهي ٿو پر خدمتگار ڇوڪرين جي لباس ۾ ڊر ڏني وئي آهي ۽ بڪني کان ٽاپ ليس (فقط ڪڇي) تائين معاملو اچي پهتو آهي.

♠

جيئن اسان جي پاسي جي ملڪن جا پورهيت ۽ مزدور دبئي، قطر، بحرين، ڪويت، ايران، عربستان ۽ لبيا ڏي پورهئي ۽ محنت مزدوريءَ لاءِ قانوني ۽ غير قانوني طرح وڃن ٿا. تيئين هتي روزانا اهڙيون خبرون اخبار ۾ ايندڙيون آهن ته فلپين، ڏکڻ ڪوريا، ڪمبوڊيا ۽ ٿائلنڊ جون ڇوڪريون غير قانوني طرح هانگ ڪانگ ۾ سياح جي حيثيت ۾ رهي بد - پيشي (*Prostitution*) مان پئسو ڪمائي رهيون آهن.

♠



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هتي اڪيلي آيل سياحن ۽ مسافرن لاءِ عارضي طور خوبصورت ساٿي پيش ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ئي ڪمپنيون آهن. جن جا اشتهار هر روز هتي جي اخبارن ۽ رسالن ۾ اچن ٿا ته. ”توهان جي چڙا آهيو ته اڪيلائي محسوس نه ڪريو ۽ پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ فقط سٺ روپيا ڪلاڪ جي حساب سان ڪا به خوبصورت چوڪري *Escort* چونڊيو.“ ڪي فخريه فوٽن سان اشتهار ڏيندا آهن ته. ”اسان جون خدمتون حاصل ڪريو. دنيا جي مشهور ملڪن ۽ زبانون ڳالهائيندڙ چوڪريون توهان جو ساٿ ڏيڻ لاءِ هر وقت حاضر آهن. راضپو ۽ پسند (*Satisfication*) جو ذمو اسان تي. هانگ ڪانگ ۾ رهڻ دوران گهمڻ ڦرڻ ، ڊانس ۽ دعوتن ۾ گڏ هلڻ ۽ خريداري ڪرائڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ پنجاهه روپيا في ڪلاڪ جي حساب سان بهترين ساٿي!“ يعني اهو ته ٿيو مقرر اگهه. وڏيڪ پاءُ اٿو ڪائڻ وارو هر انسان، اهو سمجهي ٿو ته جيترو وڏيڪ ڳڙ وجهبو اوتري چاشني مٺي ٿيندي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# پورو ٿيو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com



# الطاف شيخ

## مئرين انجنيئر

Altafshaikh2004@yahoo.co.uk



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com